# منهنجي مٽڙي سنڌ

ناول

ڪرشن کٽواڻي



Sindhica
سنڌيڪا

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# منهنجي
# مٽي
# سنڌ

(ناول)

ڪرشن کٽواڻي

Sindhica
سنڌيڪا

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: منهنجي مٺڙي سنڌ
ليکڪ: ڪرشن کٽواڻي
ڇپجڻ جي تاريخ: سيپٽمبر 1991ع
تعداد: ٻه هزار
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: طارق هيسباڻي ۽ وسيم ميمڻ
ڇاپيندڙ: ذڪي پريس ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت:- 45 رپيا

All rights are resvered for Publisher.

Munhnjee Mithri Sindh (Novel)
(My Lovely Sindh)
Language: Sindhi
Written by: Kirshin Khatwani
Published by: Sindhica Academy
**Price: Rs: 45.00**

سول ڊسٽري بيوٽرز
**آزاد ڪميونيڪيشنز**
B-24 نيشنل آٽو پلازه
مارسٽن روڊ ڪراچي.
فون: 7737290

# پبليشر پاران:

ابوالڪلام آزاد چيو هو تہ: ”جيڪڏهن آسمان جي بلندين تان هڪ فرشتو لهندي ڏسان، جيڪو آزاديءَ جو پروانو هٿ ۾ جهلي چوي تہ اوهان کي آزادي چوويهن ڪلاڪن جي اندر ملي ويندي، صرف هندو مسلم اتحاد تان هٿ کڻي وڃو تہ آءٌ وراڻيندس تہ، (انهيءَ شرط تي) آزادي نہ کپي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن آزادي ملڻ ۾ دير ٿي تہ اهو هندستان جو نقصان آهي، پر جيڪڏهن هندو مسلم اتحاد ٽٽو تہ اهو انسانيت جو نقصان آهي، جيڪو برداشت نہ ٿو ڪري سگهجي.“

هندستان جي ورهاست جي نتيجي ۾ نندي ڪنڌ ۾ انسانيت جي نقصان جا ڪيڏا منظر سامهون آيا، اهي انساني تاريخ جو هڪ وڏو الميو آهن. هتي نئين سنڌ جي اڏڻ لاءِ جيڪي سپنا شهيدالله بخش سومري جي لڏي ڏٺا هئا سي انسانيت جي ان وڏي نقصان جي ور چڙهي ويا.

هي ناول انهي ساڳئي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪرشن کٿواڻي نئين سنڌ کي اڏڻ ۽ مدي خارج نظام کي بدلائڻ جو اتساهہ سنڌ جي نوجوانن ۾ ڇولين جيان ڇلڪايو آهي. بقول طارق اشرف تہ ”ورهاڱي کان اڳ شيام ۽ سندر نئين سنڌ جي اڏڻ جا جيڪي سپنا ڏٺا هئا، اهڙا سپنا هميشہ سنڌ جي ضرورت رهيا آهن. اسان کي نئين سنڌ اڏڻ لاءِ، انهن سپنن کي سچو ثابت ڪرڻو پوندو.“

’منهنجي منڙي سنڌ‘ سنڌيڪا جي اشاعتي سلسلي جو ٽيون ۽ فڪشن تي ڇهريون ڪتاب آهي. پروفن پڙهڻ ۽ هندي لفظن کي سنڌي قالب ڏيڻ جو ڪم نوجوان ليکڪ ۽ ٻوليءَ جي پارکو محترم آفتاب ابڙي ڪيو جنهن لاءِ سندس ٿورائتا آهيون.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

# مهاڳ

ڪرشن کٽواڻيءَ جو نالو ذهن ۾ ايندي ئي، هڪ سهاجهو، کهڻ ڳالهائو ۽ قرب وارو شخص اکين آڏو اُڀريو اچي. اِهو مان انهيءَ ڪري چئي سگهان ٿو، ڇو ته سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن پاران ڪرايل 'سچل ڪانفرنس' ۾، جڏهن ڪرشن کٽواڻي ڀارت کان آيو هو، ته منهنجيون به ساڻس ٽي ملاقاتون ٿيون هيون. جيتوڻيڪ اِهي ملاقاتون انتهائي مختصر هيون، پر انهن مختصر ملاقاتن جو منهنجي ذهن ۽ دل تي ايڏو گهرو اثر ٿيو، جو اِهو هميشہ قائم رهندو.

خود ڪرشن کٽواڻي سنڌ مان اهڙيون وڻندڙ يادون کڻي ويو آهي، جو هاڻ ڪيس انهيءَ ڳالھ جو ارمان پيو ٿئي ته هو چاليھ سال سنڌ ۾ ڇو نہ آيو. اهڙو ذڪر هن مون سان ڪيترن ئي خطن ۾ ڪيو آهي. سنڌ مان موٽي ڀارت وڃي، هن سنڌ تي ٻہ ڪهاڻيون، جن مان هڪ طويل ڪهاڻي آهي، لکيون آهن. انهيءَ کان علاوه هن سنڌ جو سفر نامو پڻ لکيو آهي، جنهن جي خاص ڳالھ اِها آهي تہ پورو سفر نامو شعرن ۾ آهي. ۽ شايد سنڌيءَ ۾ اهڙي قسم جو پهريون سفر نامو آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي دل ۾ سنڌ لاءِ محبت، سنڌ مان هيهر ٿي وڃڻ کان پوءِ نہ جاڳي آهي، بلڪ سنڌ سان محبت، ڪرشن جي دل مان ڪڏهن بہ نہ نڪتي آهي، سنڌ سان محبت سندس رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. هو سدائين پنهنجي وطن کي ياد ڪندو رهيو آهي، جنهن جو ثبوت سندس ناول 'منهنجي منڙي سنڌ' آهي. هُنَ ڀارت وڃڻ کان پوءِ، سڀ جي شروعات ۾ اهو ناول لکيو، جيڪو 1962ع ۾ ڇپيو. سنڌ سان سندس محبت جو اندازو هن ناول جي نالي مان بہ لڳائي سگهجي ٿو. 'مُنهنجي منڙي سنڌ' ڪيڏو نہ پيار ۽ اُتساه ظاهر ٿئي ٿو. اهو ناول جيتوڻيڪ ورهاڱي کان اٽڪل پندرنهن سالن کان پوءِ هيءُ ناول لکيو ويو آهي. پر ايترن سالن کان پوءِ بہ پنهنجي ڌرتي کي ڇڏڻ جي ڏک جو احساس، اهڙيءَ ريت ڇٽيل آهي، لڳي ٿو، ڄڻ جنهن ڏينهن ڪرشن کٽواڻي سنڌ ڇڏي آهي، انهيءَ وقت جنهن پيڙا مان هو گذريو آهي، انهيءَ جو اظهار، انهيءَ وقت ڪاغذن تي اوتيو اٿس.

مون کي جڏهن چيو ويو تہ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ناول تي مهاڳ لک، تہ منهنجي لاءِ اِهو اعزاز بيشڪ هو، پر ساڳي وقت منهنجي لاءِ اِها مشڪل ڳالھ بہ هئي، ڇاڪاڻ تہ ڪرشن کٽواڻي تمام سينيئر رائيٽر آهي. مان جڏهن ننڍڙو هوس،

تڏهن ڪرشن کٽواڻي لکڻ شروع ڪيو، يعني 1942ع ۾.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ناول تمام گهٽ لکيا ويا آهن. آغا سليم ۽ سراج ٽي چار ناول لکيا آهن. هڪڙو ناول طارق عالم ابڙي لکيو آهي ٽي سگهي ٿو ڪن ٻين به لکيا هجن، پر اُهي شايد ڪي اهم نه هجن.

ورهاڱي کان گهڻو اڳ سنڌ ۾، ناول لکڻ جي شروعات ٿي چُڪي هئي، ۽ اِها شروعات مرزا قليچ بيگ ڪئي هئي، دلارام (1888) ۽ زينت (1890) ۾ لکيو. انهيءَ کان پوءِ 1892ع ۾ ديوان پريتمداس حڪمت راءِ هڪ ناول لکيو 'عجيب پيٽ'. ڪانئس پوءِ پيرومل، عبدالرزاق، پرسرام شهاڻي، شيوڪ ڀوڄراج ۽ ٻين ڪيترن ناول لکيا. 1941 کان 1947ع تائين جيڪي نوان ناول نگار آيا، انهن ۾ چندو لعل جئسنگهاڻي، گلي سدارنگاڻي، نرمل جيوتاڻي، نهچل واسواڻي، نرملداس فتحچند شامل آهن، پر خاص ڪري رام پنجواڻي، جنهن جا ناول- چانديءَ جو چمڪو، اسان جو گهر، قيدي ۽ شرميلا ڏاڍا مشهور ٿيا. ۽ نارائڻ داس ڀمڀاڻي، جنهن جا ناول 'مالهڻ'، 'وڏوا' ۽ 'غريبن جو وڙٺو' ڏاڍا سٺا ناول هئا ۽ ڏاڍا مشهور به ٿيا.

ورهاڱي کان اڳ جن مسلمان ليکڪن ناول لکيا هئا، انهن مان ڪي ته گذاري ويا ۽ ٻين لکڻ ڇڏي ڏنو. پر ورهاڱي کان پوءِ جيڪي سنڌي ڀارت لڏي ويا، انهن مان ڪن ليکڪن اُتي ڪافي ناول لکيا، جن ۾ چندو لعل جئسنگهاڻي ۽ گوبند مالهيءَ جا نالا اهم آهن. انهن کان علاوه به جن ٻين تمام سٺا ناول لکيا، انهن مان هڪ وڏو نالو موهن ڪلپنا جو آهي، جنهن 'آواره' 'زندگي' ۽ 'رج ۽ ڀاڇا' جهڙا ناول لکيا. ڪني سامتاڻيءَ جو ناول 'واپسي' به هڪ سٺو ناول هو. سندري اُتمچنداڻي به ناول لکيا. انهن کان علاوه گلي سدا رنگاڻي، تارا مير چنداڻي، پوپٽي هيرانندڻي، هري همٿاڻي ۽ هري موٽواڻي پڻ به سٺا ناول لکيا 'ابو' ۽ 'اجهو'.

ڪرشن کٽواڻي پنجن ناول لکيا آهن- 'امر پريم' (1961)، 'منهنجي منڙي سنڌ' (1962)، 'ياد هڪ پيار جي' (1978)، 'وِيرٽ زندگيون' (1978) ۽ 'ست ڏينهن' (1985). پر 'امر پريم ۽ ست ڏينهن' کي ناول جي بدران ناوليٽ چوڻ گهرجي.

ڪرشن کٽواڻي ادب جي گهڻي ڀاڱي هر صنف تي لکيو آهي، سٺو لکيو آهي، پر سندس اصلي سڃاڻپ ڪهاڻي آهي. ڪرشن کٽواڻي 1942ع ۾ لکڻ شروع ڪيو، ۽ 1944ع ۾ ئي سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪهاڻي ڪتاب 'ٽٽل تارون' شايع ٿيو هو، ۽ هڪ ڪتاب 'سياسي مدبر' نالي سان پڻ ساڳي سال شايع ٿيو هو.

ڪرشن کٽواڻي جو فقط اِهو ناول ئي سنڌ ۾ نه ڇپيو آهي، بلڪ سندس ناول 'اَمر پريم' ۽ 'ياد هڪ پيار جي' به سنڌ ۾ ڇپجي چڪا آهن. سندس ناول

’ياد هڪ پيار جي‘ تي ڀارت جي ساهتيہ اڪيڊمي انعام بہ ڏنو آهي. سندس اهو ناول ٻہ ٻيو ’امر پريم‘ هندي ۽ گجراتيءَ ۾ بہ ترجمو ٿي ڇپجي چڪا آهن.

هيءُ ناول ورهاڱي کان اڳ واري سنڌ جي بيڪ گرائونڊ ۾ لکيو ويو آهي. ۽ انهيءَ جي پکيڙ ورهاڱي ٿيڻ تي پوري ٿئي ٿي، جڏهن ناول جو هيرو شيام سنڌ ڇڏي، ڀارت جي شهر بمبئي ڏانهن وڃي ٿو. ۽ بمبئي ويندي بہ کيس وري سنڌ ورڻ جي خواهش جاڳي ٿي.

سنڌ جي ماحول يا سنڌيت تي ڀارت جي ٻين ليکڪن بہ ڪافي ناول لکيا آهن، جن ۾ گوبند مالهيءَ جو نالو سڀ کان مٿيرو آهي. هُنَ پنهنجي ناول ’شرم ٿوٽي‘ ۾ قاضي دين محمد کي هيرو بڻائي پيش ڪيو هو. ۽ ڪرش ڪنواڻي پنهنجي هن ناول ۾ سنڌ جي داهي سوڀي گيانچنداڻيءَ کي سندر جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

ڪرشن ڪنواڻي جي پنجن ناولن مان سنڌ تي سندس اهو هڪڙوئي ناول آهي. هن ناول کي پڙهڻ کان پوءِ، ورهاڱي کان پهرين جي سنڌ جي حالتن جي چڱي ڄاڻ ملي ٿي. ڀارت لاءِ وچڻ کان پوءِ، جن ليکڪن اُتي سنڌ جي بيڪ گرائونڊ تي ناول لکيا آهن، هي ناول انهن ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. موضوعَ جي لحاظ کان ناول ڪافي پکڙيل آهي، ۽ ڪردار بہ ڪافي آهن. پر ڪرشن جي گرفت ناول تي مضبوط آهي. ورهاڱي کان اڳ هلايل آزادي واري تحريڪ . انهيءَ وقت ماڻهن جي سوچ، ماڻهن جا مسئلا، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سوچ جون فرق. ڪرشن ڪنواڻي سيني تي روشني وڌي آهي ۽ سٺو نباهيو اٿس.

جيڪي ورهاڱي وقت ننڍا هئا، يا پوءِ ڄاوا، هن ناول پڙهڻ کان پوءِ، انهن جي اکين آڏو انهيءَ وقت جي سنڌ اچي ويندي. ناول جو هيرو شيام هڪ آئيڊل قسم جو ڪردار آهي، جيڪو شاعر آهي ۽ ڳوٺ جي ماستر نورالله جي صحبت ڪري منجهس انقلابي ۽ آزاد خياليءَ جي سوچ پيدا ٿئي ٿي. ۽ جڏهن هو شهر ۾ اچي ٿو تہ پنهنجا هم خيال دوست ڳولهي ٿو وٺي، خاص ڪري سندر جيڪو ڪميونسٽ آهي. هو سندر سان گڏ ادبي ڪچهرين ۾ وڃي ٿو، مزدورن جي وستين ۾ وڃي ٿو. سندر هُنَ ۾ نئين سنڌ جي اڏڻ لاءِ اُتساهہ جاڳائي ٿو. ۽ نئين سنڌ کي اڏڻ ۽ فرسوده نظام کي بدلائڻ جون ڳالهيون سمجهائي ٿو. ۽ هي ٻئي پنهنجا اهي سهڻا خيال ڪٺي ماڻهن وٽ وڃن ٿا ۽ انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا.

ٻولي ۽ اظهار جو پاڻ ۾ گهرو تعلق هوندو آهي. جيڪڏهن ٻولي اهڙي ڪم آئجي، جنهن مان چيل ڳالهہ جو اظهار پوريءَ ريت نہ ٿيندو هجي، يا ليکڪ جنهن ڳالهہ جو اظهار ڪرڻ گهري ٿو، جيڪو ڪجهہ پڙهندڙن کي محسوس ڪرائڻ چاهي ٿو، اُهو پڙهندڙ کي پوريءَ ريت محسوس نہ ڪرائي سگهي تہ ليکڪ جي ناڪامي چئبي. پر ڪرشن ڪنواڻيءَ جي خوبي اها آهي تہ هو جيڪو ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو، جيڪو محسوس ڪرائڻ گهري ٿو، اُهو هُنَ اهڙي انداز سان لکيو آهي،

خلاس مان آهي. خود ڪرشن کٽواڻيءَ جو شمار ترقي پسند ليکڪن ۾ ڪونهي، پر هيءُ ناول پڙهڻ کان پوءِ لڳي ٿو تہ هو هڪ سچو ترقي پسند ليکڪ آهي.

ڪرشن کٽواڻي ٽنگور جي شانتي نڪين ۾ پڙهيو آهي. انهيءَ ڪري سندس لکڻين ۾ سنگيت بہ نظر ايندو، چترڪاري بہ نظر ايندي، سندس ڪردار گنڀير بہ هوندا، سنئو سياءُ بہ هوندو، لهجو بہ نرم هوندو ۽ هنن جي آڏو ڪو اهم مقصد بہ هوندو.

ڪرشن کٽواڻي انهن ڪجھ ليکڪن مان آهي، جن ورهاڱي کان اڳ لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين لکي رهيا آهن. ۽ بيشڪ ڪرشن کٽواڻيءَ جو شمار سنڌ جي انهن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي تاريخ ۾ – 'وڏا ليکڪ' ليکبا.

**--- طارق اشرف**

19-9-91

ڪراچي.

# گوث

# هڪ

ڌرتيءَ جي سڳنڌ چوطرف ڦهليل آهي. اوُءَ پهاڙن مٿان اُڏندي، فضا ۾ پاڻ وڪوڙي پيئي، مرڪي ته ڇڻ سمنڊ جي ڪناري اڪيلي وينجي ڇولين سان ڳالهيون ڪري. ڌرتيءَ جي هيءَ سڳنڌ گل جي خوشبوءِ جيان تيز تکڙي نه آهي. هلڪي، هلڪي ۽ وڻندڙ هيءَ سڳنڌ اسانجي حواسن سان مليل آهي. اسانجي آشا هن سڳنڌ ۾ سنان ڪري پاڻکي پوتر ڪندي آهي. سنسار جي اِبتدا کان هيءَ مهڪ چوطرف ڦهليل آهي ۽ انت تائين ائين ڦهليل رهندي.

ڌرتي اسانجي ماتا آهي. سندس ڪُکِ مان اسين پيدا ٿيون ٿا. اسانکي هوءَ پالي پوشي وڏو ڪري ٿي ۽ جڏهن اسين ٿڪجي پئون ٿا ته هوءَ اسانکي ڇڪي، ڇاتيءَ لائي، پنهنجي گود ۾ سمهاري ڇڏي ٿي.

ڌرتيءَ کي اسين پيار ڪريون ٿا.

پر پيار ڪرڻ لاءِ انسان گهٽي کي ٿوري جو روپ ڏيندو آهي. اَٿاه ۾ ڪو ننڍو حصو ڳوليندو آهي؛ اِنسانن جي هجوم ۾ هڪڙو اِنسان چوندبيندو آهي.

زمين اٿاه آهي. حسابن جي دنيا ۾ اِنسان اُنجي ماپ ڪري سگهي

ٿو، پر احساس ۽ ڪلپنا جي دنيا ۾ اُجو ڪو انت ڪونهي. انسان هن ڌرتيءَ کي ملڪن ۾ ورهايو آهي ۽ اُنهن کي پنهنجا نالا ڏنا آهن. هر هڪ ملڪ جا ماڻهو پنهنجي ماحول ۾ پليا آهن ۽ هو پنهنجي ڌرتيءَ کي پيار ڪن ٿا.

ڀارت جي اولهه ۾ سنڌوندي ڏيمڀءَ چال سان وهندي، ميدانن ۽ برپٽن کي سجائيندي سمنڊ ڏانهن پيئي وڃي. متي ڳاڙهسري آهي، ٻوٽا ننڍڙا آهن، جبل نه، پر ٽڪريون آهن ۽ آڪاش صاف آهي؛ ان ديس جو. اُن ديس کي چون 'سنڌوديس.'

سنڌو ديس جي متيءَ ۾ پليل اِنسانن جي هيءَ هڪ ڪهاڻي آهي.

برسات اُتي گهٽ پوي، پر تڏهن به ملڪ سائو ستابو آهي. ننڍڙا ننڍڙا ٻيلا ٿوري ٿوري مفاصلي تي ٻنين جي ڪنارن تي سانت ۾ آهن ۽ باغن جي وچم ملن ٿا ڳوٺڙا جن ۾ متيءَ جون ٺهيل جايون، ننڍڙيون گهٽيون ۽ اُنهن ۾ رهندڙ حُب ۽ سڪ وارا انسان.

"خدابخش جو ڳوٺ" به هڪ ڳوٺ ئي هو. زمانو ڪڏهن آلس وچان ڪر موڙيندو آهي ته ڪڏهن طوفان جيان دز اڏائيندو اڳتي وڌندو آهي. خدابخش هڪ هنيلو ۽ پٿر دل شخص هو. غريب گهر ۾ ڄائو هو؛ پر غريبيءَ کان نفرت هئس. سندس سياءَ ڪيس ڌاڙيلن جي ٽوليءَ ۾ آڻي پهچايو. هڪ ڏينهن ڌرتيءَ ويلي هو اُڄ ۾ ساٿو، اُٿ تي چڙهيل هڪ ڳوٺ مان لنگهيو. ڳوٺ ٻاهران، پٿرائين زمين تي ڪيس هڪ کوه نظر آيو. اُتي پهچڻ سان سندس اکيون ڦاٽي پيون. هڪ جوان نينگري، ستارن پريل چولي ۽ چُريل چادر ۾ بيٺي، پاڻيءَ جو دلو ڀري رهي هئي. خدابخش ٻنهي هٿن سان ٻڪ ٺاهيو. نينگري ڊني، هچڪي ۽ پوءِ دلو ڪٽي پاڻيءَ جي نيسر اوپري ماڻهو جي ٻڪ ڏانهن ڪيائين.

اُس جي تپت ۾ چوڪريءَ جا ڳل ڳاڙها هئا. اکيون نيراڻ ڏي مائل، نڪ ڊگهو ۽ منهن سپاجهو. خدابخش اُڄ مٽائيندي اهو سڀ ڏٺو

۽ خيال کي ارادي جو روپ ڏنائين.

هن تپ ڏيئي ڇوڪريءَ جي منهن کي پٽڪي سان ٻڌو. ڇوڪري دپ ۾ بيهوش ٿي ويئي. خدابخش پنهنجين سگهارين ٻانهن ۾ اُن نازڪ بدن کي کنيو ۽ اُٺ کي ڊوڙايائين.

جاگيردار جي حويليءَ ۾، اُن رات هڪ ڇوڪري خوب لڇي، ڦٿڪي. هن گهٽو ئي ليلايو، آزيون نيزاريون ڪيون، پر ديواريون خاموش رهيون. جاگيردار شراب پي رهيو هو ۽ نينگر جي لڇڻ ڦٿڪڻ کي ائين ڏسي رهيو هو جيئن هڪ ٻار ناچ ڪندڙ رانديڪي کي ڏسندو آهي.

خدابخش کي انعام ۾ مليو هڪ زمين ٽڪر. هو ذاڙيل مان زميندار بڻيو ۽ جيڪو ڳوٺ اَڏايائين اُن جو نالو رکيائين ”رئيس خدابخش جو ڳوٺ.“ هن خوب پئسو ڪٺو ڪيو، گهڻئي معصومن جو ست ٽوڙيائين، پنهنجي حويلي اَڏايائين ۽ زمينداريءَ کي وڌائي پيٽو ٽيٽو ڪيائين.

پر هڪ ڏينهن زمين ڪيس سڏ ڪيو ۽ هو انڪار ڪري نه سگهيو. جنهن مٽيءَ مان محل اَڏايو هو، سو خود مٽي ۾ گم ٿي ويو پر محل اڃا بيٺو هو. مٽي، جا پوتر آهي سا انسانن ۽ حيوانن ٻنهي کي پاڻ وٽ جڳهه ڏئي ٿي ۽ سندس خوشبوءِ سدا ڦهلجندي رهي ٿي.

ڳوٺ وڌندو رهيو. آس پاس جي ڳوٺن مان ماڻهو لڏي اُتي اچي رهيا. جايون ۽ حويليون اُسرڻ لڳيون. ڳوٺ واپار جو مرڪز بڻجڻ لڳو. اسڪول کليو، اسپتال کلي، ٿاڻو آيو.

اونهاري جي چانڊوڪي هئي. نرمل آڪاس، ڌرتي ۽ جايون بلڪل سانت. اڌ رات جو سمو. سيٺ چاچيمل اوطاق تي ٽنگون ٽيڙي کٽولي تي سمهيو پيو هو. هو خواب ۾ قاسم کي ڏسي رهيو هو جو روئي رهيو هو. پر چاچيمل جو من ڪين پنو، هو پاڻ خوش هو. چاچيمل ڪاغذ

اڳتي وڌايو ۽ قاسم کي ان تي آڳونو هٿڙو ئي پيو. قاسم جي زمين ڳوٺ ۾ ڀلي ۾ ڀلي هئي ۽ ڄاڃيمل سپني ۾ قاسم جي اِها زمين پائي ڏاڍو خوش ٿيو.

اِتي ڄاڃيمل جو سپنو ٽٽي پيو. هو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ دکي ٿيو ۽ جيئن ئي اکيون کوليائين تيئن پنهنجي نوڪر ڦڳڻ کي سامهون بيٺل ڏٺائين.

”ڇا آهي، ڦڳڻ؟“ ڄاڃيمل ڪجهه غصي، ڪجهه اچرج وچان پڇيو.

”سائين جلد گهر هلو. سائين جن کي فرزند پيدا ٿيو آهي.“

سپني ۾ محسوس ڪيل خوشيءَ جي پنگ ٿيڻ جو ارمان ڄاڃيمل ڪان وسري ويو. هو پنهنجي ڌوتي سنڀالي اُٿيو، پاسي ۾ اسٽول تي رکيل لوٽيءَ مان پاڻيءَ لپ ڀري منهن ڌوتائين ۽ نوڪر سان گڏ گهر ڏانهن هليو.

گهر جا سڀ ڀاتي جاڳيل هئا. اوڙي پاڙي جون زالون- ڪي اندر، ڪي ٻاهر هيون. ڄاڃيمل کي آيل ڏسي هنن روَن يا چادرن سان منهن ڪٽي ڍڪيا ۽ سندن ڇلائڻ بند ٿي ويو.

گنشي ڏاڏيءَ چادر مان اک ڪڍي چيو: ”ساوتريءَ پيءُ، واڌايون هجني. پٽ ڄائو ٿئي.“

ڄاڃيمل هٿ جوڙي چيو: ”گروءَ جي ڪرپا آهي. هو سڀني تي مهربان آهي.“

ساوتري ڄاڃيمل جي وڏي ڌيءُ جو نالو آهي ۽ نئين ڄاول ٻار جو نالو رکيائون: شيام.

صبح جو سج اُڀرندو آهي ۽ رات جو اُلهندي طرف ٻڏي ويندو آهي، پر ڪير به اُن ڏانهن خيال ڪونه ڏيندو آهي. ائين جڏهن نئون ٻار ڄمندو آهي ته اِنسان ان کي عام واقعو سمجهي ڌيان ڪونه ڏيندا آهن.

پر هڪ اِنسان جو هن دنيا ۾ اچڻ ڪيڏو نہ وڏو واقعو آهي، اُن کي تمام ٿورا ماڻهو سمجهن ٿا.

نندڙو اُسرندڙ ڳوٺ. ڄاڃيمل جو واپار وڌي رهيو هو. ٿورا سال اڳ جي ئي ڳالهہ آهي.... هڪ ڄاڃي واٽي ڳوٺ ۾ موڌڪو هٽ کوليو هو. ڄاڃيءَ مان بدلجي هو ڄاڃيمل ٿيو ۽ پوءِ سيٺ ڄاڃيمل سڏجڻ لڳو. ڳالهہ ڪالهوڪي آهي پر هنڙن واقعن کي ڪير بہ ياد ڪونہ ڪندو آهي. سيڪو مٿي پهاڙ جي چوٽيءَ ڏي نهاريندو آهي، هيٺ پاڙ ڏي نهارڻ جي عادت اِنسان ۾ ڪونہ آهي.

خدابخش بعد اللهبخش سندس پٽ زميندار بڻيو. هو عيشن ۾ ڄائو، عيشن ۾ پليو ۽ وڏو عياشي بڻيو. خدابخش جو ڪنو ٿيل پئسو شراب ۾ لٽجڻ لڳو. نچڻيون ڇيڙ وجهنديون هيون، آس پاس جا زميندار شڪار لاءِ ايندا هئا، ٻڪرا ڪسبا هئا، ڪڪڙ ڪٺبا هئا، شراب جون بوتلون کلنديون هيون. الله بخش ڄاڃيمل کان اوڌر کڻڻ لڳو: پنهنجيون زمينون وڪڻڻ لڳو.

زميندار کي پنهنجي ڇيچ ۾ ٻڌي ڄاڃيمل تڪ جي اٽيڙهيل ماڻهن کي لٽڻ جو پروانو حاصل ڪيو. ڳوٺ جي هندن جي پاڙي ۾ هڪ دگهي جاءِ سِسُ ڪڍڻ لڳي. ڄاڃيمل پنهنجي مٽيءَ جي جاءِ ڍهرائي پڪسري جاءِ ٺهرائي. زال جي ٻانهن کي سونن چوڙن سان سينگاريائين. درياه شاه جو شوالو ٺهرائڻ لاءِ پنج سؤ روپيا دان ڪيائين. هو ڳوٺ جي هندن جو مکي چونڊيو.

شيام ڳالهائڻ جيڏو ٿيو هو. هڪ ڏينهن پهرين ماڙ جي هڪ ڪمري ۾ سامهون ويٺل ساوتريءَ کي چيو: ”ساتلي، مونکي آکاڻي ٻڌاءِ.“

ساوتري ننڍي ياءُ کي ڏاڍو ياڻيندي هئي. هن ياءُ کي گود ۾ وهاري چيو: ”هڪڙو هو راجا....“ ساوتري ڪڏهن ير واري

ٻڪوٽ ۾ ناناٽي ويندي هئي ۽ اُتان گهٽيئي ڪهاڻيون ٻڌي ايندي هئي. اهي هوءَ ڏاڏي چاهہ سان شيامر کي اچي ٻڌائيندي هئي.

شيامر شڪل جو سهڻو، بدن جو سنهو هو. سندس اکيون سدائين خوابن سان ڀريل هونديون هيون. ويڪرو نرڙ، نرمر وار. جڏهن ساوتري گهر ۾ ڪانہ هوندي هئي تہ هو ڪڏ تي ويٺو دور گگن ڏانهن نهاريندو رهندو هو. ڪانوَ ڪان ڪان ڪندا، ڪُڏ جي پَتين تي اچي ويهندا هئا. مٿنا وڻ جي پن ۾ پاڻ لڪائي آواز ڏيندي هئي. وڻ هوا تي ويٺي وانگر جهولندا سوَن سوَن ڪندا هئا. سرشٽي سانت هئي پر خاموش نہ. جيئن دل سانت ۾ ئي ڳالهيون ڪندي آهي، تيئن قدرت چپ رهندي بہ ڪهاڻيون ٻڌائيندي آهي.

ٻالپڻ جا ڏگها ڏينهن ۽ ننڍيون راتيون ٻار جي پينگهي کي لوڏي لولي ڳائيندا آهن. نہ دائيءَ کي خبر هوندي آهي تہ ٻار ڪٿان ٿو اچي، نہ ٻار کي خبر هوندي آهي تہ مان ڇو آيو آهيان.

هو وڏندو آهي جيئن ٻوٽو وڏو ٿيندو آهي. هو پنهنجي چوگرد دنيا کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو رئندو بہ آهي ڇاڪاڻ تہ سندس دنيا هميشہ سکي ڪانہ هوندي آهي.

ڇاڇيمل ويجهڙائيءَ ۾ هڪ وڏو باغ ورتو هو. ان ۾ انبن، توتن ۽ زيتونن جا وڻ هئا. هڪڙو بادام جو وڻ هو ۽ ٻہ ٽي گيدوئڙن جا. ساوتريءَ کي ان باغ ۾ وڃڻ تي بندش هئي ڇاڪاڻ تہ هوءَ وڏي ٿي چڪي هئي. شيامر اُتي ويندو هو ۽ پنهنجا کيسا انبڙين سان ڀري ايندو هو. ڀاءَ ڀيڻ گڏجي، ڦارون ڪري اُنهن ۾ ڪنڊ وجهي، اُهي کائيندا هئا. شيامر ڌيمي آواز ۾ باغ جون ڪهاڻيون ڀيڻ کي ٻڌائيندو هو ۽ ساوتري وات ڦاڙي ٻڌندي هئي. پوپٽن جو پر ڪولي اُڏامڻ، ڏيڏرن جي راندہ، ڏينهن جي ڀوَن ڀوَن ۽ وڏن سهڻن انبن جو ٽارين مان لٽڪڻ. شيامر جي ڳالهين جا موضوع اڪثر اهي هوندا هئا.

شيام جي ڀڏائڻ جو ڍنگ ڏاڍو رسيلو هوندو هو. ڪڏهن ساوتري رشڪ ڪائيندي هئي ته هوءَ ٻه ڇوڪرو هجي ها. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پاڻ تان ٻلهار ويندي هئي- جنهن ۾ ڪي اهڙا گڻ هئا جن کي هوءَ سمجهي ڪانه سگهندي هئي، پر اُنهن کي پيار ضرور ڪندي هئي.

شيام جي ماءُ هڪ سادي سودي عورت هئي. پرڀات جو اُٿي ڏڌ ولوڙڻ، اُن بعد ماني ڪرڻ ۽ گهر جي سهيڙ ڪرڻ. سندس سڄو ڏينهن ڪم ڪار ۾ هليو ويندو هو. ٻارن کي ماني ٽڪي وقت تي ڪارائيندي هئي- سندس خيال ۾ ٻارن ڏانهن سندس ايترو ئي فرض هو. سندس زندگي ڳوٺن ۾ عام عورتن وانگر هڪ مشين جيان هئي، جنهن ۾ خيال ۽ احساس کي ڪابه جڳهه ڪانه هئي.

*

خوشيءَ جون شهنايون وڄڻ لڳيون. شهنائيءَ جي لرزندڙ، هيٺ مٿي لهندڙ چڙهندڙ آواز ۾ سڄو پاڙو ڄڻ جهومي رهيو هو. گهر کي سجايو ويو هو. انب جي پنن جون مالهائون درن تي لٽڪي رهيون هيون. اڱڻ ۾ ٽين مان مٺايون لاهي وڏا ٿالهه پٽي پرپا ويا. روهڙي مل جون نيون ۽ تکن رنگن جون سٽٽون، پرت پريل اڇا گگها ۽ وائل جا روا پائي زالون اچ وڃ ڪري رهيون هيون.

اڄ ساوتريءَ جي شادي هئي. شيام جا ناناڻا، ڏاڏاڻا سڀ مٽ مائٽ آيا هئا. انهن ۾ اَسي سالن جا ڀيا ٻه هئا ته شيام جيڏا ٻار ٻه. وڏا سڀ ڪم ۾ لڳل هئا ۽ ننڍڙا ٻاهر گهٽيءَ ۾ راند ڪري رهيا هئا. صرف شيام هو جنهن کي انهن ٻنهي ڳالهين لاءِ چاهه نه هو ۽ اڪيلو، بنا ڪم ڪار جي هٽ هُٽ ڦري رهيو هو، عجب ڪائي رهيو هو، ڪجهه سوچي رهيو هو.

هو پهرين ماڙ جي هڪ ڪمري ۾ پهتو. اُتي ساوتري ويٺي هئي، هڪ جيڏين سان گهيريل. سندس ساهيڙيون چرچا ڪري کلي خوش

تي رهيون هيون، پر هوءَ پاڻ بيعني، بيسرت، موڳي موڳي لڳي رهي هئي. سندس اکيون ڳاڙهيون هيون ۽ ڪجهه سڄيل هيون- شايد سڄي رات رنو هئائين. پوءِ به هوءَ سهڻي لڳي رهي هئي، ماڪ ۾ ڌوتل تازي گل جيان.

شيام ياري دل ڪٽي هيٺ لهي آيو. ٻتيون ٻريون ته اوطاق-تي مزمان اچڻ لڳا. ڳوٺ جا وڏيرا، قاضي، اسڪول جو هيڊ ماستر، سڀ ڏاڙهيون سنواري صاف اُجا ڪپڙا پائي جاچيمل سان پاڪر پائي تي مليا. پوءِ ڪٽن تي ويهي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ تي لڳا.

زالون گهر جي دالان ۾ ويٺيون لاڏا ڳائي رهيون هيون. ٻن ٽن هفتن کان شيام اهي راڳ ٻڌندو آيو هو. زالن ۾ هڪ نووروني، جنهن بابت ڪنهن کيس ٻڌايو هو ته سندس ماروٽ آهي، ڳائڻ ۽ نچڻ ۾ خاص طرح هوشيار هئي. هوءَ جڏهن حجاب لاهي ميدان ۾ ٽپي تي پيئي ته سيني زالن کان واه واه نڪري تي ويئي. نين ڪنوارن جون دليون تڙپڻ تي لڳيون ۽ ڪنواريون ڇوڪريون لڄ ۾ لال تي تي ويئون.

شيام ڏيري ڏيري چڪر ڏيندو، سڀ ڪجهه ڏسندو وري پنهنجي پيڻ جي ڪمري وٽ پهتو. نه معلوم ڪهڙو ڊپ سندس دل کي ويڙهي ويو هو. کيس ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هي گڏ ٽيل سڀ ماڻهو سندس پيڻ کي ڪانئس ڦرڻ آيا آهن. پيڻ جي سامهون وڃڻ جي کيس همٿ نه ٿي جو شايد روئڻ لڳي ها. هو پر واري ڪمري ۾ دريءَ وٽ ويهي رهيو، ڄڻ پيڻ مٿان پهرو ڏيئي رهيو هو.

شهنايون تيز ٿيڻ لڳيون. گوڙ وڌڻ لڳو. ٻار خوش ٿي ٽاڙيون وڄائڻ لڳا. زالن ۾ سس پس ٿيڻ لڳي. ساوتريءَ جي پر ۾ ويٺل ڇوڪريون ڊڪ پائي درين ڏانهن ڀڄيون.

هڪڙي ساوتري ۽ ٻيو شيام- هو پنهنجين جڳهين تي ئي ويٺا

رهيا، پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾. ساوتري جڏهن ڳچيءَ جيڏي ٿڌي پاڻيءَ منجهه بيٺي هئي ۽ ٿڌ وچان ڏڪي رهي هئي ۽ شيام پاڻکي بيحد اڪيلو محسوس ڪري رهيو هو. هو دريءَ وٽ ويٺو هيٺيون نظارو ڏسي رهيو هو، سڀ آواز ٻڌي رهيو هو، ۽ الائي ڇو هن خوشيءَ جي موقعي تي به روئڻ ٿي چاهيو.

جڏا ٽيڻ جي گهڙي اچي ويئي. گهوٽ راڻا ساوتريءَ جي سامهون ويٺو هو. سنهو ۽ خاص ڊگهو نه، خاص سهڻو نه ۽ نه ئي نرڙ ۽ اکين ۾ تيج هوس. هو هڪ رواجي ڇوڪرو هو ۽ شيام هڪ پيانڪ شخص جو جيڪو تصور ڪيو هو، اُن سان هو بلڪل ڪونه ٿي نهڪيو. پر پوءِ به هو شيام کي ڪونه وڻيو. سندس ڀيڻ جنهنجي دل هو سڃاڻندو هو، اُن اڳيان هو بلڪل خسيس پئي لڳو.

شيام جي ماءُ گهوٽ ۽ ڪنوار کي مٺائي پئي کارائي. ساوتريءَ هٿ ڦهلايا ۽ شيام ڊڪ پائي سندس گود ۾ وڃي پيو. ٻئي روئڻ لڳا. ساوتريءَ جا گرم لڙڪ شيام جي ڳلن تي پيا. هن زور سان ڀيڻ کي ڀاڪر پاتو. شيام ماءُ جي اکين ۾ به لڙڪ آيا ۽ احساس آجو ڇاڇيمل به اکيون اُگهڻ لڳو. ساوتريءَ جون ساهيڙيون به روئڻ لڳيون.

اُن رات اڌ رات جو شيام سپنو ڏٺو. ڪير سندس ڀيڻ کي ڪانئس زوريءَ ڇني رهيو آهي. شيام وهاڻي کي چنبڙي پيو، جڏهن هو ڀيڻ کي چنبڙيو هو. هو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. شيام جي ماسي آئي، جنهن شيام کي گود ۾ کڻي چيو: ”پٽ، هيئن روئبو آهي! ڀيڻين نه وڃي سگهي ٿي. سڀڪو دنيا ۾ پنهنجي ماڳ ويندو آهي.“

شيام ماسيءَ جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي رئڻ لڳو ۽ سندس ڪپڙا آلا ڪري ڇڏيائين. آخر ائين سسڪيون ڀريندي ماسيءَ جي گود ۾ ڪيس ننڊ اچي ويئي.

ڀيڻ جي وڃڻ بعد شيام ڏاڍو اڪيلو ٿي پيو. پيءُ پنهنجي

ڪمائڻ ۾ مشغول هو. صبوح جو جاڳڻ سان هنکي دڪان واري تجوڙي نظر ايندي هئي. ڏندڻ ڪرڻ وقت هو ڪالهه ڪمايل پئسن جو تخمينو لڳائيندو هو. سنان ڪري گيتا جو پاٺ ڪرڻ کان اڳ هو فيصلو ڪري ڇڏيندو هو ته اڄ فلاڻي هاريءَ جي زمين قرض بلي ضبط ڪرائيندس. پوءِ سڄو ڏينهن هو دڪان تي گذاريندو هو. سانجهي اوطاق تي گپ شپ هڻڻ ۾ گذري ويندي هيس.

ڳوٺن ۾ عورت لاءِ پورهئي جي ڪمي ڪانهي. شيام ماءُ صبوح کان رات تائين پورهيو ڪندي رهندي هئي. تڪجي پڻ منٽ آرام ڪندي ته ڪو ڪم ياد پوندس. هن پهرين ماءُ کي ۽ پوءِ سس کي سڄو ڏينهن اِئين پورهئي ۾ جهرندو ڏٺو هو ۽ هوءَ به ائين جهرندي رهي هئي. سندس خيال ۾ اِهائي عورت جي سچي ۽ سٺي زندگي هئي.

پر شيام سدائين جڻ پنهنجن پورن ۾ غلطان رهندو هو. سندس هم عمر ٻيا ڇوڪرا گهٽين ۾ رانديون ڪري شور مچائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سندن رانديون اُگرو روپ به وٺنديون هيون. ڪڏهن ڪنهن گڏه کي ڦاسائي اُن جون ٽنگون ٻڌندا هئا ۽ پوءِ لڪڻ کڻي کيس ڊوڙائيندا هئا. ڪڏهن ڪنهن ڪتي جي پڇ ۾ گاسليٽ ٻڏل ڪپڙو ٻڌي اُنکي تيلي هڻندا هئا ۽ ڪتو ڪيڪون ڪرڻ لڳندو هو.

شيام هيءُ ڏسندو هو ته سندس هنياءُ ڏرندو هو. انهن ڇوڪرن لاءِ سندس دل ۾ نفرت پيدا ٿيندي هئي. سندس ۽ ڳوٺ جي اهڙن ٻين ڇوڪرن وچ ۾ هڪ تمام وڏي دوري هئي جنهنکي صرف هنجي دل ڄاتو ٿي.

هو اسڪول مان موٽندي سڌو باغ ڏانهن ويندو هو. ڪتابن جي ڳوٿري کوه وٽ رکي هو هٿ منهن ڌوئيندو هو ۽ پوءِ باغ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو هو۔ ٻيڻي قاسم کي ڳولڻ لاءِ. ٻيڻو قاسم باغ ۾ ڪم ڪندو هو. جڏهن ابا ڇاڇيمل هيءُ باغ ڪونه ورتو هو، تنهن کان گهڻو

اڱڻ قاسم هن باغ ۾ ڪم ڪندو آيو هو. سنڌس ڏاڙهي صفا اَڇي هئي. اکين مٿان ٿلهن وارن جي ليڪ به صفا اڇي هئس. هٿن ۽ پانهن تي به اڇا وار ڦهليل هئس. سنڌس چيلهه ڪجهه جهڪي ٿي چڪي هئي، تڏهن به پانهن ۾ ست خوب هوس.

شيام کي ڏسي هو ڪرپو رکي قميص سان پگهر اُگهي چوندو:

”ويهه نندڍا سيٺ. تو ايندي وقت ڏٺو، هن وڻ ۾ ايڏو انب ٿيو آهي جو سڄي ٽاري ئي هيٺ جهڪي آئي آهي. پر سنڌس ڪلَ ڏسجانءِ کهڙي نه سنهي آهي!“

شيام ڏسُ پڇي ڊڪ پائي اوڏانهن پڄندو ۽ پنجن منٽن بعد هڪ وڏو انب گود ۾ کڻي اچي قاسم جي پير ۾ وهندو. قاسم انب پاٽيءَ ۾ پسائي ڏاتي سان انکي وڍي ڦارون ڪري شيام اڳيان رکندو هو. شيام جڏهن پهرين ڦار وات ۾ وجهندو هو ته کيس ساوتري ياد ايندي هئي ۽ هو هٿ کي روڪي خيالن جي سنسار ۾ ٻڏي ويندو هو. ساوتري هينئر ڇا ڪندي هوندي؟ هاڻي سنڌس لاءِ انبڙيون ڪير پٽي ايندو هوندو؟ اهڙا عجيب سوال سنڌس من ۾ اُٿندا هئا، پر قاسم جون مٺڙ ڳالهيون جلد اهڙن سوالن کي دور ڀڄائي ڇڏينديون هيون.

قاسم جي زندگيءَ ۾ ڪا خاص تبديلي ڪانه ٿي هئي. هو هڪ جهوپڙيءَ ۾ ڄائو هو ۽ هنکي خبر هئي ته هڪ ڏينهن جهوپڙيءَ ۾ شانت ٿي ويندو. پر سنڌس زندگيءَ ۾ به ٽي سال اهڙا آيا هئا، جنهن کي سنڌس زندگيءَ جو بهار چئي سگهجي ٿو. تڏهن هو جوان هُو ۽ سنڌس تازي شادي ٿي هئي. سمي سنڌس زال تمام سهڻي هئي. ڪيترن شاهوڪار نوجوانن جون منجهس نگاهون هيون. هوءَ کيس ڪيئن ملي اها به هڪ پرولي هئي، جنهن کي هو خود ڪيترو سوچڻ سان به سمجهي ڪونه سگهيو. ”شايد نصيب جي ڳالهه آهي!“ آخر هو ان نتيجي تي ئي پهتو.

شاديءَ بعد ڪجهه سال هن تمام خوش گذاريا، جڻ هو نشي ۾ هو. ڌرتيءَ جو رنگ بدلجي ويو هو. آڪاس مان گرم اُس بدران ٿڌيون بوندون وسنديون هيون جڻ هن کان اڳ پئي ڪنهن کي سهڻي ڪنوار ملي ئي ڪانه هئي. ان مدهوشيءَ ۽ بيخبريءَ ۾ ئي ٻنين ڏانهن ڌيان نه ڏيندي، هن ٻنيون وڃايون هيون. ٻنيون قرض عيوض زميندار جي هٿ ۾ اچي ويئون ۽ سڄي عمر هن کي ڀاڙي جو پورهيت ٿي رهڻو پيو.

پر هن ڪڏهن به پڇتايو ڪونه. محنت ڪرڻ انساني مرڪ آهي. ايماندار شخص کي محنت بنان جيئڻ سونهين ئي ڪونه. هو دل سان محنت ڪندو آيو هو ۽ سڄي عمر محنت ڪندو آيو هو، پر ڪيس پڙ پيو ڇا هو؟ هڪ ننڍي جهوپڙي، ان ۾ ڇنل ڪٽولي ۽ ٿڪر جا ڪجهه ٿانءَ. اها جهوپڙي به سندس ملڪيت ڪانه هئي ۽ سندس ٻڍي بدن جي پورهئي جو به ڪو قدر ڪونه هو. قاسم باغ ۾ ڪم ڪندو هو ته سمي سندس زال ڇاڇيمل جي گهر ۾ جنڊ پيهڻ، ڪٽڪ ۽ جوئر سوئڻ ۽ ڇاڇيمل جي زال جي وارن مان جوُن ڪڍڻ جو ڪم ڪندي هئي. هن ڪم ۾ سندس ڌيءُ سهڻي به ڪڏهن ڪڏهن هٿ ونائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پيءُ جي به لپي لاڙي هڻڻ ۾ مدد ڪندي هئي ۽ جڏهن شيام ايندو هو ته ٽيئي گڏجي ويهي ڳالهيون ڪندا هئا.

سهڻي تڏهن جوانيءَ ۽ ٻالپڻ جي وچ ۾ هئي، ۽ شيام کان ٻه ٽي ورهيه وڏي. هوءَ تمام سندر هئي. سندس منهن ۽ بدن مان رت پيو ٽپندو هو. ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو ٻار هئي، انڪري پيار تمام گهڻو مليو هوس. پر بيحد سهڻي ۽ ماڻهن جي نظرن ۾ هئڻ ڪري مٿس بندشون به هيون. جا آزادي عام طرح هارين جي ڪٽنبن جي ڇوڪرين کي هوندي آهي، اوتري کيس حاصل ڪانه هئي. انڪري شيام جي صحبت حاصل ڪري هوءَ بيحد خوش ٿي.

شيام ڪڏهن اُڏامندڙ پکيءَ کي لهي، پٽ تي ويهندو ڏسندو هو

تہ آگر چپن تي رکي سهڻيءَ کي چپ رهڻ جو اشارو ڪندو هو. هو تمام چاه سان جاچڻ لڳندو هو تہ ڪيئن پکي پر سيئي رهيو آهي، پٽ مان داڻا چونڊي کائي رهيو آهي. ڏيري ڏيري پير پير ۾ پائي هو اڳتي وڌندو هو، پوءِ اوچتو آڪاس مان ڪنهن ساٿيءَ جو آواز ٻڌي پاڻ بہ ساڳي آواز ۾ جواب ڏيندو هو، ۽ پر ڦهلائي اُڏري ويندو هو.

شيام خوشيءَ مان تاڙي وڄائي گد گد ٿي چوندو هو: "ڏٺئي."

سهڻي عجب ۾ شيام جي لال ڇهري ڏانهن نهاريندي هئي ۽ عجب کائيندي هئي تہ هيڏو رواجي نظارو شيام کي هيئن مگن ڇو ٿو ڪري.

ڪڏهن شيام هوا ۾ لڏندڙ ٻوٽن ڏانهن نهاريندو هو. پوءِ سهڻيءَ ڏانهن منهن ڪري چوندو هو: "تو ڪڏهن ناچ ڏٺو آهي، سهڻي؟"

سهڻي ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪندي هئي. شيام ٿڌو ساهہ کڻي چوندو هو: "هنن ٻوٽن جي ناچ ۾ ڪيترو نہ مزو آهي! اسانکي ڪلاس ۾ ماستر ٻڌايو آهي تہ جهنگلن ۾ رهندڙ ماڻهو روز شام جو ناچ ڪندا آهن. هو ڪيترا نہ خوش هوندا."

سهڻي پڇندي هئي: "ماستر توهانکي ٻيو ڇا ٻڌائيندو آهي؟"

"اسين ڪتابن ۾ ڪهاڻيون پڙهندا آهيون." پوءِ هو خود ئي چوڻ لڳندو هو: "تو هوءَ ڪهاڻي ٻڌي آهي سهڻي...؟"

۽ هو ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳندو هو. سهڻيءَ جو انهن ٻاراڻين ڪهاڻين ۾ گهڻو چاه ڪونہ هو. هوءَ انهيءَ عمر کي پهچڻ تي هئي جڏهن اِنسان سپنن کي ڇڏي حقيقتن مان آنند پائڻ جي چاهت رکندو آهي، پر شيام جو ٻالو ڀولو منهن ۽ انجي ڦرندڙ گهرندڙ تاثرن کي جاچڻ ۾ ڪيس ڏاڍو مزو ايندو هو. جڻ هڪڙي ڪهاڻي شيام زبان سان ٻڌائي رهيو هو، تہ ٻي ڪهاڻي سندس منهن جا ڀاوَ ٻڌائي رهيا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن سهڻي ۽ شيام هٿ هٿ ۾ ڏيئي ڪسيءَ جي ڀر ۾ ويهي وهندڙ پاڻيءَ ڏانهن نهاريندا رهندا هئا. ڪيتري دير هو سانت

۾ وڻنا هوندا هئا، جو اوچتو سهڻي شيام جي هٿ کي دٻائي ٿڌو ساهه کڻي چوندي هئي: ”شيام، اُٿ ته هلون.“

شيام عجب ۾ سهڻيءَ ڏانهن نهاري چوندو هو: ”تون ائين اُيا ساهه ڇو کڻندي آهين، سهڻي؟ مون پڌو آهي ته ماڻهو ڏڳها ساهه ڏک ۾ ئي کڻندا آهن.“

سهڻي کلي ڏيندي هئي. ائين کلندي سندس منهن جي سونهن ٻيڻي ٽيڻي ويندي هئي ۽ سندس ساڄي ڳل ۾ هڪ کڏ نهي پوندي هئي. هوءَ شيام جي منهن تي هلڪي ٿپڪي هڻي چوندي هئي: ”تون تمام ڏنگو ٻار آهين. سڀني سوالن جا جواب نه ٿيندا آهن!“

انهن ڏينهن ۾ ٻيو به هڪ رواجي واقعو ٿيو، پر شيام جي زندگيءَ ۾ ان تمام اهم جڳهه ورتي، شيام اسڪول ۾ امتحان ۾ پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس ڪجهه ڪتاب انعام طور مليا. انهن ۾ ٻه ڪتاب هئا! ٽئگور جو ”ٻال چندرما“ ۽ ”ايسپ جون ڪهاڻيون.“ ڪجهه ڏينهن لاءِ شيام انهن ڪتابن کي پڙهندي ٻي سڄي دنيا کي وساري ويٺو. کيس اسڪول مان موڪل هئي. گهر جي مٿين ڪمرن ۾ هو اڪيلو هو ۽ ٽئگور جا گيت پڙهندي هو هڪ ٻي دنيا خلقيندو هو، جنهن ۾ پاڻ نائڪ هو. انهن گيتن ۾ جيڪو ميناج هو، هو رات جو دير تائين اُن جو چشڪو وٺندو رهندو هو. گهر جا سڀ ڀاتي سمهي پوندا هئا تڏهن هو سوچيندو هو ته گهر ڇڏي جهنگل ڏانهن ڀڄي وڃي. اتي هو شينهن ۽ چيتن سان وڙهندو، پهاڙي نهر ۾ سنان ڪندو ۽ پوءِ هڪ پري آڪاس مان لهي هيٺ ايندي ۽ سندس سامهون بيهي چوندي: ”مان تنهنجي بهادريءَ تي خوش ٿي آهيان. گهر جيڪي گهرڻو هجيئي.“ هو سوچڻ لڳندو هو ته پاڻ کي ڇا گهري. آخر هو خيال ڪندو هو ته مان پريءَ کي چوندس: مونکي ٻيو ڪجهه نه کپي، تون کپين، اچ اسين ٻئي گڏجي راند ڪيون.

ائين پريءَ سان راند ڪرڻ جو خيال اينديئي هنکي سهڻي ياد پوندي هئي. ته ڇا هوءَ به پري هئي؟ هوءَ لاشڪ پريءَ جهڙي سندر هئي. ليڪن پريون ته آڪاس ۾ محلاتن ۾ رهنديون آهن ۽ سهڻي باغ ۾ مٽيءَ جي هڪ ننڍي جهوپڙيءَ ۾ رهندي هئي.

شيام جي من ۾ ڪروٽا جو ڀاؤ جاڳندو هو. شايد ستجگ ۾ پريون محلاتن ۾ رهنديون هيون. ڪلجگ ۾ هو۾غريب ٿي ويون آهن ۽ جهوپڙين ۾ ئي رهڻ لڳيون آهن. هوءَ! ليڪن ويچاري ڪيترو ڪم ڪندي آهي. ڪاڏو به گندو ڪائيندي آهي. سندس ڪپڙن کي ڪيتريون چتيون لڳل هونديون آهن.

شيام ٻئي ڏينهن صبوح ساڻ باغ ۾ پهچي ويو ۽ سهڻيءَ کي ڳولي لڌائين. هوءَ ڪنڊن ڀريل ٻوٽن مان گلاب جا گل پٽي رهي هئي. ”تون هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟“ سهڻيءَ شيام کي مٺي تنبيهه ڪندي چيو.

”پرين جي سنسار ۾.“ شيام کلي ڏنو. ”تون به هڪ پري آهين نه!“

سهڻي عجب ۾ شيام کي مٿي کان پيرن تائين جاچيو. ”ڇا ٿو چوين؟ ننڍاڪڙو آهين ڇا؟“

شيام ويجهو اچي سهڻيءَ جي هٿ مان هڪ گل ڦري جهيڻي آواز ۾ـ جڻ هو سندس ڪن ۾ چئي رهيو هجي- چيو: ”ڪتابن ۾ پرين جو جيڪو بيان آهي تون هوبهو اهڙي آهين.“

سهڻيءَ کلي ڏنو. هوءَ ايتري دير کلندي رهي جو سندس اکين ۾ لڙڪ مڙي آيا. شيام سمجهي نه سگهيو ته اهي دک جا هئا يا سک جا.

”پر هڪڙو فرق آهي. اڳي پريون محلاتن ۾ رهنديون هيون، تون جهوپڙيءَ ۾ رهندي آهين. ٻڌاءِ تون هيترو پورهيو ڇو ڪندي آهين؟ تون قاتل ڪپڙا ڇو پائيندي آهين، سهڻي؟“

سهڻي ڪجھ ويل شيام ڏانهن سانت ۾ نهاريندي رهي. پوءِ ڳڻڀير نوع ۾ چيائين: ”چاڪاڻ جو مان غريب آهيان.“

”تون غريب ڇو آهين، سهڻي؟“

”چاڪاڻ ته منهنجو بابا غريب آهي.“

شيام ڪجھ ويل سانت ۾ سوچيندو رهيو. ”نه، نه سهڻي. مان توکي اهي ڦاٽل ڪپڙا پائڻ نه ڏيندس. ماڻهو چوندا آهن منهنجي بابا وٽ گهڻا پئسا آهن، مان بابا کان پئسا وٺي توکي ڏيندس. تون نوان ڪپڙا پائجانءِ.“

سهڻي کلڻ لڳي. ”تنهنجو بابا توکي پئسا ڏيندو؟“

”ڇو نه ڏيندو. هو مونکي پيار ڪندو آهي.“

سهڻي سانت ۾ گل پٽڻ لڳي. پوءِ هن شيام کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سندس نرڙ تي چمي ڏني. ”تون منهنجو ننڍڙو يارُ ٿيندين؟ منهنجو ڇيو ميجيندين؟“

شيام ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي.

سهڻيءَ چيو: ”ته پوءِ تون بابا کان منهنجي لاءِ پئسا نه گهرجانءِ. مان جهڙي آهيان، تهڙي سٺي آهيان.“

# ٻه

صديون گذري ويندون آهن جو ڳوناٽيءَ زندگيءَ ۾ ڪو ڦيرو ڪونہ ايندو آهي، ۽ هيءَ تہ ڪن ٿورن سالن جي ڳالهہ آهي. شيامر جو قد وڌي رهيو هو. چاچيمل وڌيڪ پئسو ميڙيو هو ۽ جيئن شرابي وڌيڪ شراب پيئندي وڌيڪ شراب جي گهر ڪندو آهي، تئين هو بہ وڌيڪ لالچي ٿي پيو هو. زميندار جي حويليءَ جي هڪ حصي جي پٽ ڪري پيئي هئي پر ڪيس ايتري فرصت ڪانہ هئي جو اها ٺهرائي. هو عيش عشرت ۾ محو هو. شيامر جي ماءُ ڪجهہ ٿلهي ٿي ويئي هئي ۽ ڪجهہ بيمار پڻ. وري هن پڌو تہ ساوتريءَ جو گهوٽ سلهہ ۾ مبتلا آهي تنهن ڪيس چنتا ۾ وجهي ڇڏيو هو، پر پوءِ هو وري پنهنجن ڪمن ۾ مشغول ٿي ويو هو. هو ان ڳالهہ کي ڄڻ وساري ويٺو.

شيامر ٻالپڻ مان جوانيءَ ڏي تڪڙي وک کڻي وڌي رهيو هو. سندس منہ ۽ نرم آواز کهرو ٿيڻ لڳو. چانڊوڪيءَ ۾ ترندڙ بادلن مثل سندس سپنا ڳنڀير خيالن جو روپ وٺڻ لڳا. هن ان وچ ۾ ڪيترا ڪتاب پڙهيا هئا. اسڪول جي لئبرريءَ جا گهڻا سنڌي ڪتاب هو پڙهي چڪو هو ۽ دنيا جي اڻوڻندڙ حقيقتن کي ڪجهہ ڪجهہ پروڙڻ لڳو هو. هو هاڻي بہ هر رات جو ڪُڏِ تي اڪيلو ويٺو هوندو هو پر هاڻ

هن ۾ ٻالپڻ واري موج ۽ مستي ڪانہ هئي. هاڻي اُن ۾ تڙپ بہ شامل هئي. سندس بدن باروت جيان هو جنهن ۾ ٻرڻ ۽ ٻارڻ جي شڪتي هجي ۽ سندس ذهن ۾ هڪ عجيب تڙپ هئي. تارن ڏانهن نهاريندي هو چاهيندو هو تہ سندس گهر بہ ڪنهن اهڙي تاري تي هجي. ٻنين جي ڪنارن وٽ ويهي سوچيندو هو تہ دور دور هليو وڃي. پر ڪيڏانهن؟ ڪهڙي دنيا ۾؟ هن ٻنين بعد ڇا هو؟ ان بعد ڪهڙي دنيا هئي؟

سهڻيءَ سان بہ سندس ناتو گهرو ٿيو هو. هوءَ صرف باغ جو سهڻو گل نہ هئي، پري نہ هئي، پر جيئرو جاڳندو انسان هئي. هوءَ مٽيءَ لپ جيان هئي جنهن مان زندگي اُپجندي آهي.

سهڻي هاڻ جوانيءَ ۾ هئي. سندس سونهن چوڏهين جي چنڊ ڪان بہ سرس هئي. هن جي سامهون ويهڻ سان ائين لڳندو هو تہ سندس بدن بلور جيان پيو چمڪي ۽ اندران هڪ تيز روشني نڪري چوطرف پيئي ڦهلجي. سندس چمڙي اهڙي نفيس هئي، جو هن ڏانهن نهارڻ سان ائين محسوس ڪبو هو تہ ان مان سندس ڳاڙهو رت پيو ڏسجي. ننڍڙيون گول ڇاتيون هئس ۽ هنجي اکين ۾ تلاءَ جهڙي شانتي نظر ايندي هئي.

هوءَ ۽ شيام ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهندا هئا. هوءَ شيام کي ٻڌائيندي هئي تہ اَن ڪيئن پوکبو آهي، ان مان سلا ڪيئن نڪرندا آهن، ڪيئن اُنهن جي سنڀال ڪبي آهي. ڪانا وڏا ٿيندا آهن تہ اناج جا سونا داڻا سورج جي روشنيءَ ۾ ڀڪڻ لڳندا آهن.

شيام گڏ گڏ ٿي چوندو هو: "سهڻي، توهين مهان آهيو. توهين ئي دنيا کي جيئرو رکي وينا آهيو."

سهڻي زور ڏيئي چوندو هئي: "سڀ ڪوڙ. دنيا ۾ سچ هميشه پوريل رهندو آهي."

"اهو ڪيئن؟" شيام سهڻيءَ ڏانهن عجب وچان نهاريندي پڇيو.

”ڏس، ٻج جيڪو حقيقت آهي سو ڌرتيءَ ۾ پوريو پيو آهي ۽ گل هوا ۾ اُڏامي جهومي رهيا آهن. ڪڙمي جو اَن ۽ ميوا اُپائي ٿو، تنهن کي ان جي سواد جي به خبر نه آهي ۽ شاهوڪار جنهن کي خبر نه آهي ته اهي ڪيئن پوکبا آهن، تنهن کي اُن جي سواد جي پوري ڄاڻ آهي.“

شيام سانت ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري چڙهيندو هو: ڇا هيءُ طعنو مٿس ته نه آهي؟

پر نه، سهڻي اهڙي نه هئي. هن کي ڪنهن سان به حسد ڪونه هو، ڪنهن لاءِ به شڪايت ڪانه هئي. هنجون ڳالهيون ته خود شيام جي ڳالهين جو پڙاڏو هيون. نه ته هوءَ ويچاري ڇا ڄاڻي اهڙين ڳوڙهين ڳالهين مان!

ليڪن زندگيءَ ۾ هڪڙو سچ آهي، جو انسان ڪتابن مان پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ٻيو سچ آهي جو انسان مٽيءَ جي خوشبوءِ مان پائي ٿو. شيام پهرئين سٽيه کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ سهڻيءَ ٻئي سٽيه کي ڄاتو هو؛ ۽ جڏهين انهن ٻنهي جو ٽڪر ٿيندو هو ته سهڻيءَ جو سچ ئي سوڀ پائيندو هو.

هڪ ڏينهن شيام باغ ۾ ويو ته سهڻي اُتي ڪانه هئي. هو سڄو باغ ڳوليندو آخر جهوپڙيءَ ٻاهران پهتو. ٿوري دير بعد سهڻي ٻاهر آئي. سندس منهن سڄيل هو، اکيون ڳاڙهيون هئس- ڄڻ هن سڄي رات ننڊ ڪانه ڪئي هئي ۽ رئندي رهي هئي.

شيام عجب ۾ سهڻيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. ٿوري دير بعد ٻئي اچي انب جي پراڻي وڻ هيٺان ويٺا. ڪيتري دير سهڻي سڏڪا ڀريندي رهي. پوءِ چيائين: ”مان مرڻ ٿي چاهيان.“

شيام سهڻيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”ٻڳلي ٿي آهين؟“

”مان مرڻ چاهيان ٿي، پر مرنديس ڪانه“ سهڻيءَ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو. سندس وار پريشان ٿيل هئا.

شيام ڪجهه جهنجهلائيندي چيو: ”آخر ڳالهه ڇا آهي، سهڻي؟“

”منهنجي شادي ٿيڻ واري آهي.“ سهڻيءَ پلؤ سان پنهنجا لڙڪ اُگهندي چيو.

”پر شاديءَ تي ته ڇوڪريون خوش ٿينديون آهن! پاڳل، اُٿ، توکي ته نچڻ کپي. کلڻ کپي!“

پر سهڻي اٿي ڪانه. هوءَ سانت ۾ ويٺي رهي. شيام مٺڙ آواز ۾ پڪاريو: ”سهڻي!“

سهڻيءَ رکي آواز ۾ چيو: ”تو زميندار کي ڏٺو آهي؟“

”ڪئين ڀيرا.“

”سندس وار ۽ ڏاڙهي اَڇي آهي نه؟ سندس عمر گهڻي ٿيندي؟“

شيام عجب ۾ چيو: ”مونکي ڪهڙي خبر، سهڻي. پر سندس ننڍو پٽ منهنجي ڪلاس ۾ پڙهندو آهي. وڏي پٽ جي ته اڳئين سال شادي ٿي هيس. ڇا توکي ياد نه آهي؟“

”انهيءَ ٻڍي زميندار سان ئي منهنجي نڪاح جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن.“

اوچتو سهڻيءَ شيام جي ٻنهي ٻانهن کي زور سان پڪڙيندي چيو: ”ڇا مان تمام سهڻي آهيان، شيام؟ تمام سهڻي؟ هان وٺ، منهنجي ڳل کي اهڙو ته زور سان چڪ پاءِ جو نشان ٿي وڃي ۽ منهنجي سونهن ختم ٿي وڃي. منهنجي سونهن ئي منهنجي آڏو آئي آهي.“

شيام عجب ۾ سهڻيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ چيائين: ”پر هيءَ

شادي ڪانه ٿيندي.“

”ڇونه ٿيندي؟ ٻڌاءِ!“

”تون پنهنجي بابا کي چئُ ته هو زميندار کي انڪار ڪري.“

سهڻيءَ جي مرضي ٿي ته هوءَ شيام کي ڇماٽ وهائي ڪڍي، پر هن پاڻ روڪي ورتو. ”هو زميندار آهي، ۽ بابا رواجي ڪڙمي. ڪير به زميندار کي انڪار ڪري نٿو سگهي.“

”ته زميندار ڪجهه به ڪري سگهي ٿو؟“

”هام ڪجهه به.“

ٻئي منجهائيندڙ سانت ۾ ڪيترو وقت ويٺا رهيا. پوءِ سهڻيءَ چيو: ”تون وڃ، شيام.“

شيام ويٺو رهيو ۽ ڪجهه سوچيندو رهيو.

سهڻي وڏي آئي، شيام جو هٿ پڪڙي چيائين: ”مونکي ياد ڪندين؟“

ٻنهي جون اکيون مليون. شيام ڏڪي ويو.

سهڻيءَ مرڪيٰ چيو: ”توئي ته هڪ ڏينهن چيو هو ته انسان مٽيءَ کي ڏاڍو پيار ڪندو آهي.“

شيام اُتي ئي بت بڻيو ويٺو رهيو. هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ سهڻيءَ جو بدن چقمق جيان ڪيس جهلي بيٺو آهي. سهڻي سندس منهن جا ياوَ جاچي رهي هئي. هوءَ خود به بيمعنيٰ هئي. هن اڪيلو رهڻ ٿي چاهيو، بلڪل اڪيلو. پر شيام جي شڪل ڏسندي سندس دل چاهيو ته هو سندس پاسي ۾ ويٺو هجي. هن شيام جي دل کي ڇاتو ٿي. هن کي خبر هئي ته هن نندڙيءَ دل ڪيس پيار ڪيو ٿي.

اوچتو سهڻيءَ سانت کي ٽوڙيندي چيو: ”شيام، اڄ چوڏهين جي رات آهي. هتي ٻنين ۾ ڏاڍو مزو لڳندو آهي. تون ايندين؟“

شيام ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. سهڻيءَ چيو: ”تون اڄاڻ شيام!“

ائين چئي سهڻيءَ وڃڻ لاءِ وڌي، پر وري بيهي رهي. ”ضرور اچجانءِ شيام، چانڊوڪي رات دنيا جي سهڻي ۾ سهڻي پري آئي.“

رات جو جڏهين سڀ گهر ۾ سمهي پيا ته شيام کٽ تان اُٿيو. هو جيئن کٽ تي ليٽيو هو تئن اکيون ڦاڙي آڪاس ڏانهن نهاري رهيو هو. ڏيري ڏيري آڪاس روشن ٿيندو ويو، جڻ تپسويءَ جي دل ۾ ڏيري ڏيري تيج وڌڻ لڳو. ان سندر آڪاس کي ڏسي سندس من لڇڻ لڳو.

خاموش قدمن سان هو گهر کان ٻاهر آيو، ٻاهرين در وٽ هڪ نوڪر سمهيو پيو هو. شيام هن کي ڌونڌاڙي چيو: ”جيڪڏهن ڪير پڇيئي ته چئجانس مان باغ ۾ ويو آهيان. جلدئي موٽي ايندس.“

نوڪر ننڊاکڙو هو ۽ جلدئي وري سمهي پيو.

شيام ۽ سهڻي هٿ هٿ ۾ ڏيئي باغ مان هلندا رهيا. سڪل پن مٿان هلڻ ڪري ائين ٿي لڳو جڻ ڌرتي سندن استقبال ۾ جهنجهڻو وڄائي رهي آهي. هو باغ ۾ ننڍيل هڪ ڪچي جاءِ جي ڪنڌ تي اچي ويٺا. اُتان باغ کان ٻاهر دور دور تائين نظر پهچي ٿي سگهي. ٻنهي مان ڪنهن به حرف ڪونه ٻوليو هو. شيام ڪڏهن ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو پر سهڻيءَ جي منهن ڏانهن نهاريندي سانت ٿي ٿئي ويو.

چنڊ چگو مٿي چڙهي آيو هو. چوطرف بلڪل سانت هئي. صرف دور کان واه جي وهڻ جو ڪل ڪل جو ڌيمو آواز اچي رهيو هو. سهڻي شيام جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهلي ويٺي هئي. اونهاري جي اِن سيتل رات ۾ رکي رکي شيام الائي ڇو ڏڪي ٿي اُٿيو. سهڻيءَ کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو: ”تون ڏڪي رهيو آهين، شيام. توکي ڇا جو ڀؤ آهي؟“

شيام ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. هو چنڊ ڏانهن نهارڻ لڳو. ڪيترو دور آهي چنڊ، پر سندس چانڊوڪي ڪيتري نه ويجهي آهي! سهڻي به سندس لاءِ سدائين دور جي ستاري جيان رهي هئي، جنهن کي هو

سمجهي ڪونہ سگهيو هو. ليڪن هنجو پيار سدائين ڪيس چانڊنيءَ جيان گهيري وينو هو. آخر شيام وڌيڪ وقت سانت رهي نہ سگهيو. هن محسوس ڪيو تہ وڌيڪ دير سانت رهڻ سان هو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳندو.

”سهڻي، تون ڇا سوچي رهي آهين؟“

سهڻيءَ ڇرڪ ڀريو. هن شيام ڏانهن نهاري مرڪي ڏنو. اها مرڪ بلڪل انوکي هئي. اهڙي مرڪ شيام هيلتائين ڪنهن بہ انسان ۾ ڪانہ ڏٺي هئي، سهڻيءَ ۾ بہ نہ. سهڻيءَ هڪ ٻانهن ورائي شيام جي ڪلهي تي رکي.

”نڊيڙا ٻاءَ، مون سوچيو هو اڄ رات مان هڪڙو لفظ بہ نہ ڳالهائينديس. هن دنيا کي چونديس: ڇٺو جيڪي توکي چوڻو آهي. توکي چونديس، تون پنهنجون ڳالهيون ٻڌاءِ. ڪڏهن ڪڏهن صرف ٻڌڻ ۾ مزو آهي. مون هن ننڍي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نہ پيار ڪيو آهي چاندوڪين راتين کي، هن باغ کي، وسيع آسمان کي، شايد تون بہ اهو سمجهي نہ سگهين! اڄ سڄو ڏينهن مان سوچيندي رهيس تہ هيءُ سنسار ڪيترو نہ مڌر آهي...

”ها ٻاءُ، تون وچ ۾ نہ ڳالهاءِ. ڳالهائڻ ڏي مونکي اڄ. مونکي جيڪي چوڻو آهي مونکي چوڻ ڏي. ڪڏهن ڪڏهن دل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اُڇلائڻ ۾ بہ مزو آهي....

”ٻڌاءِ شيام، اگر منهنجي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڌرتيءَ تي پيئي هجي تہ تون ڇا اُن کي ڳنڍي سگهندين؟ نہ، شيام نہ. هيءَ دنيا بہ هڪ سپنو آهي....“

شيام ڏٺو، سهڻي ڏڪي رهي هئي. سندس ڇاتي زور سان هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. هن سهڻيءَ جي منهن ڏانهن نهاريو. جئن ڪنول جي پن تي ماڪ جا ڦڙا لڏندا آهن، تئين سندس منهن بہ لرزي رهيو هو.

ھنجي اکين ۾ اُلجھن ھئي ; پر سھڻيءَ پاڻ سنڀالي ورتو. سندس ڏکڻ بند ٿي ويو ۽ سندس منھن تي مرڪ جي ھلڪي ريکا آئي. ھيءَ مرڪ اُھا نہ ھئي جيڪا شيام ڪجھہ دير اڳ ڏٺي ھئي. پھرينءَ ۾ اُٿل پٿل ھئي، ٻيءَ ۾ شانتي.

”ھيءَ زندگي ھڪ سپنو ئي آھي، شيام.... تون چا ٿو چوين. ڏس، چنڊ بہ تہ صبوح جو گم ٿي ويندو آھي. چمبيليءَ جو گل بہ تہ مرجھائجي ويندو آھي. انب بہ رڪئي رڪئي بانس وارو ٿي ويندو آھي. سڀ شيون مرنديون آھن. صرف ھيءَ ھوا سدائين قائم آھي. خبر اٿيئي چو، شيام؟ ڇاڪاڻ تہ ھنکي بدن نہ آھي. ھنکي بہ اگر تو ۽ مون جھڙو بدن ھجي ھا تہ ھوءَ بہ مري وڃي ھا!

”ڪيڏي نہ وڏي آھي ھيءَ عمر! ننڍڙو ننڍڙو ٻار، ڪٿي ڪيڏو نہ ننڍو ٻار آھي. اگر زميندار مونکي ماءُ جي ھنج ۾ ڏسي ھا تہ ڇا مونسان شادي ڪرڻ بابت سوچي ھا. ھن بدن کي ڇاٿو ٿئي؟ ھي بدن وڻ جان وڏي ٿو وڃي. وڻ ۾ ميوا ڇو ٿا ٿين؟ برسات بنان زمين سڪي ڇو ٿي وڃي؟

”مان پاڳل نہ آھيان، شيام! مان پاڳل نہ آھيان. پر الائي ڇو، مان اڄ سڄو ڏينھن ڪجھہ نہ ڪجھہ سوچيندي رھي آھيان. ٻڌاءِ شيام، اگر ھينئر ھيءُ چنڊ گم ٿي وڃي، تارا گم ٿي وڃن، چوطرف اونده انڌڪار ٿي وڃي، دنيا جون سڀ بتيون، سڀ ڏيئا ھميشہ لاءِ گل ٿي وڃن، سورج ٻاھر نڪرڻ کان نابري واري تہ پوءِ ھيءَ دنيا ڪھڙي ھوندي؟ ھيءَ دنيا ئي ڪانہ رھندي نہ! پوءِ زميندار منھنجي سونھن ڪيئن ڏسندو؟ منھنجي ماءُ منھنجو ڏک ڪيئن ڏسندي؟“

سھڻي سانت ٿي ويئي. شيام جي دل نہ معلوم ڪھڙي ڏک کان روئي رھي ھئي- ڇڻ سچ پچ ھيءُ چنڊ ھميشہ لاءِ گم ٿي ويو. پر ھيءُ چنڊ لڪي ڪيڏانھن ويندو؟ ھو رسي ڪھڙي ديس ويندو، جتي ماٺھو

ڪيس پيار ڪن؟

ڪيتري دير شانت هئي. سهڻي الائي ڇا سوچي رهي هئي ۽ شيام چنڊ ڏانهن نهاري رهيو هو. اوچتو سهڻيءَ منهن ورائي عجيب آواز ۾ پڇيو: ”پرين جو ديس ڪٿي آهي، شهزادا؟“

شيام نگاهون چنڊ تان هٽائي سهڻيءَ طرف ڪيون. سندس منهن ۾ ڏکي ڳچيءَ تي چانڊوڪي نچي رهي هئي. سهڻيءَ جا وار صبوح وانگر اُلجهيل ڪونہ هئا پر سنواريل ۽ پنيان ڏگهي چوٽيءَ ۾ مضبوط ٽيل هئا، جڻ اُهي نديڙا ٻار هئا جي هر هر لچائيءَ تي هريل هئا ۽ ماءُ هنن کي نوڙيءَ سان ٻڌي ڇڏيو هو. شيام سهڻيءَ جي نيرين اکين ڏانهن ۽ گول ڪلهن ڏانهن نهاريو. سندس سندر ڳگهي تي هڪ ڪلهي وٽ هڪ وڏي چتي لڳي هئي. سهڻيءَ چيو: ”توکي ان ڪهاڻيءَ جي خبر آهي تہ تنهنجي پرين جي ديش مان هڪ پريءَ کي انڪري نيڪالي ڏني ويئي ڇاڪاڻ جو هوءَ غريب هئي.“

شيام ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. هن جهنجهلائيندي چيو:“ ”سهڻي، تون اڄ ڪهڙيون ڳالهيون پيئي ڪرين!“

”نيڪ تہ چوان ٿي، شيام. تنهنجي پرين جي ڪتاب ۾ ضرور اهڙي هڪ ڪهاڻي هوندي!“

”مونکي ڊپ ٿو ٿئي، سهڻي. اڄ مان توکي اڪيلو مور ڪين ڇڏيندس. مان تنهنجي پاسي ۾ ويٺو هوندس، صبوح تائين.“

سهڻي کلڻ لڳي. ”اگر تنهنجا ڪلها منهنجي ڪلهن کان ڪجهہ مٿيرا هجن ها، تہ مان تنهنجو هٿ پڪڙي دور هلي هلان ها. هو رستو ڏسين ٿو، ان رستي تان. پوءِ توکي ڪوبہ ڊپ ڪونہ ٿئي ها ۽ نہ مان هي ڳالهيون ڪريان ها. پر شيام، پاڻيءَ جو وهڪرو بہ ڪڏهن بيٺو آهي؟ يا ٻہ وڻ هڪ ٻئي سان گڏ اُسري سگهيا آهن؟ هام لتا شايد وڻ تي سمهي سگهي ٿي.“ سهڻي کلڻ لڳي. هوءَ ڪپڙا چنڊي اُٿي

ڪڙي تي "شيام تون گهر وڃ. ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي رات اڌ کان مٿي گذري چڪي آهي."

"تون ڪيڏانهن ويندينءَ."

سهڻي وري کلڻ لڳي. "پرينِ جي ديس ۾." پر جلدئي ڳنڀير ٿي چيائين، "مان پنهنجي جهوپڙيءَ ڏي وينديس. تون پنهنجي گهر وڃ."

"مان به توسان گڏ هلندس."

سهڻيءَ ڪو به جواب ڪونه ڏنو.

هو هٿ هٿ ۾ ڏيئي هيٺ لٿا ۽ باغ مان ڏيري ڏيري هلندا جهوپڙيءَ ڏانهن وڌيا. چوطرف بلڪل سانت هئي. شيام ۽ سهڻي پنهنجي دل سسي رهي هئي. جهوپڙيءَ جي پرسان اچي سهڻي بيهي رهي، هن شيام ڏانهن نهاريو. پوءِ هن شيام جي مٿي تي هٿ رکي شيام جي اکين کي چميو ته به لڙڪ اچي شيام جي ڳلن تي پيا. شيام روئندڙ دل کي مضبوط ڪري سهڻي جي ڪرائيءَ کي پڪڙڻ چاهيو ته سهڻيءَ جي ڪرائي ۾ پيل شيشي جي چوڙي ڀڃي پيئي. سهڻيءَ پاڻ ڇڏائي ورتو ۽ جهوپڙيءَ جو در کولي تڪڙي اندر هلي ويئي.

شيام عجب ۾ چوطرف نهاريندو رهيو. جڻ هڪ ٻاچو سندس پاسي مان تڪڙو تڪڙو لنگهي ويو هو. هو سڃاڻي ڪونه سگهيو هو ته اُهو ڪنهن جو هو. هن چنڊ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ انبن جي وڻن ڏانهن جهوپڙي ڏانهن نهاريو- سڀ سانت هئا. سندس دل جي ڌڙڪڻ کان بيخبر، هن جڻ نشي ۾ مٿيءَ ۾ هٿوراڙيون هڻي ڀڳل چوڙيءَ جا ٽڪرا ڳولهيا ۽ انهن کي کيسي ۾ وجهي گهر ڏانهن هليو.

اُن رات چنڊ اهڙو ته سهڻو هو جو ڌرتي اُتي عاشق ٻڌجي تڙپڻ لڳي.

# تـي

صبوح جو پهريون پهر گذرڻ تي هو. سج جي گرم روشني چوطرف ڦهليل هئي. اُن تي ئي شيام جون اکيون کليون ۽ هن هڪ جلن محسوس ڪئي. سندس مٿو به ڪجهه ڳؤرو هو. هو وري هنڌ ۾ ليٽي پيو. رات واريون يادگيريون ڏيري ڏيري ڪيس وري ويڙهڻ لڳيون. ڪيس سهٽيءَ جي ياد پيئي ۽ اهو به ياد آيس ته هو چوڙين جا ٽڪرا ميڙي ڪٺي آيو هو ۽ اُهي وهاٽي هيٺان اچي رکيا هئائين. هن وهاٽي هيٺان هٿ وڌو ۽ ٽڪريون ڪيندي هڪ ٽڪر سندس آڱوٺي ۾ لڳو ۽ رت نڪرڻ لڳس. شيام ڪي هنڌ ڇڏٿو ئي پيو. آڱوٺي جو رت اُگهڻ لاءِ هو ماڙيءَ تان هيٺ لٿو ته ڪجهه آواز ٻڌائين. سندس ماءُ ۽ پاڙي جي هڪ ٻـه زال سهٽي بابت ڳالهائي رهيون هيون.

”ڇا ٿـيو آهي، اما؟“ شيام ماءُ وٽ پڇي ڇيو.

”سهٽيءَ رات زهر کائي آپگهات ڪيو آهي. هوءَ مري ويئي!“

شيام اُتي ئي بت بڻجي بيٺو رهيو. سندس دل جي ڌڙڪڻ جڻسي بند ٿـي ويئي. آڱوٺي مان نڪرندڙ رت جي ڳالهه ئي وسري ويس. اوچتو ماڻس جي نظر شيام جي منهن تي پيئي. ”اڙي توکي ڇا ٿـيو آهي. ڳاڙهيون اکيون، پيلو چهرو...“

شيام دروازي ڏانهن وڌندي چيو: ”امان مان باغ مان ٿي اچان ٿو.“ ماڻس پنيان سڏ ڪندي رهي، پر شيام جنسي ڊڪ پائيندو باغ ڏانهن ويو. باغ ۾ پهچي هن ڏٺو ته اتي بلڪل سانت لڳي پيئي هئي. صرف هڪ پوليس وارو جهوپڙيءَ ٻاهران بيٺو هو. جهوپڙيءَ ۾ اندر ڪير ڪونه هو.

شيام جي پهچڻ تي پوليس واري ٻڌايس ته لاش کي چيرڻ لاءِ اسپتال کڻي ويا آهن ۽ سهڻيءَ جي ماءُ ۽ پيءُ کي، ڏيءُ کي آپگهات ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ گرفتار ڪري ويا آهن.

شيام جهوپڙيءَ اندر ويو. سهڻيءَ جي جيئري هو هن جهوپڙيءَ اندر ڪڏهن ڪونه آيو هو. هڪ ڪنڌ کان ننڍڙي اڌ ڇنل پراڻي منجي پيئي هئي. ٻيءَ ڪنڌ ۾ مٽيءَ جي ننهيل چلهه پرسان ٺڪر جا ٻه ٽي ٿانءَ پيا هئا. منجيءَ جي پاسي ۾ ٽين جي هڪ پراڻي ٽرنڪ پيئي هئي ۽ نوڙيءَ تي ٻه ٽي ڪپڙا ٽنگيل هئا. اُنهن ۾ سهڻيءَ جو هڪ پراڻو چولو به هو. شيام ان چولي کي سڃاتو ۽ جيئن ئي اهو چولو پهريل سهڻيءَ جو چِٽر ڪيس ياد آيو ته هو اوڇنگارن ۾ اچي پيو. پوليس وارو ڪيس هٿ کان جهلي ٻاهر وٺي آيو. شيام آلين اکين سان چوطرف نهاريو: ڪاڏي ويئي هئي اُها رات واري سونهن! چوطرف مٽي ۽ اُن مٿان سڪل پن ۽ ٽاريون پيل هئا. اَنبن جي وڻن ۾ به ڪا سونهن ڪانه هئي، سندن سڪل پيدا ٿڙ ۽ مٽيءَ سان لٽيل پن به سونهن بنان هئا. شيام وڃي اچي کسيءَ جي پاسي ۾ هڪ دڙي تي ويٺو جتي اڪثر هو سهڻيءَ سان گڏ ويهندو هو. مٿو گوڏن تي رکي منهن ٻانهن ۾ لڪائي هو روئڻ لڳو- هو منجهند تائين اُتي ويٺو رهيو.

ٻن پهرن بعد جڏهن شيام گهر پهتو ته ماڻس سندس حالت ڏسي ڊڄي ويئي. شيام بخار جي مؤ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو هو. ماڻس هند وڇائي هنکي سمهاريو ۽ ڊاڪٽر کي ماڻهو موڪليو ويو.

تن ڏينهن بعد شيام هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو ۽ هو اسڪول ۾ به ويو.

سڄي ڳوٺ ۾ ان ڳالھ جو چرچو هو. چونڪ ۾، دڪانن تي، پاڇي بزار ۾، شاگردن جي جُهنڊن ۾، اسڪولن ۾، ماسترن ۾ ان ڳالھ تي ئي چرچا هلي رهي هئي. شيام پڌو ته ڪيترا شاگرد سهٽيءَ جو مذاق اُڏائي رهيا هئا. پڌيا ۽ دنيادار ڪيس بيوقوف ۽ چريءَ جا لقب ڏيئي رهيا هئا: ”پڌو ٿيو ته ڇا ٿيو؟ هئي ته هڪ رواجي ڪڙميءَ جي ڌيءُ نه. حويليءَ ۾ ويهي عيش ڪري ها!“ ٻئي چيو: ”پنهنجي سونهن جو نشو هوس.“ ٽئين ٻوليو: ضرور ڪنهن ٻئي هاريءَ سان نهيل هوندي، نه ته جان ڏيڻ ڇا اهڙي سولي ڳالھ آهي!“

اهو سڀ پڌي شيام جو رت ٽهڪڻ لڳو. پر هو بيوس هو. دنيا جا ٻوٿ به ڪڏهن بند ٿيا آهن!

پوليس قاسم ۽ سنڌس زال سميءَ کي گرفتار ڪيو هو، انهيءَ ڏوه هيٺ ته هنن سهٽيءَ کي آتم هتيا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي. هو ٻئي ويچارا اڳم ئي دک ۾ اڌ مئا ٿي پيا هئا ۽ مٿان وري هيءَ آفت.

پوليس آفيسر کي پڻ هنن جي حالت تي قياس اچي رهيو هو. پر زميندار خود پوليس ڪمانيءَ سان ڳالهايو هو ۽ پوليس ڪمانيءَ جو حڪم هو ته قاسم کي ثابتيءَ يا بنا ثابتيءَ سزا ملڻ گهرجي. هن زميندار جي بيعزتي ڪئي هئي. ڇا اهو گهٽ جرم هو؟ قاسم پوليس حوالات ۾ هو ته ڇاڇيمل سنڌس زال کان زوريءَ جهوپڙي خالي ڪرائي.

آخر شيام کان جڏهن وڌيڪ سٺو نه ويو ته هو پيءُ وٽ لنگهي ويو. پٽس پهرين ته سڀ ڪل چرچي ۾ اُڏائڻ چاهيو، پر جڏهن ڏٺائين ته شيام گنڀير نوع ۾ آهي ته ڪاوڙجي چيائينس، ”شيام، تون هيءُ ڳالهيون سمجهي نٿو سگهين. ڌنڌي ۾ رحم ۽ قياس کي ڪا به جڳھ نه آهي. اڄ زميندار کي ناراض ڪرڻ سان سڀاڻي مونکي گهڻو نقصان

پڇي سگهي ٿو. ڇا تون ان جو خيال ڪري سگهين ٿو؟ تون اڃا ٻار آهين، دنيا کي سمجهڻ ۾ توکي اڃا وقت لڳندو.“

شيام ماٺ ٿي ويو، ليڪن سندس دل ماٺ نه ٿي ۽ اها پيٽي رفتار سان ڌڙڪڻ لڳي. هو اڪثر سانت سانت رهڻ لڳو. شيام اسڪول جي ميدان تي ويهڻ بدران ٻنين ڏي نڪري ويندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ دور اُفق ڏانهن نهاريندو رهندو هو. قدرت جي گود ۾ اَجهو ونڻ سان هو ڪجھ شانتي پائيندو هو، پر ڳوٺ ۾ موٽڻ تي سڄي ڳوٺ لاءِ ڇڻ سندس من ۾ نفرت اُڀري ايندي هئي. هو سوچيندو هو: ”هن دنيا ۾ ڪيتري نه سونهن آهي! اُها چوطرف هيرن موتين جيان پکڙي پيئي آهي. پر هيءَ انسان گند جا ڍير ميڙي ويٺا آهن. ڪهڙي نه بيڪار آهي اُنهن جي زندگي! جهڙي حالت ۾ ڄاوا آهن اهڙيءَ حالت ۾ ئي مري ويندا. مٽيءَ مان گلُ ٻن گهڙين لاءِ اُڀرندو آهي ته ڪيئن نه ٽڙندو آهي، سونهن سان ٻهڪندو آهي ۽ سرهاڻ ڦهلائيندو آهي! پر هيءَ صدين کان اُڀجيل انسان بنا سونهن بنا سرهاڻ ڏيڻ جي مٽيءَ ۾ ملي ٿا وڃن! هو اڪثر هننجي پيءُ سهٽيءَ سان ڪندو هو. ”ذلت ڀري زندگي گذارڻ کان مرڻ بهتر آهي.“ اهوئي ته سبق هو سهٽيءَ جي زندگيءَ جو.

جيترو وڏيڪ هو سوچيندو هو، اوترو وڏيڪ اڪيلو ٿيندو هو ۽ اوتروئي هو پڙهڻ ۽ ٻين ڪمن ڪارين ڏي گهٽ ڌيان ڏيڻ لڳندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو اهڙي ساٿيءَ لاءِ تڙپي اُٿندو هو جنهن سان ويهي ٻه گهڙيون ڳالهيون ڪري دل جو حال اوري، پر اهڙو ساٿي هن ڳوٺ ۾ ڪٿان اچي؟

هڪ ڏينهن اسڪول ۾ رسيس وقت سنڌيءَ جي ماسٽر شيام کي سڏ ڪري چيو: ”شيام توکي ٿي ڇا ويو آهي؟ مان توکي ڪلاس جو سٺي ۾ سٺو شاگرد ڪري سمجهندو هوس. پر اڄ ڪالھ تون ڏاڍو

بيپرواه ٿي پيو آهين.“

شيام هڪ ڏوهاريءَ جيان ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺو رهيو. هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

ماستر شيام جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”شيام، مان توکي ڪيترن سالن کان جاچيندو آيو آهيان. مون تنهنجي سنڌيءَ جي ڪاپيءَ ۾ تنهنجون لکيل ڪويتائون به پڙهيون آهن. مان تو ۾ وڏي اُميد رکي ويٺو هوس. پڌاءِ شيام، توکي ڪهڙو ڏک آهي؟“

شيام جي دل ڀرجي آئي. هن ماستر لاءِ نه رڳو شيام کي، پر سڄي اسڪول جي سيني شاگردن ۾ ماسترن کي خاص عزت هئي. سيني ماسترن کان نيارو هو هيءُ ماستر. تمام سانتيڪو، پر ڪلاس ۾ پاڙهڻ وقت چڻ بوڊ ۾ ڀرجي ويندو هو. پهاڙي نديءَ جي تيزيءَ جيان لفظ سندس وات مان نڪرندا هئا ۽ سڄو ڪلاس چپ چاپ اُن وهڪري ۾ وهي ويندو هو. خاص ڪري شاه پاڙهڻ وقت ته هو پاڻ وساري رهندو هو. ماستر ۽ شاگرد ٻئي شعرن جي مٺرتا ۽ گهرائيءَ ۾ گم ٿي ويندا هئا.

”مان.... مان ڏسان ٿو....“ شيام هٽڪندي چيو: ”هن دنيا ۾ ظلم وڌيڪ آهي، انصاف گهٽ. گند گهڻو آهي، سونهن ٿوري.“

ماستر عجب ۾ ٻـ منٽ سانت رهيو. ”تون ڀليل آهين، شيام! تون جذبي ۾ وهي ويو آهين. ظلم جڏهن ٿيندو آهي ته ڏاڍي ڪڙڪي ۽ ڌڪاءَ سان ٿيندو آهي، ۽ انصاف ٿيندو آهي سانت ۾. خالي برتن گهڻو آواز ڪندو آهي ۽ ڀريل برتن ٿورو. دنيا ۾ به اڪثر ائين ٿيندو آهي. ظالم مارڻ وقت به گوڙ ڪندو آهي ۽ شهيد مرڻ وقت به سانت رهندو آهي. هيءَ دنيا جو ٻاهريون ڍانچو ڏسي ڀلجي نه وڃ. دنيا سدائين اڳتي وڌندي رهي آهي، اهو ئي ثابت ٿو ڪري ته دنيا ۾ سنائي گهڻي آهي ۽ خرابي ٿوري.“

رسيس پوري ٿيڻ جو گھنڊ وڳو. اُن وقت تہ ٻئي ڪلاسن ڏانهن ويا، ليڪن اُن ڏينهن هن وچ ۾ جيڪو سپنڌ جڙيو هو سو روز بروز گھرو ٿيندو ويو.

موڪل ملڻ وقت اُن ماستر شيام کي سڏ ڪري چيو: ”جذبن وهيڻو ٿيڻ نہ کپي. جذباتي ٻڌجي دنيا ۾ هلڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. جيئن رڳي سمجھ دنيا ۾ وناش ڪاري شڪتيون پيدا ڪرڻ لاءِ جوابدار آهي، تيئن رڳي جذبات اِنسان کي پورو ڏيک ڏيکاري نٿي سگھي.

منهنجي زندگيءَ مونکي اهوئي سيکاريو آهي تہ صرف جذبا اِنسان کي گھڻو دور وني وڃي نٿا سگھن.“

شيام سانت ۾ سڀڪجھ ٻڌندو رهيو.

”شيام، مان چاهيان ٿو تہ تون اوچو ۽ اعليٰ بنجين. جيتوڻيڪ پهاڙ تي چڙهڻ لاءِ گھڻو ڪشالو ڪڍڻو پوندو آهي. ٻڌ، تون ڪڏهن ڪڏهن مونوٽ گھر اچ. مونوٽ اُردو ۽ انگريزيءَ جا گھڻيئي ڪتاب آهن جي شايد توکي ڪجھ رستو ڏيکاري سگھن.“

هن ماستر جو نالو هو نورالله. ڪجھ سال ٿيا جو هو هن ڳوٺ ۾ آيو هو. اُن کان اڳ هو ڪٿي هو سا ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي. جڏهن هو آيو هو تڏهن تمام سنهو هو، ڄڻ بيماريءَ جي بستري تان اُٿي آيو هو. پر هاڻي ڪي قدر ڀاڻ ڪنيو هئائين.

قد جو بندرو ۽ سنهو- رنگ ڪارو، اکيون وڏيون ۽ نڪ ڊگھو. هنکي دور کان ڏسڻ سان ئي لڳندو هو تہ عام ماڻهو نہ آهي. جڏهن آيو هو تڏهن گھڻو وقت سنڌ کان ٻاهر رهڻ ڪري پوري سنڌي بہ ڳالهائڻ ڪانہ ايندي هئس، پر ڪن مهينن اندر ئي اهڙي سنڌي سکي ويو جو شاه ۽ سچل کي سمجھڻ لاءِ اسڪول جو هيڊماستر بہ هن وٽ ويندو هو.

هو رهندو ڳوٺ کان ڪجھ ٻاهر پرو هڪ جھوپڙيءَ ۾ هو

جنهنجي چوڌاري ڪنڊن جو لوڙهو هو. سندس زال پنجابڻ هئي جا آس پاس جي گهرن ۾ تمام ٿورو ايندي ويندي هئي. ماستر جي گهر ۾ به تمام ٿورا ماڻهو آيا ويا هئا. ايندڙن ويندڙن کي ٻاهر جهنگلي ۾ هڪ ٻڪري ٻڌل ڏسڻ ۾ ايندي هئي. سانجهيءَ جو آرام ڪرسيءَ تي ويٺو نورالله ڪو ڪتاب پڙهندو رهندو هو ۽ فاطما سندس زال صندل تي ويٺي ڀاڄي وڍيندي هئي يا ٻي ڪا هاج ڪندي هئي. انگريزي ڳوٺ ۾ جيترا هئا منهن، اوتريون هيون هن ماستر بابت ڳالهيون.

ٻئي ڏينهن شيام جڏهن ماستر جي گهر ڏانهن اُسهيو ته ابا ڏور جهنگ مان واپس ڪونه آيا هئا، پر وڻن جا پاڇا ڊگها ٿي رهيا هئا. پکي جي ڌرتيءَ جو وڻن تي سانت ڪيو سمهي پيا هئا، سي وري جاڳيا هئا ۽ پنهنجون پنهنجون ٻوليون ٻولي رهيا هئا.

شيام ڌيري ڌيري هلندو اچي لوڙهي وٽ پهتو. ماستر جي آرام ڪرسي ٻاهر خالي پيئي هئي ۽ فاطما صندل تي ويٺي ڪنهن پراڻي ڪپڙي کي ٽوپو ڏيئي رهي هئي. شيام کن پلڪ هٽڪيو، پوءِ ويجهو وڃي پڇيائين: ”ماستر صاحب آهي؟“

فاطما منهن مٿي ڪنيو. شيام کي جاچيندي اوچتو مرڪي ڏنائين. ”تون شيام آهين نه؟ اچ ويهه. تنهنجو ماستر اندر آهي. سڏ ڪيانس ٿي.“

ايتري ۾ ماستر ڪمري مان ٻاهر نڪتو. کيس ڪوٽ پيل هو ۽ هٿ ۾ لڪڙي هئي جنهن مان ظاهر هو ته ڪٿي ٻاهر نڪرڻ جي تياري هيس. شيام کي ڏسي مرڪي چيائين: ”شيام. آهين! مان هينئر پنڌ ڪرڻ ٿي ويس. هل ته ٿورو پنڌ ڪري اچون.“

ٻئي ميدان لتاڙي ٻنين جي وچ مان لنگهندا ڪيترو دور وڃي پهتا. ڪجهه پريرو شمشان هو. هتي هڪ ڏڙو نهيل هو جنهن جي پر ۾ هڪ وڏو ٻڙ جو وڻ هو. وڻ جون پاڙون دور تائين ڦهليل هيون. ڏڙي تي به ٽي آڏ گهڙيل پٿر رکيا هئا، جي ائين پيا هئا ڄڻ ڪرسيون

نـهيون رکيون هيون.

ماستر هڪ پٿر تي ويهندي چيو: ”شيام، ويهه.“

رستي تي ٻنهي مان ڪنهن به ڪونه ڳالهايو هو. ٻئي سنجها جي ٿڌي هير ۾ پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪري رهيا هئا ۽ پکين جون لاتيون ٻڌندا پئي آيا.

”ڪيڏي نه سانت آهي هتي! هئڙي سانت ۾ اِنسانن جون آتمائون ننڊ مان جاڳي اُٿنديون آهن. چڱو، شيام ٻڌاءِ، تون شعر ڇو لکندو آهين؟“

اهو سوال ماستر اڌ ساڀيا ۽ اڌ چرچي ۾ ڪيو. تڏهن به سوال هلڪڙائيءَ سان ڪيل ڪونه هو، انڪري شيام ڪجهه منجهي پيو. ماستر چيو، ”شيام، هت اسين ٻه دوست ويٺا آهيون. مان تنهنجو ماستر نه آهيان. منهنجو عقيدو آهي ته پيءُ کي به پاڻ جيڏي قد واري پٽ کي دوست سمجهڻ گهرجي ۽ نه پٽ.“

شيام ڪيتري دير چپ چاپ لهندڙ سج ڏانهن نهاريندو رهيو. سامهون وڻ جي ٿڙ جي هڪ پوڙر ۾ طوطن پنهنجو آکيڙو ٺاهيو هو، جتان هو هر هر منهن ڪڍي سانت ۾ وينـل هنن ٻن جيون ڏانهن نهاري رهيا هئا.

شيام چيو، ”ڪڏهن ڪڏهن مان من ۾ خوشي پائيندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيڙيندڙ ڏک. انهن ٻنهي حالتن ۾ مان پاڻ ظاهر ڪري ڏک سک ونڊڻ چاهيندو آهيان، پر ڪو ساٿي نزديڪ نه هئڻ ڪري قلم ذريعي دل جا اُڌما ظاهر ڪندو آهيان، ليڪن چين ڪٿي آهي! هڪ ڏک جي لهر بعد ٻي لهر اچي ٿي، ۽ من هندوري وانگر لڏندو رهي ٿو. مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته جي اُڌما ۽ خيال منهنجي من ۾ تاندو ناچ نچن ٿا، سي ڇا سيني جي من ۾ اُٿندا آهن؟ پر ان جو خاطر خواهه جواب پائي نه سگهندو آهيان.“

”شيام، دنيا ۾ ڏک سک سيني جو در کڙڪائيندو آهي. ائين نه هجي ته عام ماڻهو ڪلاڪار جي ڪلا کي سمجهي نه سگهن. ليڪن انداز جو گهڻو فرق آهي، شيام! شاعر وٽ جذبات ٿئي ٿي ۽ تصور ٿئي ٿو ان ذريعي هو پنهنجي ڏک کي عالمي- ڏک جو روپ ڏئي ٿو. مثال طور گهر جي هڪ ڀاتيءَ جي موت تي عام انسان روئي هنج ڀري ٿو، هو محسوس ڪري ٿو ته هن ڪجهه وڃايو آهي. ليڪن ڪلاڪار لاءِ جڏهن هيءُ ڏک اچي ٿو ته هو صرف پنهنجي شخصي صدمي جو ڪونه ٿو سوچي. هن کي خيال اچي ٿو ته هن دنيا مان سيني کي هلڻو آهي. هن زندگيءَ جي ٻئي طرف موت آهي ۽ هو موت کي آرٽسٽڪ روپ ڏيئي زندگيءَ جو هڪ جزو بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.“

شيام سانت ۾ رهيو. هو ڪجهه سوچي رهيو هو.

ماستر وري چيو، ”ليڪن اِهو ڪلاڪار جو پهريون دؤر آهي. ان بعد ٻيو تمام ڏکيو دور هن لاءِ اچي ٿو. شيام هن دنيا ۾ خود غرضي چوطرف ڦهليل آهي. سيڪو خود غرضيءَ ۾ تمنار ۽ ’مان مان‘ جي گيت ڳائڻ ۾ پورو آهي. سچي ڪلاڪار جو پهريون اُصول آهي ته هو خود غرضي ۽ پاٽپٽو تياڳي- اُن بعد سندس من هڪ آرسيءَ جيان ٿيو پوي، جنهن مان سڄو سنسار پيو لياڪا پائي. ليڪن اهو تمام ڏکيو آهي، شيام، تمام ڏکيو. ٻالپڻ ۾ سيڪو فرشتن جيان رهي ٿو. ليڪن جيئن وڏو ٿيندو وڃي ٿو تيئن خود غرضيءَ جي گپ ۾ ڦاسندو وڃي ٿو.

”۽ ڪلاڪار بڻجڻ لاءِ ڪيتري نه جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي! شعر چوڻ سولو آهي، پر اهو شعر چوڻ جنهن ۾ زندگيءَ جي ڌڙڪڻ ۽ تابشر هجي سو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان لاءِ پاڻ جلائڻو پوي ٿو. باه جهڙي ڪوري ۾ پاڻ پچائڻو پوي ٿو. جيئن ڏڏ کي ولوڙي مکڻ ڪڍبو آهي

تيئن زندگيءَ کي ولوڙي ان مان ڪلا ڪڍجي ٿي. ڪلا زندگيءَ جو نچوڙ ۽ تت آهي.“

شيام تڏهن به سانت ۾ ويٺو رهيو. لهندڙ سج جا ڪرڻا سندس منهن تي پئجي رهيا هئا.

”شيام، تون اُها جاڪوڙ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندين؟“

شيام جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو. ”چئي نٿو سگهان، ليڪن اِها خبر اٿم ته منهنجي من ۾ سمنڊ پيو ڇوليون ماري، جو مونکي سک سمهڻ ڪونه ٿو ڏئي. ڪڏهن دل ٿيندي اَٿم ته زمين جي مٽيءَ سان پاڻ ملي مان به مٽي بڻجي پوان، يا هيءُ پيچرو وٺي هليو وڃان ۽ اُفق ۾ گم ٿي وڃان. پاڻ کي ناس ڪرڻ ۾ ئي مزو آهي. زندگيءَ مان ڪجهه سرجڻ ۾ ئي آنند آهي، اهو پتو اٿم. مان ڪجهه سندر سرجڻ چاهيان ٿو، ۽ هن دنيا کي سندر ڏسڻ جي آس رکانٿو.“

پئي ڄڻا ڪيترو وقت سانت ۾ ويٺا رهيا. سج ٿورو ٿورو ٿي لڪندو ويو- ڄڻ اسٽيج تان نرتڪي راڻي قدم کڻي پردي اندر لڪندي ٿئي ويئي. اوپر ۾ اونده پنهنجا پر ڦهلائڻ لڳي. هتان هتان ننڍڙا تارا جهاتيون پائڻ لڳا.

ماستر چيو، ”هيءَ اسانجي سنڌ جي ڳاڙهي زمين، هيءُ ڪليل آسمان، ڪيترا نه سهڻا آهن! مان جڏهن سنڌ کان ٻاهر هوس ته هيءَ مونکي سدائين سڏيندي رهندي هئي. ڏاڍي پياري ٿئي ٿي پٽي (مٽي) پنهنجي وطن جي. اها لڪا تڏهن ئي پوي ٿي جڏهن وطن کان وڇڙجي ٿو. مان موٽي آيس پنهنجي وطن، پر هت به من ۾ ماٺ نه ٿي. هڪ لوچ ۽ تڙف سدا تڙپائيندي رهي. ملڪ سائو آهي پر ماڻهو غريب. سڀ زميندار ڪنيو وڃن، سڀ واپاري ۽ سيٺيون ڦريو وڃن ۽ ان اُپائيندڙ هاريءَ کي پورو ويلو به پلئه نٿو پوي.“

”پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ شيام کي سهڻي ياد اچي رهي هئي.

”خبر نہ اٿم.“ ماستر چيو: ”منهنجي دل ۾ درد آهي پر رستي جي پروڙ نہ اٿم. شيام، مان ٿڪل انسان آهيان، بيحد ٿڪل! آرام ڪرڻ لاءِ مان پنهنجي ڳوٺ ۾ موٽي آيس، پر ڪن اِنسانن کي شايد ڪٿي بہ آرام نصيب نہ ٿيندو آهي. مونکي سڀ کان وڏيڪ ڏک ان ڳالهہ جو ٿيندو آهي تہ جن شاگردن کي مان شاهہ سچل ۽ سامي پڙهائيندو آهيان سي بہ وڏي هوندي هن چڪر ۾ ڦاسجي ويندا. ڪي ڏنڊي واپار ۾ ڏن ڪنو ڪندا، ڪي منشي ٿي ڪاغذن تي جوڙون ۽ ڪٽون ڪندا. پر شيام تون هڪڙو ئي اگر جيون جي ڳجهہ جي ڳولا ۾ پنڌ پئين تہ مان پنهنجي ماستريءَ واري عرصي جي محنت سڦل سمجهندس.“

ماستر اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ شيام بہ. تارا آڪاس ۾ چوطرف ڦهلجي چڪا هئا. اونده زمين تي ليٽي ريڙهيون پائي رهي هئي. پيچري جي ڀنهي پاسي ٻنيون هيون. نالين ۾ ڏيڏر ٽان ٽانءِ ڪري رهيا هئا. ماستر شايد پنهنجي ماضيءَ جي زندگيءَ بابت سوچي رهيو هو. ۽ شيام سوچي رهيو هو: ”هنڙين راتين ۾ سمهڻ پاڻ سان ڏوجهرو ڪرڻو آهي. چوطرف شانت جو گيت آهي ۽ اِن گيت ۾ ڪيتري نہ شانتي آهي!“

اُن وقت دور ڪنهن ڀنيءَ ۾ ڪو هاري گيت ڳائي رهيو هو:

ملجانءِ ملجانءِ چوري چوري

ڪنهن صوفي فقير جو گيت هو اهو. ڪڏهن ڪڏهن هن جي قدمن جو آواز آيو ٿي ۽ وري سانت ٿي ٿئي ويئي.

# چار

”تون ھيءَ اچ ڪالھ سڄو ڏينھن ڇا لکندو رھندو آھين، پٽ؟ ۽ ڪڏھن ڪڏھن رات جو دير تائين پنين ۾ گھمڻ ۾ توکي ڪھڙو مزو ٿو اچي؟“

شيام اُن وقت ڪاپيءَ ۾ ڪجھ لکي رھيو ھو. پيءُ جي سوال تي ھن پنو ورائي ڇڏيو. پر پٽس ڪانئس ڪاپي وٺي پنا اُٿلايا.

”شعر ۽ ڪھاڻيون!“ پٽس کلي ڏنو، ڄڻ مٿانئس وڏو بوجھ ھٽي ويو. ”وندر ڀلي ڪر، پر گھڻو وقت اِنھن ۾ نہ وڃاءِ. توکي تہ آخر پيءُ جو دندو سنڀالڻو آھي. ھيڏي ساري جائداد آھي، اُنکي سنڀالڻ ۽ وڌائڻ لاءِ حوصلو ۽ پورھيو کپي ۽ مون ٻڌو آھي تہ تون اڄ ڪلھ ھن ماستر نوراللہ سان گھڻو رلڻ ملڻ لڳو آھين. ھن وٽ گھڻو نہ وڃڻ کپي، شيام.“

”ڇو بابا؟“

”ھن بابت ڪئين ڳالھيون ٻڌيون ٻڌجن. ڪي چون ٿا تہ ننڍي ھوندي ھو خطرناڪ انقلابي ھو. اڃا تائين بہ پوليس جي مٿس ڪڙي نظر آھي. ائين نہ ٿئي جو ھنجي ڪري تون بہ ڪنھن آھيءَ ۾ اڙجي وڃين.“

شيام ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ پٽس ھليو ويو. پر ڪيترا لفظ

شيام جي ڪنن ۾ پڙندا رهيا: ”شعر لکڻ کي وندر ڪري سمجهڻ... دنڊو ڪري پئسو وڃائڻ.... آهيءَ ۾ اڙجڻ کان بچڻ.“ هيءُ سڀ صلاحون سندس من جي آواز جي بلڪل اُبتڙ هيون. سندس من تہ اهڙا گيت چوڻ ٿي چاهيا جن مان گرم گرم رت ٽپڪندو هجي. هن پئسي ميڙڻ کي زندگي برباد ڪرڻ ٿي سمجهيو ۽ هنجو عقيدو هو تہ جيئڻ آهي ؛ اُن سوڙهي پيچري تان هلڻ جنهن جي پنهي پاسي اونهي کاهي هجي.

شيام مئٽرڪ ۾ پهچي چڪو هو، پر سندس گهڻو وقت لکڻ پڙهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ ئي ويندو هو. ڳوٺن ۾ منجهند جو جڻ راڪاس گهمي ويندو آهي. منجهند جي گرميءَ ۾ سڀ دڪان بند ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهو گهرن اندر دريون دروازا بند ڪري پٽ تي پاٽي چٽڪاري ننڊ ڪندا آهن. پکي بہ وڻن جي ٿڌڪار ۾ سمهي پوندا آهن ۽ جانور ڪا ٿڌڪار ڳوليندا آهن. اڪثر گهر جي ڪتي يا ٻليءَ کي دلن جي گهڙامجيءَ هيٺان هاريل پاڻيءَ تي سمهيل ڏسبو آهي.

اهڙي وقت جڏهن گهر جا سڀ ياتي ننڊ ۾ غافل هوندا هئا تہ شيام اسڪول جو ڪتاب کڻي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ليڪن جلدئي سندس خيال اسڪولي ڪتابن تان هٽي دور هليا ويندا هئا.

ماستر نورالله جي سنگ ۾ شيام جي زندگيءَ ۾ عجيب ڦيرو آيو هو.

قدرت جي ڪن ڪن ۾ بدلجندڙ سونهن کيس موهيو هو ۽ اڪيلائي ۾ ويٺي ويٺي هو خيالي قلعا ٺاهيندو هو. سهڻيءَ بابت سوچيندو هو- هوءَ سڀاجهي هئي، هڪ ننڍڙي سهڻي انبڙيءَ جيان هئي، جنهنکي ڪچڙي ئي ڪنهن پٽي دور ڦٽو ڪري ڇڏيو. هن واقعي سندس دل ۾ گهرو گهاءُ ڪيو هو ۽ سندس دل هڪ گهايل پکيءَ جيان پڪارڻ

چاهيو ٿي.

ليڪن ماستر جي سنگ ۾ هن ڄاتو ته قدرت ڪان وڌيڪ سونهن انسانن جي گونا گون سڀاون ۾ ملي ٿي. هن دنيا ۾ هڪڙي سهٽي نه آهي؛ هر ڳوٺ ۾، هر شهر ۾ اهڙيون ڪيئي سهٽيون آهن ۽ هر ڳوٺ ۾ هر شهر ۾ زميندار جهڙا عياشي آهن. سچي دنيا ڏڙڪندڙ دلين سان ڀري پيئي آهي ۽ اهي دليون رئنديون به آهن ته کلنديون به آهن.

شيام وڌيڪ ڄاتو ته لکڻ اهڙو سولو نه آهي. ليڪ صرف پنهنجي تصور جي زور تي گهڻو دور وڃي نه ٿو سگهي. جيئن ڪنيار يا واڍو پورهيو ڪندا آهن. تيئن ليڪ کي به پورهيو ڪرڻو ٿو پوي. انسان جي من جي اونهن ۽ اونداهن تهه خانن جا ڪلف کولڻ سولو ڪم نه آهي. شيام ڪڏهن پنيءَ ڪناري بيٺو ڪڙميءَ کي پنيءَ ۾ ڪم ڪندو جاچيندو هو ته ڪڏهن پکين کي پاڻ ۾ راند ڪندو ڏسي هڪ عجيب لطف محسوس ڪندو هو. جڏهن به ڪو ماٺو گڏبو هوس ته پهرين هن جي منهن ڏانهن نهاريندو هو ۽ سندس منهن تي ڦرندڙ ڀاوَن جو اڀياس ڪندو هو. اهي ڀاوَ ڪهاڻين جيان سندس من کي ريجهائيندا هئا.

چانڊوڪين راتين ۾ ته هو گهر اندر ويهي ڪونه سگهندو هو. ڪير ڇڻ ڪيس سڏڙا پيو ڪندو هو ۽ هو نڪري ويندو هو ڳوٺ ڪان ٻاهر. ڪو خاص رستو ٻڌل ڪونه هوس ـ ڪڏهن ڪيڏانهن ته ڪڏهن ڪيڏانهن هليو ويندو هو. ان رات به هو پورڻماسيءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ نڪري پيو هو. هلندو هلندو هو واه جي ڪناري پهتو، جنهنجي مٿان رستي جي هن ڀر پهچڻ لاءِ ننڍي پل هئي. شيام اُن پل جي دڪيءَ تي ويهي هيٺ پاڻيءَ ۾ چنڊ جي راند کي ڏسڻ لڳو. پاڻي ڪل ڪل ڪري وهي رهيو هو. ٻئي ڪنارا ٽڪل ماءُ جيان سمهيا پيا هئا ۽ پاڻي ننڍي ٻار جيان راند ڪري رهيو هو.

اوچتو شيام کي ڪجھ ياد پيو ۽ هن ڪنڌ مٿي ڪري سامهون نهاريو سامهون ئي سندن باغ هو، جنهن ۾ هن ڪيترين گهڙين سهٽيءَ سان گڏ گهاريون هيون. اڄ اها سهٽي هن سنسار ۾ ڪانه هئي، پر باغ اڃا اتي قائم هو. هن سال ان باغ سندس پيءُ کي تمام گهٽو فائدو ڏنو هو، هن جيترو اڳ ۾ ڪڏهن ڪونه ڏنو هئائين، ليڪن شيام هاڻي مشڪل سان اِن باغ ۾ ويندو هو. قاسم جيل ڪاٽي ٻاهر نڪتو پر پوءِ زميندار جي تنگ ڪرڻ تي هو ڳوٺ ڇڏي ويا هئا.

شيام هيٺ نئڙي هٿ ۾ مٽيءَ جي هڪڙي لپ کنئي. چنڊ جي روشنيءَ ۾ ڪيس مٽي ڏاڍي سهٽي لڳي رهي هئي. "او مٽي، سهٽي تو وٽ آهي، هوءَ تو ۾ سمايل آهي، ڪهڙي نه سهٽي هئي هوءَ! گلاب جي پنکڙين جيان نازڪ ننڍڙي گول چاٽي، گلابي گول ڪرايون، ڏِگهي بلوري ڳچي ۽ ويڪري نرڙ جي ٻنهي پاسي ڪارا نرم وار- ڪاڏي ويا اُهي سڀ؟ ماٺهن هنکي مٽيءَ ۾ پوري ڇڏيو ۽ هوءَ مٽي ٿِجي ويئي!"

شيام جو بدن لڏڻ لڳو. هن پنهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ لڪايو ۽ سڏڪا ڀري رئڻ لڳو.

ڪيتري دير هو رئندو رهيو. جڏهن هن اکيون کوليون ته چنڊ بادلن پٺيان لڪل هو. پاڻيءَ جي ڪلڪل ڌيمي پئجي ويئي هئي. وڻ سانت ۾ بيهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا. شيام لڙڪ اُگهيا. پريان رات جي راڻيءَ جي هلڪي سڳنڌ اچي رهي هئي. شيام اڪيلائي مشڪڻ لڳو. ڪيس ائين لڳو جڻ سهٽي سندس من ۾ ويهي ڪيس ڪتڪتائي ڪري رهي هئي.

"ادي، دادا آهي؟"

فاطما مرڪي چيو: "ڇا صرف دادا ۾ ئي ڪم اٿيئي، اَدي تنهنجي ڪير ڪانه ٿئي؟"

هن ڏوراپي تي شيام ڪجھ منجھي پيو. پوءِ ڪلي چيائين: ”چو نہ ٿئي. اسانجي سنڌ تہ مهمان نوازيءَ ڪان مشهور آهي ۽ تون هيترو دور پنجاب ڪان هت آئي آهين.“

فاطما ڪرسي سيڙهي ۽ شيام اُن تي ويهي رهيو. شيام هاڻي فاطما کي ادي ڪري سڏ ڪندو هو ۽ فاطما بہ کيس ننڍي ڀاءُ جيان ڀانئڻ لڳي هئي.

فاطما چيو: ”تنهنجو ماستر تہ تنهنجي ڏاڍي ساراه ڪندو آهي. چوندو آهي تون ڪنهن ڏينهن هن ڳوٺ جو نالو روشن ڪندين.“

شيام جو چهرو لڄ وچان لال ٿي ويو.

”مونکي ڳالھ نہ ڪرڻ ڪپندي هئي. تنهنجي ماستر جهليو بہ هو. هو چوندو آهي تہ ڪنهنجي منهن تي گهٽي ساراه نہ ڪجي. پر اسين استريون (زالون) ڳالھ گهٽو وقت دل ۾ سانديي ڪونديي ڪونہ سگهون.“

شيام ڳالھ ڦيرائڻ لاءِ چيو: ”دادا ڪاڏي ويو آهي. اڄ ڪالھ شام جو هو گهمڻ بہ ڪونہ ايندو آهي.“

فاطما چيو: ”ڪن ماڻهن جو من سندن وس ۾ نہ هوندو آهي. تنهنجو ماستر بہ اُنهن مان آهي. پر واري ننڍي ڳوٺ ۾ بالغن لاءِ اسڪول کوليو اٿائين، جتي روز پاڙهڻ ويندو آهي. سندس بدن اڳيئي ڏٻل ۽ روز ٽي ميل پنڌ ڪري وڃي ۽ ٽي ميل پنڌ ڪري موٽي ۽ مون ڀڏو آهي تہ اُتي پڙهڻ صرف ڏھ ٻارنهن ڄڻا ايندا آهن.“

شيام ڪجھ سوچي رهيو هو.

فاطما چيو: ”سندس خيال آهي تہ سنڌ کي سوني بنائڻ لاءِ ضروري آهي تہ هتي جو هر هڪ باشندو تعليم يافتہ هجي. تعليم بنان ڪڙمي انڌا آهن ۽ هو ڦرجي ٿا وڃن.“

شيام چيو، ”دادا سدائين سنڌ بابت ئي سوچيندو رهندو آهي.“

”ليڪن ڪيس پنهنجي تندرستيءَ جو بہ خيال رکڻ گهرجي. هو پنجاب ۾ بہ ائين مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي پهتو هو. ان بعد ئي اسين سنڌ ۾ آياسين. ايجا بہ پاڻ ڪونہ کنيو اٿائين....“

”ادي، دادا پنجاب ۾ ڇا ڪندو هو؟“

فاطما سانت ٿي ويئي. هوءَ ڪجھ دير شيام کي جاچيندي رهي. پوءِ چيائين: ”اهو سوال پنهنجي ماستر کان پڇج، مانکان نہ.“

# پنج

ڏينهن ماضيءَ ۾ گم ٿيندا وڃن ٿا. ٻئي ڪنهن کي روڪي سگهجي ٿو، ليڪن وقت بادشاه کي روڪڻ ممڪن نه آهي. اِنسان ٻار مان جوان ٿئي ٿو ۽ جوان مان ٻڍو. اهي منزلون اِنسان کان موڪل وٺي ڪونه ايندڙيون آهن. اِنسان صرف ڏسندو رهندو آهي، محسوس ڪندو رهندو آهي، جيئن اِنسان ٽرين ۾ ويٺو هوندو آهي، پر گاڏي هلائڻ وارو پاڻ ڪونه هوندو آهي ۽ دور اٿڏنل ديسن جون مسافريون ڪندو رهندو آهي.

شيام جا ڪيترا شعر ماستر سنواري اخبارن ۽ رسالن ۾ موڪليا. ڇپيا هئا ته شيام عجب کائيندو هو ته ڇا اهي سندس لکيل آهن! جن خيالن ۽ جذبن جي اثر هيٺ هن اُهي شعر لکيا هئا، اُهي ته ماضيءَ ۾ ملي ويا هئا. اِنکري هنکي اهي شعر ڪجهه ڏاريا، ڪجهه دور تان ٻُڌل سڏڪن يا ٽهڪن جيان لڳندا هئا. اُنهن کي پڙهڻ جي خوشي ٻه عجيب هوندي هئي. سندس دل وري ٻه جلڻ لڳندي هئي، تڙپندي هئي. من اُڏامڻ چاهيندو هو ۽ نوان خيال لفظن جو روپ وٺي، قطارون ناهي، اُڏامڻ جون ڪوششون ڪندا هئا.

شيام جو مئٽرڪ جو امتحان ٻه ٿي ويو. هو پاڻکي ڪجهه بيچتو

محسوس ڪري رهيو هو. گهر ۾ ائين طئه ٿيو هو ته ڪاليج هو ڪراچيءَ وڃي پڙهندو. هڪ طرف ڪراچيءَ يعني وسيع دنيا ۾ وڃڻ جي خوشي، ٻئي طرف ڳوٺ جي پياري پوميءَ کان وڇڙڻ. سچ ته هن ڳوٺ ڇڏڻ ئي چاهيو ٿي. هن ننڍڙيءَ دنيا ۾ سندس دل جو پکي پورو پرواز ڪري نٿي سگهيو. پر شهر ۾ وري هيءَ ڳوٺن جي زمين، ٻنيون ۽ کليل آڪاس ڪٿي ملندا. شيام اُنهن سان اهڙي دوستي ۽ گهرائپ ڳنڍي هئي، جو هو سندس دل ۾ پيهي ويا هئا. شيام پسگردائيءَ جي هر هڪ دڙي، هر هڪ وڻ کي سڃاڻندو هو.

سَنجها جو وقت هو. کوهن تي گوڙ گهٽجي ويو هو. جهوپڙين ۾ ڏيئا ٻرڻ شروع ٿيا هئا. شيام ۽ ماستر پنڌ ڪندا اُن ساڳئي دڙي تي اچي ويٺا جنهن تي پهريون دفعو سندن ڳالهيون ٿيون هيون.

ماستر چيو: ”تون هاڻي شهر ويندين، وڏو ماڻهو ٿيندين، ڳوٺ کي وساري ڇڏيندين. پر هڪ ڳالهه ياد رکجانءِ- تون هن مٽيءَ جي ئي پيدائش آهين. تنهنجو بدن هن مٽيءَ جو ئي نهيل آهي- مٽي جيڪا پاڪ ۽ پوتر آهي. اسين وري هڪ ڏينهن مٽي بڻجي ويندا سين.“

ماستر ڪجهه پل سانت ٿي ويو.

”انسان جو مان ايمان سڀ ڪوڙ، پاڻيءَ جا بلبلا آهن. جيڪو انسان ساره ۽ مشهوري پٺيان ڊڪي ٿو سو ڪڏهن به پنهنجي گهرائيءَ کي ڄاڻي نٿو سگهي. اسين ننڍڙا ڦڙا آهيون گهري درياه جا، اسانجي اهميت ئي ڪهڙي آهي!

”ليڪن وقت جي اڻڳڻيل گهڙين ۾ جيئڻ هڪ ننڍڙيءَ گهڙيءَ کي اهميت آهي تيئن اسانکي به اهميت آهي. جڏهن اسين گهڙيون زنده رهندا سين تڏهن ئي جيون پر زنده رهي سگهندا سين ۽ جڏهن اسانجي زندگيءَ ۾ سونهن ايندي تڏهن ئي زمانو به سهڻي باغ جيان ٻهڪندو.“

شيام الائي ڇو روئڻ ٿي چاهيو اُن رات. سامهون مسان هو. صبوح جو ڪير اُتي چڪيا جلائي ويو هو. ڪجھ لڪڙيون هينئر به ٽڪ ٽڪ ڪري جلي رهيون هيون. زمين جو رنگ پورو ڪارو هو. وڻ سانت ۾ هئا، ڄڻ سمهي پيا هئا.

شيام چيو، ”دادا، توهان چيو هو، ته توهان منهنجي اُسهڻ کان اڳي مونکي پنهنجي جيون ڪهاڻي ٻڌائيندا. مان توهان جا ڪهڙا ٿورا مڃان. مان ڏسان ٿو ته هن ڳوٺ جا سڀ انسان سمهيا پيا آهن. روز صبوح جو سج اُڀري ٿو ۽ سانجهيءَ جو لهي وڃي ٿو پر هن ڪي ڪا پروجھ ڪانه ٿي پوي. توهان جيڪا باه منهنجي من ۾ دکائي آهي سا ڇا هن ڳوناٺن جي دلين ۾ به دکائي نٿا سگهو؟ ٻڌايو دادا، هيءَ ڳوٺ ڪڏهن سجاڳ ٿيندو؟ ڪڏهن هيءَ ڳوناٺا ڪوڙين ريتين رسمن کي اکوڙي، سچ جي باغ ۾ سونهن وارا ٻوٽا پوکيندا.“

”اهو ڏينهن ضرور ايندو. ليڪن ڪيئن ۽ ڪڏهن سا خبر نه اٿم. ليڪن انسان اڳيان جي انڌڪار ۾ ڪافي وقت سمهيو آهي. هنکي هينئر جاڳڻ کپي، ضرور جاڳڻ کپي. هاريءَ کي هينئر خبر نه آهي ته هو هميشه لٽجي رهيو آهي. هو اهو محسوس نٿو ڪري ته هيءَ مٺي سندس به ماءُ آهي ۽ جنهن تي سڀني ٻارن جو حق آهي.

”ليڪن مان پاڻ منجهيل آهيان، شيام! مان توکي هن ٻاري ۾ ڪا راه ڏيکاري نٿو سگهان. تو مانکان هينئر منهنجي ماضيءَ بابت سوال پڇيو. مان توکي اڄ اها ڪهاڻي ٻڌايان ٿو. تون ڏسندين ته انسان انسنا گهٽا ٿو ڪري، ليڪن نتيجو سندس هٿ وس جي ڳالھ نه آهي ۽ ائين به هڪ نئي زندگيءَ ۾ پنهنجي پورهئي جو ڦل پائڻ ممڪن نه آهي. مالهي جيڪو وڻ پوکي ٿو اُن جو ميوو سندس پويان کائيندا آهن. شيڪسپيئر کي پنهنجي زماني ۾ نه سڃاتو ويو، ليڪن اڄ سڄي دنيا کيس سڃاڻي ٿي؛ ڇاڪاڻ ته هن اِنسان پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ لاءِ

هڪ وڏي آرسي ٺاهي هئي.“

اوچتو هڪ چمڙو ڪٿان آواز ڪندو پر ڦڙڪائيندو مٿان لنگهي ويو. ڀنهي هڪڙو پل مٿي نهاريو.

”منهنجو جنم هن سنڌڙيءَ جي هڪ ننڍي واهڻ ۾ ٿيو هو. جيڪب آباد جي پاسي هو اهو ننڍڙو ڳوٺ. منهنجو پيءُ واپاري هو. هو سنڌ جون اپايل شيون افغانستان بلوچستان پهچائيندو هو ۽ اُتان جو سڪو ميوو وغيره هتي آڻيندو هو. اِئين هير ڦير ڪندي هن خوب پئسو ڪمايو هو. اسانکي ڳوٺ جي جاءِ ڪانسواءِ ڪوئٽيا ۾ هڪ پڪسري وڏي جاءِ بہ هئي، جتي هيٺ تهخانن ۾ منهنجي پيءُ جا گدام هئا ۽ مٿي پهرين ماڙ تي سندس آفيس. پيءَ ماڙ تي ڪڏهن ڪڏهن اسين رهڻ ويندا هئاسين.

”مان اسڪول ۾ پڙهڻ ۾ هوشيار هوس پر ننڍي هوندي کان منهنجي من ۾ عجيب اُڻتڻ هئي. مان ننڍو هوس جو هڪ رمتي فقير سان ڳوٺ ڇڏي ڀڄي نڪتس. شڪر جو وقت تي مائٽن کي خبر پئجي ويئي. هو اچي مونکي وٺي ويا ۽ فقير کي خوب مار ڏنائون. اُن کان ڪجهہ سال پوءِ وري هڪ ڏينهن پر واري هڪ پهاڙي نالي جو ڪنارو وٺي مان دور هليو ويس. پنڌ ڪندي پيرن ۾ لڦون پئجي ويم، بک بہ چٽو ڪيم، آخر هڪ بستيءَ ٻاهران بيهوش ٿي ڪري پيس. مائٽن مونکي ڪيئن اچي ڳولي لڌو اُها خبر نہ اٿم، ليڪن زندگي وري اڳي جيان گذرڻ لڳي.

”اسڪول ڳوٺ ۾ ڪونہ هو، انڪري مونکي ڪوئٽيا موڪليو ويو. مان اُتي پنهنجيءَ جاءِ ۾ اڪيلو رهندو هوس. ٻہ ڪمرا منهنجي حوالي هئا ۽ ٻي سڄي جاءِ خالي پيئي هئي. مون وٽ پئسو مٺو هوندو هو، سو يارن دوستارن جي بہ ڪمي ڪانہ هئي. هيءُ شهر باردر تي هو، انڪري ٻين ملڪن جا ڪيترا رهواسي بہ اُتي ايندا هئا. ايران ۽ افغانستان جي ماڻهن سان هوٽلن ۾ ويهي ڳالهيون ڪرڻ ۾ مونکي ڏاڍو

مزو ايندو هو. بدن جا مضبوط ۽ سگهارا، پر دل جا نرم ۽ ڀالا ڀولا. هو پنهنجي ملڪن جون ڪهاڻيون ائين ٻڌائيندا هئا جيئن ٻار پنهنجي بهادريءَ جي ڪهاڻي ڪٿندو آهي يا ڀڃو پنهنجي پوٽي جي. ڪڏهن ڪڏهن مان ڪين پنهنجي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ نينڊ ڏيندو هوس ۽ اسين سڄي رات ڳالهيون ڪندا رهندا هئاسين.

”هڪ ڏينهن مونکي اسڪول جي ماستر، جنهن کي مان چڱي عزت ڏيندو هوس، مونکي پاسيرو سڏي چيو: مون ٻڌو آهي ته تنهنجي گهر جا ڪجھ ڪمرا خالي پيا آهن ۽ تون اُتي اڪيلو رهندو آهين منهنجو هڪ دوست آهي جو بيمار آهي ۽ ڪجھ ڏينهن آرام ڪرڻ ٿو چاهي.

مون بنا سوچ ويچار جي هائو ڪئي.

ماستر چيو: ”پر هڪڙي ڳالھ، هنجي خبر ڪنهنکي به پوڻ نه کپي، خود تنهنجي مائٽن کي به نه ۽ هنجي کاڌي جو بندوبست به توکي گهر اندرئي ڪرڻو پوندو. بيماريءَ ڪري هو ڪيڏانهن ٻاهر نڪري نه سگهندو.“

”مقرر ڏينهن تي ماستر اُن مهمان کي وٺي آيو. هن بيمار کي ڏسي مان عجب ۾ پئجي ويس. هو بدن جو ڏٿو متو ۽ قد جو تمام ڊگهو هو. رنگ جو ڪارو، اکيون تمام ڳاڙهيون جڻ شراب پيتو هئائين. هو اُتر هندستان جو هو، پر ڪهڙي قبيلي جو هو سو چوڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هندي ٺـٺـل ڦٽل ڳالهائين پر انگريزي تمام سٺي. منهنجي جاءِ ۾ ٻه هفتا کن رهندي هو فارسي به سکي ويو. سنڌس وڃڻ بعد مونکي خبر پيئي ته هو بينگال جي چٽگانگ پاسي جو رهاڪو هو.“

”ٻئي ڏينهن مونکي معلوم ٿيو ته منهنجو مهمان سچ پچ بيمار هو. هو سڄو ڏينهن سمهيو پيو هوندو هو. پر رات جو مان پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيل سندس اچ وڃ جو آواز ٻڌندو رهندو هوس. پنهنجي ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين هو گهٽ ۾ گهٽ به ٽي سؤ ڀيرا اچ وڃ ڪندو هو. سندس ڀاري قدمن جو آواز رات جي سناٽي ۾ تمام

خوفناڪ پاسندو هو.“

”اسين پاڻ ۾ ڪيئن گهرا ٿياسين اهو ياد نہ اٿمر، ليڪن ڪن ڏينهن بعد جڏهن هنجو مونمِ وشواس ڄمي ويو تہ اسين رات جو ڪيتري دير تائين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهندا هئاسين. سندس اکين جو رنگ رات جو اهڙو تہ ڳاڙهو ٿي ويندو هو جو اُهي شينهن جي اکين جيان ٻرڻ لڳنديون هيون. سندس بدن ۾ بيحد شڪتي هئي. سندس ساه اهڙو گرمر ۽ زوردار هوندو هو جڻ ڪو ٿڪل جهنگلي جانور ساه کڻي رهيو آهي.

”هن پردو هٽائي مونکي هڪ اهڙي دنيا ڏيکاري جا گهٽن ماڻهن کان سدائين لڪل رهندي آهي . انقلابين جي دنيا- جنهن ۾ ڪيترا نوجوان سر ترِيءَ تي کنيو لڪي پيا گهمن. هن نوجوانن کي پنهنجو تصور هو جنهن ۾ هنن سڀ ڪجهہ قربان ڪيو هو پنهنجي جنمر ڀوميءَ تان. هنن لاءِ زندگيءَ جو ڪو ملهہ ڪونہ هو، نہ پنهنجيءَ جو، نہ ٻئي ڪنهنجيءَ جو. نہ ماتا پتا، ڀيڻ ڀاءُ يا دوستيءَ جي ناتن ۾ هننجو وشواس هو. بس هنن لاءِ هڪ ئي اُديش هو: ديس کي آزاد ڪرائڻ. ان لاءِ هو ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

”شيامر، اُهو زمانو ٻيو ۽ هيءُ زمانو ٻيو آهي. انهن ڏينهن ۾ عوام ۾ جاڳرتا ڪانہ آئي هئي. سيڪو پنهنجي منهن هلندو هو. ليڪن هاڻي عوام سجاڳ آهي. هر هڪ هلچل کي هلائڻ لاءِ ضروري آهي تہ عوام کي پاڻ سان کڻجي. هنن جي مدد بنا ڪوبہ نتيجو نڪرڻ وارو نہ آهي.

”هن انقلابيءَ وٽ اهڙو ڪو جادو هو جو هن منهنجي من ۾ بہ آگ دکائي ڇڏي. ڪجهہ ڪرڻ لاءِ مان اُڪيئي آتو هوس. خطري ۾ ڄاڻي واڻي وجڻ جي منهنجي نندي هوندي کان عادت هئي. مون منشيءَ کان ڪنهن بهاني هزار رپيا ورتا ۽ انقلابيءَ کي هٿ خرچ لاءِ پئسا

ڏيئي هندستان جي بارڊر جي هن پار پهچائي آيس.

”پوءِ مونکي خبر پيئي ته هو آميريڪا وڃي نڪتو. اُتي هن خوب پئسو ڪمايو. هڪ آمريڪن عورت سان شادي ڪري پنج ڇهه پار پيدا ڪيائين ۽ ويجهڙائيءَ ۾ هو هڪ وڏو عيال ۽ وڏي جاگير ڇڏي گذاري ويو.

”انقلابي ته ديس کان ٻاهر نڪري ويو، ليڪن مون تي ٻري آئي. پوليس کي سڄس ملي ويئي. مان ٻه ٽي ڏينهن ٿاڻي تي پيو هوس. منهنجي پيءُ خوب ڊڪ ڊوڙ ڪئي ۽ شايد پوليس کي به پوريون ثابتيون نه مليون، انڪري مان آزاد ڪيو ويس. ليڪن هزار روپين وڃڻ جو منهنجي پيءُ کي تمام گهڻو دک ٿيو. هو منهنجي ڪندفهميءَ کي هر هر ٿوڪيندو هو جو مون هڪ اڻسڃاتل شخص کي هزار رپيا ڪيئي ڏنا هئا. اِهي ٿوڪون ڇڻ منهنجي من ۾ ٻريل باه ۾ تيل جو ڪم ڪنديون هيون.

”انقلابي وڃڻ کان اڳ مونکي ڪجهه پتا ڏيئي ويو هو ۽ جيئن ڏينهن گذرڻ لڳا تيئن منهنجي دل ۾ ويساه پڪو ٿيندو ويو ته زندگي اُهائي آهي جنهن ۾ ڪجهه ڪجي ٿو. باقي ٻي زندگي ته ڪتا ٻلا به جيئن ٿا. سو مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد مان پيءُ جا ڪجهه پئسا چورائي ڀڄي نڪتس ۽ وڃي پنجاب پهتس.“

ماستر ڪجهه دير سانت ويٺو هو. پوءِ هن کلي چيو، ”مان اگر ائين نه ڪيان هان ته پڪ ئي پڪ هڪ وڏو واپاري هجان هان. هڪ ڳوٺ ته ڇا، سڄو تر منهنجي اڳيان عزت سان ڪنڌ نوائي ها. ليڪن هن وقت مان ڇا آهيان؟ هڪ رواجي ماستر، جنهن کي پيٽ پالڻ لاءِ به پورو ڪونه ٿو ملي!“ ماستر ڪجهه دير کلندو رهيو. پوءِ هن ڳنڀير ٿي چيو: ”ليڪن هن سماج جي اهائي رسم ۽ رواج آهي- سماج جنهن ۾ پئسي وارا ئي حڪمران آهن.“

ماستر سانت ٿي ويو. شايد هو ٿڪجي پيو هو. شيام سوچي رهيو هو ته هو به پن تن ڏينهن ۾ شهر ويندو. پر ڪهڙي زندگي هوندي اُتي؟ هو اُتي ڪهڙو آزمودو پرائيندو؟

ماستر ڄڻ ننڊ مان جاڳي چيو: ”پنجاب ۾ منهنجي نئين زندگي شروع ٿي ۽ مان انقلابي ٽوليءَ ۾ شامل ٿيس. اسانجي هڪڙي کيسي ۾ پستول هوندو هو ۽ ٻئي کيسي ۾ پنهنجي حياتي. رات ۽ ڏينهن ۾ ڪو فرق ڪونه هوندو هو. پوليس کان بچڻ لاءِ روز جايون مٽائڻيون پونديون هيون، تنهن سان گڏ ڪپڙا ۽ آواز پڻ. ڪڏهن ڏاڙهي رکائبي، هئي ته ڪڏهن پاڻ لڪائڻ لاءِ پيو ڪو سانگ ڪبو هو. ڪڏهن ڏينهن جا ڏينهن فاقا ڪڍڻا پوندا هئا. کيسي ۾ پيڳڙا ڪٽي هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ رلڻو پوندو هو. ڪئين راتيون جهنگل ۾ گاه تي سمهڻو پوندو هو. بيمار پوڻ سان ڊاڪٽر وٽ وڃي نه سگهبو هو، ڪا پنهنجي آزمايل دوا ئي ڪم آڻبي هئي.

”پر هئڙي حياتي گهڻو وقت گهاري نٿي سگهجي. گهڻن لاءِ ته هڪ ئي گولي هن سرير جو خاتمو آڻي ڇڏيندي آهي ۽ اِنساني آتما به تنهن سان گڏ خاموش بڻجي ويندي آهي. باقي جيڪي بچندا آهن تنجو سرير به آهستي آهستي جهرڻ لڳندو آهي ۽ آخر نستو ٿي پئجي رهندو آهي.

”مان هڪڙي دفعي سخت بيمار ٿي هڪ ڳوٺ ۾ ڦٿس. ان ڳوٺ ۾ منهنجي هڪڙي ساٿيءَ جو ڪٽنب رهندو هو، جنهنجي اسانجي ڪم سان همدردي هئي. مونکي هن وٽ اجهو ملي ويو.

”مونکي اُنوقت سخت بخار هو ۽ بخار دماغ تائين پهچي مونکي تڙپائي رهيو هو. اُنوقت فاطما، تنهنجي اَدي منهنجي پاسي ۾ ڏينهن رات ويٺي هوندي هئي ۽ منهنجي جيڪا شيوا ڪيائين تنهن جو ٿورو مان ڪڏهين لاهي نه سگهندس.

”شيام، انسان صرف وڏا ڪم ڪرڻ سان اوچو ڪونه ٿو بڻجي. جيتري سونهن سمنڊ ۾ آهي، اوتري ئي سونهن ماڪ جي هڪ ڦڙي ۾ به آهي. نرس جڏهين مرڪي مريض اڳيان مدد جو هٿ ڊگهيڙي ٿي ته ڇا اها گهٽ سورهيائي آهي؟ ليڪن اسانجي سماج ۾ خبر نه آهي، اهڙن ڪمن کي نيچ نظر سان ڇو ٿو ڏٺو وڃي.“

”فاطما منهنجي شيوا ڪئي، ۽ منهنجي ويجهو آئي. منهنجي دل هنجي دل جي تابش محسوس ڪئي. هڪ انقلابيءَ لاءِ اها ڳالهه روا نه آهي. ليڪن انقلابي به هڪ انسان آهي. ۽ انسان دلين جي ڏي وٺ ۾ جيڪا راحت پائي سگهي ٿو، سا ٻي ڏيوٺ ۾ نه آهي.

”شيام، تون اجا ننڍو آهين. جڏهين وڏو ٿيندين تڏهين ڄاڻندين ته پيار اُها املهه شيءِ آهي، جنهن جو سنسار ۾ ثاني ڪونهي. پيار ئي اها شيءِ آهي، جنهنکي ورهائڻ سان اُها گهٽجي ڪانه ٿي، پاڻ وڌي ٿي. جيڪو انسان پيار ڪرڻ جي قابل نه آهي، سو دنيا ۾ ڪوبه سٺو ڪم ڪري نٿو سگهي.

”شيام، منهنجي ان بعد جي زندگيءَ بابت هينئر نه ٻڌين ته سٺو. جوانيءَ جي ڪهاڻين ۾ تابش ٿيندي آهي، جوش ٿيندو آهي، اُميدون ٿينديون آهن. پر اُن بعد زمانو ايندو آهي جڏهن انسان جا جوانيءَ ۾ نهيل محل ۽ ماڙيون، ساز ۽ سر سڀ هڪ هڪ ٿي ٽٽڻ لڳندا آهن. سر، هڪ هڪ ٿي سانت ٿيڻ لڳندا آهن، باقي وڃي رهندي آهي هڪ ياد ۽ تڙپ. ڪن جي زندگيءَ ۾ ته اها ياد به نه رهندي آهي. دنيا جي گوڙشور ۾ پنهنجي دل جو آواز ٻڌي نه سگهندا آهن.

”هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انقلابين کي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو. انقلابي ڪنجهڻ ۽ ڪڙڪڻ بنان سوريءَ تي چڙهندا ويا ۽ هڪڙو ئي منتر اُچاريندا رهيا. جيڪي بچيا هئا تنجو بدن سندن دل جي تابش نه سهي، ڳرڻ لڳو هو.

”ذرا سوچ ڀشيام، ڪيڏي نہ شڪتيءَ ۽ آتم وشواس سان ڀريل آهي انسان جي دل. دنيا جي تواريخ انجي شاهد آهي. مهاپرش ڪير آهن؟ اهي ئي انسان، جنجي آتما جسماني ٻنڌڻن کان نڪري چوطرف ڦهلجي وڃي ٿي ۽ انقلابين جي ڪچلڻ ڪي هار بہ نہ ٿو چئي سگهجي. زماني ۾ هر طبقو پنهنجو فرض ادا ڪري نيستيءَ جي دونهين ۾ گم ٿي ٿو وڃي. پر اها انسان جي هار نہ نہ آهي. زنجير جي هڪ ڪڙي ٻن ڪڙين کي ملائڻ جو ذريعو آهي؛ انقلابي پڻ پنهنجو رول ادا ڪري، اُنکي ڪنهن حد تائين چڪي رستي جي دز ۾ گم ٿي ويا.

”منهنجو بدن ۽ آتما ئي ڏاڍا ٿڪل هئا، شيام! ڏاڍا ٿڪل. ڪڏهن ڪڏهن من چاهيندو هو تہ ڪنهن ننڍڙي نديءَ جي پير ۾ گاه تي پيو هجان ۽ آسمان مان لنگهندڙ بادلن جا قافلا ڏسندو رهان. ليڪن آتما بہ بدن دوران ئي ٻولي ٿي. ۽ هن بدن جون ڪئين ضرورتون آهن. آخر مان فاطما کي وٺي سنڌ هليو آيس- پنهنجي پياري سنڌ جي هن مٽيءَ کي سلام ڪرڻ لاءِ، جنهن مون کي جنم ڏنو هو.“

ماستر پير ۾ بيٺل هڪ ننڍي ٻوٽي ڏانهن نهاريو- اُن ۾ ننڍڙا گل هئا.

”هيءَ ننڍڙا ننڍڙا گل بہ ڀانسانن جيان آهن. هو ڪيئن نہ سانت ۾ اُيرن ٿا ۽ سانت ۾ مٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿا. پر اسانجا بيسمجھ انسان ڪيڏو گوڙ ڪن ٿا... انسان جي جمڻ توڙي مرڻ وقت.“

ماستر سانت ٿي ويو. چوطرف سانت هئي. اُن سانت ۾ پل گذرندا ٿي ويا. بنان آواز، بنان گوڙشور ڪرڻ جي. شيام جي دل ۾ هڪ عجيب احساس اُڀري رهيو هو، پر هو اُنکي سمجهي نٿي سگهيو. سوين هزارين جيو هن زندگيءَ جي راه تان گذرندا رهن ٿا، پر دل ڪڏهين اوچتو ٽپو ڏيئي ڪنهنجي قدمن ۾ پاڻ اُڇلڻ چاهيندي آهي ۽ ڪڏهين دل ڪنهنکي چڪي پنهنجي پير ۾ ويهاري رهاٽيون ڪرڻ چاهيندي

آهي. شيام جي ٻ دل ٿي ته هو اُتي ماستر جي پيرن جي پٽي کٽي پنهنجي نرڙ تي لڳائي.

اُن وقت اوچتو ٻجهي ويل چِتا ۾ ڪا لڪڙي پڙڪي ۽ هڪ شعاع اوچتو چوڏاري روشني ڦهلائي ڇڏي. اها روشني شيام ۽ ماستر تائين ٻ اچي رهي هئي. شيام جيئن ماستر جي چهري ڏانهن نهاريو تيئن ڇرڪ ڀريائين. ڪجھ ڳوڙها ماستر جي اکين مان لڙي سندس ڳلن تي بيٺا هئا.

”شيام پنهنجن ڳوڙهن کي لڪائڻ لاءِ اُتان اُٿي دور وڃڻ چاهيو، ليڪن هو اُتي وري ويهي رهيو. ”سائين!“ سندس وات مان صرف اهو هڪڙو ئي حرف نڪتو.

ماستر ٿورو کلڻ جي ڪوشش ڪئي، ”اِنسان ٻالپڻ کان وٺي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو ايندو آهي، پر زندگيءَ جي آخر ۾ هو الائي ڇو ائين ئي سمجهندو آهي ته سندس زندگي ائين ختم ٿي ويئي. ڪوبہ اهڙو ڪم هو ڪري نہ سگهيو هوندو آهي، جنهن کي هو سچ پچ ڪم چئي سگهي. تڏهين هو چاهيندو آهي ته اگر پاڻ ٻيو جنم وٺي ته پنهنجي زندگي سڦل بنائيندو. ليڪن مونکي پڪ آهي ته بار بار جنم وٺڻ بعد ٻ اِنسان اُها زندگي گهاري نہ سگهندو، جنهن جو هڪ هڪ پل هو سڪيارٿو ڪري سگهي.“

ماستر ڳوڙها اُگهيا ۽ اُٿي کڙو ٿيو. هن شيام جو هٿ پڪڙي چيو، ”شيام، تون زندگي جي راھ تي هلندو هل، پٺيان نہ نهار. جيئڻ جيترو ئي سولو آهي، اوترو ئي ڏکيو پڻ آهي. هيءَ زندگي لڪ ڇپ جي راند آهي.“

ٻنين وچ ۾ وهندڙ نالي جو پاڻي لپ لپ ڪري وهي رهيو هو. تارا ڪجھ موڳا موڳا هئا. هو ننڍو ٻيچرو وٺي پئي ويا جو نم جي وڻ تان ڪجھ نموريون سندن مٿان اچي پيون. نالي جي ڪنارن تي ڏيڏرن

پنهنجي محفل لڳائي هئي.

وچ رستي تي اوچتو شيام بيهي رهيو. ماستر اڳيان وڌي ويو هو سو واپس موٽي آيو. ”شيام، ڇا ٿيو؟“

”دل ئي نٿي ٿئي ته مان هتان هليو وڃان ۽ وڃي بستري ۾ اکيون بند ڪري سمهان. خاص ڪري جڏهين سوچيان ٿو ته ٿورن ڏينهن بعد مان هن ڳوٺ ۾ ئي نه هوندس ۽ پنهنجي ماءُ ڌرتي جي گود ۾ راند نه ڪندس. دل چوي ٿي، ”کول کول، دل جا سڀ در دريون کولي ڇڏ. پل نه هيءَ رات جي ٿڌي هوا اُني ڇيڪليون پائي.“

ماستر شيام جا ٻئي هٿ پڪڙي چيو: ”هن دنيا ۾ دنيا جي ماڻهن کان نرالو ٿيڻ سدائين ڏکدائي آهي. اهوئي سبب آهي جو دنيا جا سڀ مهاپرش (عظيم انسان) ڏک تي پليل آهن. جنهن خوشيءَ ۾ اِنسان مست ٿي جهونگارين ٿا، اُن خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پڻ شاعر ڪاهوڙين ۽ جوڳي فقيرن جي پيڙا مان لنگهي ٿو. مهاپرش سدائين ٻوٽن مان ڪنڊا پٽي پنهنجا جهول ڀريندا رهن ٿا، جيئن عام اِنسانن کي گل پٽڻ ۾ تڪليف نه ٿئي.“

ان رات جڏهين شيام گهر موٽيو ته اڌ رات گذري چڪي هئي، پر ان بعد به شيام کي ننڊ ڪانه آئي. هو ڪجهه سوچيندو رهيو، ڪو درد محسوس ڪندو رهيو ۽ سڄي رات جاڳي دريءَ مان تارن طرف نهاريندو رهيو.

# شهر

# ڇهه

شيام جي ڊائري مان ڪجهه ورق...

”اڄ ساوتري وري اسان وٽ آئي آهي. مان ڪيس اسٽيشن تي وٺڻ ويس. هڪ ننڍڙو ٻار سندس گود ۾ هو. هن ننڍي ٻار کي مون گود ۾ کڻي خوب کيلايو، کڏايو. هوُ وات ڦاڙي کلڻ لڳو. سندس اکيون بلڪل ساوتريءَ جهڙيون آهن، پر سندس چپ، ڳل، نرڙ ساوتريءَ تي نه آهن.

”ساوتريءَ کي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ مون ڪيترو ڪيس کلائڻ ۽ ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ گنڀير جي گنڀير. ڪڏهين ڪڏهين هڪڙو ڪن پل هوءَ مرڪندي به آهي پر اُها مرڪ ايتري نه مختصر ۽ عجيب هوندي آهي جو اُها ڏسي مونکي خوشي نه، پر دک ٿيندو آهي.

”پيڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ مان باغ مان ڪچا انب پٽي آيس، پر پيڻ ڪابه خوشي ڪانه ڏيکاري. هن جي من تان ٻالپڻ جون سڀ يادگيريون ڄڻ مٽجي ويون آهن. سال ٻن ۾ ڄڻ هوءَ ٻڍي ٿي ويئي آهي. منهن جو رنگ پيلو پيلو، اکيون اندر پيل، بدن ڍلو ڍلو. منهنجي پيڻ، توکي ڇا ٿيو؟

”چون ٿا، ساوتريءَ جي گهوٽ کي سله آهي ۽ سندس سس

ڏاڍي تکي آهي. پر اُنهي تنهنجو ڪهڙو ڏوھ پيڻ؟ تون چو ٿي سانجهيءَ جي گل جيان مرجهائجي وڃين؟ پر بابا! امان تنهنجي ڪنهن بہ طرح مدد ڪري ٿا سگهن. هوُ بيوس آهن. هوُ سمجهن ٿا تنهنجو نصيب ئي اهڙو هو.

”اڄ مون ڄاتو تہ انسان جي عمر سندس جنم جي تاريخ سان گهٽو تعلق ڪونہ ٿي رکي. ڪي پڊيا بہ جوان آهن ۽ ڪي جوان بہ پڊيا.

”مون ساوتريءَ سان ڪيتريون ڳالهيون ڪرڻ چاهيون. مون ڪيس ڳوٺ جون سڀ خبرون ٻڌائڻ چاهيون، ڪتابن ۾ پڙهيل ڪهاڻيون ٻڌائڻ چاهيون، پر مان ڪيس اڳي جيان مگن ٻڌائي نہ سگهيس. هوءَ ڪيترو وقت سانت ۾ مون ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ چيائين پائڙا، تون اهڙو جو اهڙو! مونکي اُميد هئي تون وڏي وڏو ٿيو هوندين ۽ دنيا جي ڳالهين کي سمجهڻ لڳو هوندين، پر تون ٻار جو ٻار!

”مون چيو: مان تہ ٿيس ٻار. پر ڇا سڀ زالون شاديءَ بعد تو جيان گنڀير ٻڻجي پونديون آهن؟

”ساوتريءَ غصي م چيو: تون ڪهڙيون نہ بيهوديون ڳالهيون ڪري رهيو آهين!“

”مونکي اعتبار نہ آيو ۽ مان اکيون ڦاڙي هن ڏانهن نهاريندو رهيس.

”ساوتريءَ ٻار کي گود ۾ کنيو ۽ نڊيءَ ڏاکڻ رستي هيٺ هلي ويئي.“ مان سوچڻ لڳس: ”ڇا هيءَ منهنجي ساڳي پيڻ آهي؟“

”ريل سيٽي وڄائي ۽ ٽرين ڊيري ڊيري پليٽفارم کان ٻاهر نڪرڻ لڳي. مون آخرين دفعو نيڻ مٿي ڪري ڳوٺ طرف نهاريو. ڳوٺ جون ڪچيون پٽيون پراڻن وڏن وڻن پٺيان لڪل هيون. ڪڏهين ڪڻ وڻن جي وٿين منجهان اُنهن درشن ڏنو ٿي. ۽ وري هلندڙ ٽرين مان اُنهنجو درشن گم ٿي ٿئي ويو.“

”ترين ٽڪڙو هلڻ لڳي، ڳوٺ پٺيان رهجي ويو. منهنجي دل پرجي آئي. مون زوريءَ لڙڪن کي روڪيو.

”هيءَ ڳاڙهي پوري رنگ جي زمين، جنهن تي ڪٿي ڪٿي ٻوٽا بيٺا هئا، پري پري تائين ٻنيون هيون ۽ ڪنهن هنڌ ساوا باغ ائين بيٺا هئا ڄڻ ميلي تي ماڻهن جو ميڙاڪو بيٺو آهي- هن ڌرتيءَ مونکي سيني سان پاليو آهي، مونکي پالي وڏو ڪيو آهي، ۽ اڄ مان وڃي رهيو آهيان دور. دنيا ۾ مان ڪٿيءَ ڪهڙو گهر ٺاهينداس سا پروڙ نه اٿم!“

”منهنجو من خالي خالي پيو لڳي. دل جي حالت اُن مڇيءَ جيان آهي، جا ٽانگهي مان ڳهري پاڻيءَ ۾ آئي هجي. مون ڪو ڪتاب ڪڍي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ ناول ڪڍيم، پر وري رکي ڇڏيم. ان بعد شعرن جو ڪتاب ڪڍيم، پر اُنهن به من نه لڳو ۽ پوءِ مون شاهه جو رسالو ڪڍيو. سوچيم، شاهه سدائين دل کي ڀاڪڙي پائي آٿت ڏيندو آهي. دک ۾ هوندو آهيان ته به شاهه کوليندو آهيان. خوشي هوندي آهي تڏهين پڻ شاهه جي ويجهو ويهڻ تي دل ٽيندي آهي. پر اڄ شاهه جا ڪجهه بيت پڙهي وري رسالو رکي ڇڏيم. پٺيان ڊوڙندڙ پيلي زمين مونکي سڏي رهي هئي. هوءَ سانت هئي سڄي پريتما جيان. پر سندس اکيون، ڪن، نڪ، هر هڪ عضوو ڪجهه نه ڪجهه چئي رهيو هو. پنهنجي خاموش ٻوليءَ ۾ هوءَ ڪئين ڪهاڻيون، ڪئين راڳ ٻڌائي رهي هئي. مان دريءَ تي نوڙيون رکيون ۽ ڪاڏيءَ کي ترين جو سهارو ڏيئي ٻاهر نهارڻ لڳس.“

”مئيءَ مان اُپريل سائي گاهه جي ننڍي سلي کي به ڪيڏي نه وڏي ڪهاڻي آهي. اسين روز هنکي پيرن هيٺان لتاڙيون ٿا، پر اُهو مري روز نئون ڄنم وٺي ٿو. او مٽيءَ جا ڏڙا! ڪنهن وقت سڄي شايد پيرين اُگهاڙي تنهنجي ئي سهاري اڳتي وڌي هئي. تنهن وقت تو بيدل انسان

جيان پنھنجن ڦوڙھن کي ڪونہ لڪايو ھو ۽ نہ ئي پنھنجي ٽتل ھنئين کي ٽڏو ڪري سسئيءَ کي آرام ڏنو. پر مان ڪيئن ميجان تہ تو سسئيءَ کي پيار ڪونہ ڪيو. تون تہ امڙ جيان پنھنجي ھر اولاد کي پيائيندو ۽ پيار ڪندو آھين.“

”ريل تمام تڪڙي وڃي رھي ھئي. ھوءَ شايد شراب پي آئي آھي. پاڳل اُستريءَ جيان ڏين دنيا جا ناتا توڙي پنھنجي پريتم ڏانھن ڀڄندي پيئي وڃي. پر منھنجي دل ھر جي گھوڙي جيان آھي. منھنجي دل جي ڇھاءُ سان ڌرتي پنھنجو ھنياءُ کولي ٿي ۽ منھنجي دل ۾ ڪتڪتائي ٿئي ٿي.“

”مان اڄ اھو سڀ ڇو ياد ڪري رھيو آھيان. منھنجو ماضي ريل جي ٻنھي طرف پکڙيل زمين ۾ پوريو پيو آھي. آڪاس ۾ ٽڙيل پکڙيل ننڍڙا بادل پڻ منھنجي ئي ماضيءَ جي ٻج جي ٻوڪرا ۾ آھن.“

”ڪڏھن ڪڏھن ڪجھيءَ جا وڻ اچن ٿا- جھڳٽن جا جھڳٽا. اُھي ڏگھين ڪارين ڇوڪرين جيان اُڀا آھن، جن پنھنجن ڪنن وٽ چوٽين ۾ پيليون ربينون ٻڌيون آھن. پيلا ڪارڪن جا جھڳٽا ربين جي گلن جيان پيا لڳن.“

”ڪڏھن وري باغ اچن ٿا. باغن جي وڻن ۾ ڪچا ۽ پڪا انب لٽڪي رھيا آھن. ڪن ساون انبن تي پيلا نشان آھن. اھي ڏاڍا سھڻا لڳي رھيا آھن. ڪنھن ڪنھن وڻ ۾ انب ايترا تہ گھڻا آھن. جو وڻ اُميدوار عورت جيان ڳؤرا پيا لڳن.“

”ڪٿي ڪٿي خالي ميدان پکڙيل آھن، خالي ڪاپين جيان جي آئيندي جي شاعر کي سڏ پيا ڪن تہ اچي اُن تي گيت لک.“

”اڄ منھنجي زندگيءَ ۾ موڙ آيو آھي. مان شايد بدلجندس. جيڪا زندگي ڪنھن وقت مونسان ھئي، سا ھاڻ ماضيءَ جو ھڪ انگ بڻجي چڪي آھي ۽ شايد اھڙو بہ وقت ايندو جڏھين منھنجي اُھا ٻالپڻ

هڪ رانديڪي جيان شيشي جي ڪٻٽ ۾ رکيل هوندي.“

”هڪ وڏو بنگلو، بنگلي جي چوڌاري باغ، باغ ۾ قسمين قسمين گل، گلن ۾ ننڍڙا سنهڙا ٻج. هوا ۾ وڻن جو لڏڻ، سان سان ڪري وري چپ ٿي وڃڻ. ڪڏهن گيت ڳائڻ، ڪڏهين روئڻ يا کلڻ. بنگلي جي مٿين ماڙ تي ڏاڪي پاسي هڪ ڪمرو ٻن طرفن کان کليل مونکي مليو آهي.“

”ڪراچيءَ ۽ خدابخش جي ڳوٺ ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. ڳوٺ ڏڏڙيل پيچري جيان هو ۽ هيءَ ڏامر جو شاهي رستو آهي. ڳوٺن ۾ سيپيتائون سمهيون پيبون آهن، بيمار ۽ سست اِنسان جيان. شهر چست انسان جيان آهن، پر اُهي اِنسان مشين جيان آهن، جنجي اندر دل ڪونهَ آهي. هڪ ئي ملڪ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪيترو نه فرق آهي! جيستائين ڳوٺن ۽ شهرن جو هيءَ ويڇو دوُر نه ٿيو آهي، تيستائينۡ ملڪ ترقي ڪيئن ڪري سگهندو.“

”بابا پنهنجي دوست ڏانهن هڪ خط لکيو هو. ٽرين ۾ جڏهين مون پيتيءَ مان هڪ ڪتاب ٿي ڪڍيو ته اهو خط هيٺ ڪري پيو. خط هٿ ۾ ڪٽڻ سان مان ان کي پڙهڻ جي چڪ کي دٻائي نه سگهيس. ان ۾ گهٽيون ئي ڳالهيون لکيل هيون، پر هڪ ڳالهه منهنجي من تي اڃا به تازي آهي.“

”بابا لکيو هو:........ ۽ ٻي ڳالهه ته شيام ڪجهه شاعرانٽي ۽ لڄاري سڀاءَ جو آهي. سندس شعر پڙهي هيڊ ماستر چيو هو ته شيام ۾ سٺي شاعر بڻجڻ جون خصلتون آهن.“

”مان ته ٿيس هڪ ڳوٺاڻو، پر تون سنڌ جي مڃيل مدبرن مان هڪ آهين. تون ادب جي ڪٿ به ڪري سگهين ٿو، ۽ پڪ اَٿم ته شيام کي توکان بهتر رهنما ملڻ مشڪل آهي. پر منهنجو اهو رايو آهي ته اِنسان کي شاعريءَ ۽ ٻين اهڙن شغلن ۾ صرف اُهو وقت ڏيڻ گهرجي

جيڪو هو واندو هجي جئن اِنسان وڏي لائق ٿئي تئن ڪيس دنيوي معاملا سنڀالڻ گهرجن. هن زماني ۾ پئسو ئي زندگيءَ جو آڌار ۽ ڪاج آهي."

"مان اهو ٽڪرو پڙهي ڪيترو وقت ترين ۾ سوچيندو رهيس. الائي ڇو مونکي دنيوي هوشياريءَ کان نفرت آهي. اُن مان خود مطلبيءَ جي بوءِ ايندي آهي ۽ مان سوچيندو آهيان ته خود مطلبيءَ جهڙي ٻي بيماري ڪانهي."

"ماستر نورالله هڪ دفعي هڪ انگريزي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو هوم. ڪتاب جو نالو هو 'Ariel' شيليءَ جي جيون ڪهاڻي هئي. جڏهن شيلي جوان هو ته ڪاليج جا ڇوڪرا سندس ڇوڪرين جهڙي روش ۽ شاعراڻو سڀاءُ ڏسي ڪيس تنگ ڪندا هئا. هو اڪيلو اڪيلو نديءَ جي ڪناري گهمندو هو ۽ ڪڏهن سندس دل دک ۾ ڀرجي ويندي هئي. هو روئندو ۽ ڳائڻ لڳندو هو...."

"مان وعدو ٿو ڪريان ته پنهنجي طاقت آهر مان سچار ۽ آزاد ٿيندس. مان وچن ٿو ڪريان ته مان ڪڏهن به ظالمن، خود مطلبين ۽ طاقت وارن جو طرف نه وٺندس. مان وچن ٿو ڪريان ته پنهنجي سڄي زندگي سونهن جي شيوا ۽ خدمت ڪندس."

مان جڏهن وڪٽوريا ۾ سامان سان گڏ هنجي بنگلي تي پهتس ته بابا جي دوست گوبندرام گهر ۾ ڪونه هو. مان دروازي وٽ نوڪر جي سامهون ٻڌتر ۾ ويٺو هوس جو هڪ زال اڳتي وڌي آئي. مونکي ڏسي چيائين: "اڙي، شيام آهين. اندر اچ، هت دروازي تي ڇو ويٺو آهين؟"

مان سنان پاڻي ڪري هيٺ لٿس ته نوڪر ٽيبل تي منهنجو کاڌو رکيو. ڀاڀي (گوبندرام جي زال) منهنجي سامهون ٿي ويٺي ۽ حال احوال وٺڻ لڳي. اُنوقت هڪ ڇوڪري وچ جيان ڪمري اندر گهڙي.

مونکي ڏسي کجھ هٽڪي، پر پوءِ بيپرواهيءَ سان چيائين: ”مميءَ مان کلب ۾ ٿي وڃان.“

پاپيءَ مونڏانهن اشارو ڪري چيو: ”هيءَ اٿيئي شيام جنهن بابت پڻهين رات ڳالھ ڪئي هئي.“

چوڪريءَ ٻہ هٿ مٿي ڪري نمسڪار ڪيو، پر اهو نمسڪار مونکي نہ هو. هوءَ جڻ هوا ۾ ڪنهن کي نمسڪار ڪري رهي هئي. پوءِ هوءَ جنهن وچ جيان ڪمري ۾ آئي هئي، تئن وچ جيان ڪمري مان نڪري ويئي. مونڏي هن نهاريو بہ ڪونہ.

رات جو دادا گوبندرام سان ڪلاڪ ڏيڍ ڳالهيون ٿيون. کاديءَ جا کير مثل ڌوتل ڪپڙا، مٿي تي اڇا چمڪندڙ وار، رت ۽ تندرستيءَ ڪنان لال منهن ۽ تازو توانو بدن هو ديوتا جيان لڳي رهيو هو. ڳالهائڻ جو ڍاڍو مٺو، هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيئي ڳالهائي رهيو هو.

بابا ڳوٺ ۾ اڪثر هن پراڻ ۽ جگري دوست بابت ڳالهائيندو هو. جنهن مشهوريءَ کي گوبندرام رسيو هو، اُها ڏسي بابا گوبندرام کي پنهنجو دوست سڏڻ ۾ فخر ونندو هو. وٽس تہ جا جيڪي بہ وڏا ماڻهو ايندا هئا تن سان اِن دوستيءَ جو ذڪر ڪندو هو.

بابا ۽ گوبندرام ساڳئي ڳوٺ ۾ ساڳئي مڪتب ۾ گڏ پڙهيا هئا. ٻئي پڙهڻ جا ڪچا هئا اِنڪري ٻنهي گڏ مُلي جون مارون کاڌيون هيون. بابا فائينل پاس ڪري وڃي دنڌي کي لڳو. گوبندرام جئن تئن مئٽرڪ تائين پهتو، پر ٻہ دفعا ڪاه ڪرڻ بعد بہ هو مئٽرڪ جي امتحان کي جيتي، سرٽيفڪيٽ کي پنهنجي وني بٽائي نہ سگهيو. آخر وڃي ڪنهن سرڪاري نوڪريءَ کي لڳو.

جڏهن مهاتما گانڌي ڊانڊي مارچ تي نڪتو ۽ ستياگره شروع ڪيائين تڏهن گوبندرام ستر روپئي پگهار تي سرڪاري نوڪر هو. سال ڏيڍ اڳ شادي ڪئي هئائين ۽ هڪ ڌيءُ هئس. هڪ ڏينهن اوچتو

هو ڪاديءَ جا ڪپڙا ونـي آيو. زال کي ميحائي پيڪي روانو ڪيائين ۽ پاڻ ’انقلاب زنده باد‘ جا نعرا هڻي ميدان ۾ ٽپي پيو.

گوبندرام لاءِ جيل وڃڻ فائدي وارو ثابت ٿيو. اُتي هن سنڌ جي سيني ليڊرن سان دوستي ڳنڍي ۽ بعد ۾ ان دوستيءَ هنلاءِ ڏاڪڻ جو ڪم ڏنو، جنهن تان هو چڙهي چوٽيءَ تي وڃي پهتو. جيل مان آزاد ٿيڻ بعد هن ساهرن کان هزار روپيه اُڌارا ونـي دندو شروع ڪيو. قومي اڳواڻن جي آزمودي کيس چالاڪ بڻائي ڇڏيو هو ۽ هو واپار ۾ ڏاڍو ڪامياب ويو. هو هڪ طرف ڪانگريس کي راضي ڪندو آيو ۽ ٻئي طرف سرڪاري عملدارن کي. هن اُنهن ٻنهي وچ ۾ اهڙو ته ميزان رکيو جو هڪ طرف کيس ديش شيوڪ جا لقب ملڻ لڳا. ٻئي طرف سندس دڪان پـرجڻ لڳا. هن ننڍو دڪان ڇڏي وڏو دڪان مسواڙ تي ڪيو. ريزڪي ڪم ڇڏي مال ولائت مان گهرائڻ لڳو ۽ ٻڌو واپار ڪرڻ لڳو. پهرين هڪ گدام هوس جن مان وڏي ٿـي ٿيا. ايڪسـٽينشن تي بنگلو ٺـهرايائين، ڪار ورتائين ۽ ڪيترن وڏن ليڊرن جي ميزبان بڻجڻ ڪري سندس نالو سنڌ کان به ٻاهر مشهور ٿـي ويو.

هي سڀ ڳالهيون مان بابا جي واتان ڪئين دفعا ٻـڌي چڪـو هوس. بابا آخر ۾ ٺـڏو ساه کڻي چوندو هو، ”ويچاري کي هڪ ئي ڪمي آهي ته ڪو پٽ ڪونه اٿـس، صرف هڪ ڌيءُ اٿـس.

جڏهن مون گوبندرام سان ڳالهايو پئي ته هي سڀ ڳالهيون منهنجي من ۾ تازيون ٿـي ويون. گوبندرام مون کان ڳوٺ ۽ بابا بابت ڪيترا سوال پڇيا ۽ منهنجي جواب بعد هن ڪنڌ لوڏي چيو ٿـي: ”هائو، خبر اٿـم.“

اُن بعد هن مون بابت ڪجھ سوال پڇيا ۽ جواب پائي ڪجھ سوچيندو رهيو. سندس خاموشي، ۽ بنا تاثـرات جي چهري کي ڏسي مونکي ويچار آيو ته مونکي به ڪي سوال پڇڻ کپن. مون سندس قومي

ڪمن بابت هنڪان ڪي سوال پڇيا. هنجي مک تي روشني اچي ويئي ۽ سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. هو اُنهن سيني ليڊرن جي لسٽ ڀڏائي ويو، جن سندس اڳڻ تي پير پاتو هو. اُن بعد هن اُنهن سيني ڪمپنين جا نالا ٻڌايا جن ۾ سندس شيئر هئا. جڏهن مان اُٿيس ته هن منهنجي پٺي ٺپري چيو، ”شيام، توسان ملي خوشي ٿي. تنهنجو سياءُ ٻه وٽيم. هن گهر کي پنهنجو گهر ڪري سمجهه. حجاب نه ڪج. ۽ ها، پنهنجا ڪي چونڊ شعر ته ڪاپيءَ تي اُتاري مونکي ڏج.“

# ست

مونکي ايئن پيو لڳي ته مان بدلجي رهيو آهيان. منهنجي اندر ۾ ڪا تبديلي اچي رهي آهي. هن تبديليءَ لاءِ مون ڪا به ڪوشش ڪانه ڪئي آهي، ليڪن جيئن آبهوا پوتي جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻيندي آهي، تيئن انسان به شايد پنهنجي وايو منڊل جي آڌر آهي.

ڪراچيءَ ۾ پهريان هفتا مون ڏاڍي مزي ۾ گذاريا. پنهنجي ڪمري جي دريءَ وٽ ويٺو مان ڳوٺ بابت سوچيندو رهندو هوس. سهڻي ۽ ماستر به جيوَ هئا جي هر هر مون وٽ ايندا هئا. مان هيٺ باغ ڏانهن نهاريندو هوس. نوڪر چانهه جي ٽري، ڪجهه بسڪيٽ ۽ پيسٽريون وغيره رکي ويندو هو. مان چانهه پيئندي شعر لکندو هوس.

ٻن ٽن هفتن ۾ مون ڪيترا شعر لکيا. ۽ مان تمام خوش آهيان. مونکي ائين پيو لڳي ته مون اڳيان هڪ وسيع دنيا کليل آهي. مان هڪ آزاد پکيءَ جيان هن دنيا ۾ خوب اُڏامندس. پنهنجي مرضيءَ مطابق خوب مٿي ويندس ۽ جڏهين ٿڪجي پوندس ته هيٺ لهي ايندس.

ڳوٺ مان ماستر نورالله جو هڪ ٻه خط آيو آهي، پر هو ڳوٺ جو احوال تمام ٿورو ڏيندو آهي. اڪثر اهائي صلاح ڏيندو آهي ته مان پنهنجي آئينده ناهڻ لاءِ محنت ڪندو رهان. ڳوٺ جو احوال هو

انڪري ٻہ نہ ڏيندو آهي جو شايد سمجهندو آهي تہ متان اُهو منهنجي دل ۾ دک پيدا ڪري.

سهڻيءَ منهنجي دل کي جيڪو زخم رسايو هو، سو ڏيري ڏيري مٽجي رهيو آهي. منهنجي دل محسوس ڪرڻ لڳي تہ هن دنيا ۾ صرف دک نہ آهي، سک جون گهڙيون بہ آهن. خاص ڪري جڏهين اسان کي پنهنجي آئيندي ۾ سوين اُميدون آهن؛ تڏهن تہ هو مور جيان خوش ٿي نچڻ لڳندو آهي. مونکي ائين پيو لڳي تہ مان دنيا ۾ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهندس.

دادا جي چوڻ موجب مون پنهنجي شعرن مان انتخاب ڪري هڪ ڪاپي پري هن کي ڏني. سندس چوڻ آهي تہ ڪتاب مهيني ڏيڍ اندر شايع ٿي ويندو.

مونکي ائين پيو لڳي تہ هڪ نهر آهي، جنهن ۾ مان سنان ڪرڻ آيو آهيان ۽ مان پاڻيءَ ۾ چگُو اونهو هليو ويو آهيان. هن نهر جو تيز وهڪرو مونکي گهليندو ٿو وڃي. مان وهڪري سان لڙڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ليڪن نهر جو پاڻي ڏاڍو وڻندڙ آهي. ڪجهہ دير جي ڪوشش بعد مان پنهنجن عضون کي ڇڏي ٿو ڏيان- پل وٺي هلي جيڏانهن هن وهڪري کي وڻي هلڻو آهي.

اڄ آرتوار (آچر) آهي. پاپيءَ ڳالهہ ڪئي تہ جنهن آرتوار تي دادا کي ڪنهن ميٽنگ وغيره ۾ شامل ٿيڻو نہ هوندو آهي تہ پاڻ پڪنڪ تي ويندا آهن. اڄ صبوح ساڻ اسين ڪار ۾ چڙهي ملير وياسين.

ملير ۾ هڪ باغ ۾ گاه تي فراس وڇائي اُن تي اسان پنهنجو آشيانو بڻايو. ڪجهہ دير بعد گوبندرام چيو: ”شيام، ڪوشي ڏيءَ، توهين وڃي گهمي ڦري اچو تہ اسين ڪاڏي وغيره جو بندوبست ڪريون ٿا.“

ڪاڏي ڻاهڻ لاءِ نوڪر ساڻ هو، انڪري دادا جو هيءُ جملو معنيٰ

ڪان خالي نہ هو. هنڪان اڳ بہ دادا اسانجي اڪيلائيءَ ۾ گڏجڻ جي ڪوشش ڪندو آيو آهي. شايد انڪري ئي اسين ڪار ۾ گڏ ڪاليج موڪليا ويندا آهيون. پر گهڻو ڪري سدائين ڪوشليا جون ڪي ساهيڙيون ساڻ هونديون آهن ۽ هوءَ پنهنجي ساهيڙين سان ڳالهائڻ ۾ پوري هوندي آهي. ڪوشليا اهڙي الڙ نہ آهي جو هن جملي جو مطلب سمجهي نہ سگهي. اسان هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

اسين ڪيترو وقت سانت ۾ هلندا رهياسين. سڄو وقت مان پاسي ۾ ڪنهن اجنبي جيوَ جي موجودگي محسوس ڪري رهيو هوس. ڪنهن زماني ۾ مون سهٽيءَ سان ڪئين ڪلاڪ گڏ گهاريا هئا. ليڪن ڪڏهين بہ من ۾ هچڪ ڪانہ آئي هئي. ليڪن اڄ سوچڻ سان بہ لفظ چپن تي اچڻ کان نابري واري ويٺا هئا.

اوچتو ڪوشليا چيو، ”ڪيڏانهن هلون؟“

مون هن ڏانهن نهاريو. اسانجون اکيون مليون. ڪن پل لاءِ مان پنهنجي نگاهه هٽائي ڪونہ سگهيس. ڪوشليا جون اکيون تمام وڏيون آهن ۽ ڪجل پائڻ ڪري اُهي تمام سهٽيون لڳنديون آهن. اُنوقت پرسان هڪ اُٺ وارو لنگهيو ۽ ڪنهن گراهڪ پائڻ جي اُميد ۾ اسان ڏانهن نهاريائين. مون چيو، ”ڪوشي، اُٺ تي چڙهندينءَ؟“

ڪوشيءَ ڪن پل لاءِ يڪ ٽڪ مونڏانهن نهاريو. پوءِ ننڍڙو ٽهڪ ڏنائين. مونکي ڪوشيءَ جو اهو ٽهڪ وڻيو.

منهنجي هٿ جو آسرو وٺي ڪوشي اُٺ تي اڳيان ويٺي ۽ مان پٺيان. اُٺ ڊوڙڻ لڳو تہ جهوٻا اچڻ لڳا. ڪوشليا کلڻ لڳي. ”شيام، امان چوندي آهي تہ اڳي نوورنيون اُنن تي چڙهي ساهري ويندي يون هيون. ويچارين جو ڪهڙو حال ٿيندو هوندو. مونکي تہ پيٽ ۾ سور ٿو پوي.“

مون چيو، ”تو پراڻي زماني جي نوَورني ڪانہ آهين، ڪوشليا. اڳي

ڪنواريون منهن ڍڪينديون هيون ۽ ڪجهه به ڏسي نه سگهنديون هيون، اُت ڪي به نه. هوءُ سامان جي ڳوٺين جيان اُنـن تي سٽيون وينديون هيون."

ڪوشليا معنيٰ ڀريل نگاهن سان مونڏانهن نهاريو ۽ اسانجون اکيون وري مليون.

مون چيو، "ليڪن اُنوقت جيڪا ڪتڪتائي سندن دل ۾ ٿيندي هئي، ڇا اُنجو تون هلڪو ڇهاءُ به محسوس ڪري سگهين ٿي؟"

ڪوشليا ترڇي نگاهن سان مونڏانهن نهاريو ۽ منهن ڦيري ڇڏيائين.

اُت شهر کان ٻاهر واري رستي تان هلڻ لڳو. ٻنهي پاسن کان ٻنيون هيون. منهنجي دل خوشيءَ ۾ نه سمائي. مون چيو، "اڄ گهڻن ڏينهن کانپوءِ شهر کان ٻاهر قدم رکيو اٿم. هنن کليل ميدانن کي ڏسي منهنجي دل گل جيان ٽڙي پوندي آهي."

اسان اُت واري کي اُتي ڇڏيو ۽ هڪ باغ ۾ کوهه جي ڀر ۾ وڃي ويٺاسين. مون اڄ ڪوشليا کي چڱيءَ طرح ڏٺو. مضبوط ۽ سڊول بدن، گول ڪلهاء عمر آهر وڏي ڇاتي، ڊگهن وارن جون ٻه وڏيون چوٽيون. ڪوشليا رنگ جي بلڪل گوري ڪانه هئي پر سندس بدن جي بيهڪ تمام سڊؤل هئي. عام ڇوڪرين کان ڪجهه وڌيڪ ٿلهي، پر اها ٿولهه خراب ڪانه ٿي لڳي؛ سندس بدن تندرست ٿي لڳو.

اڄ پهريون دفعو اسان دل کولي ڳالهيون ڪيون، ۽ جڏهين ڪلاڪ ڏيڍ بعد باغ ۾ واپس موٽاسين ۽ اسانجي ڳالهين ۾ ڪجهه پنهنجائي اچي ويئي هئي. ڪوشيءَ جو ڀر ۾ رهڻ منهنجي من ۾ هڪ خوشي ۽ تڙپ پيدا ڪري رهيو هو.

هن گهر ۾ ٽي جيوَ آهن، پر ٽنهي جو سڀاءُ هڪٻئي کان نرالو آهي. گهر ۾ ٽي چار نوڪر آهن ۽ سڄي گهر جو ڪاروبار هوُ ئي

هلائيندا آهن. دادا گوبندرام گهر جي سڀ خبر چار رکندو آهي، پر سندس من دوڪان تي دنتي ۾ ۽ راڄنيتي ڪمن ڪارين ۾ هوندو آهي. هوُ رات جو گهر ۾ اچي آرام ڪندو آهي ۽ آرتوار جا ٻه چار ڪلاڪ گهر ۾ گهاريندو آهي. پاپي مونکي ڏاڍي وٽندي آهي. شايد پنهنجو پٽ نه هئڻ جي حالت ۾ هوءَ پنهنجو سچو پيار مونتي ئي اوتيندي آهي. سندس پيڪا وڏا زميندار آهن ۽ سندس دل به ڪيتن جيان وشال آهي. هوءَ ڳوناٽي زندگيءَ جي قائل آهي. سندس وس پڄي ته گهر جي اولهه واري وايو منڊل کي ڦيري ڳوناٽو رنگ ڏئي، پر گهر ۾ سندس وس نه هلندو آهي. گوبندرام ٻاهرئين ناٺ کي وڏو وزن ڏيندو آهي ۽ ڪوشليا ته نئين رنگ ڍنگ ۾ پليل آهي. پاپي گهر جي نوڪرن کي نوڪر ڪري نه سمجهندي آهي، پر جڏهين هوءَ گهر جي ڀاتين جي سک ۾ ڪا ڪمي محسوس ڪندي آهي ته نوڪر تي ڏاڍو ڪاوڙبي آهي.

ڪوشليا! الائي ڇو، مان هنکي سمجهي نه سگهيو آهيان. هوءَ اُن وايو منڊل ۾ پلي آهي جنهنکي مان نه سڃاڻان، انڪري مونلاءِ هوءَ نئين دور جو ڪو جيو پيئي ڀاسي. هوءَ مونکان ننڍي آهي، پر مونسان گڏ ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندي آهي. شايد مونکان وڌيڪ چالاڪ ۽ چتر به آهي. پهرين مان ائين سمجهندو هوس ته هوءَ مغرور آهي ۽ مونکي هڪ ڳوناٽو سمجهي مونکان منهن ئي موڙي، پر ائين نه آهي. شايد دنيا ۾ ڪي عورتون چاهيون ٿيون راڄ ڪرڻ لاءِ آهن. هوُ چاهينديون آهن ته سڀ سندن اڳيان سجدو ڪن. ڪوشليا مونکي ڪشش ڪرڻ لڳي آهي، ليڪن سندس ساهيڙيون مونکي ڏٺيون نه وٽنديون آهن. هوُ چڻ تان تان ڪندڙ پکي آهن، جي سچو ڏينهن پيون زبان هلائين. هوُ گهر ۾ ايندڀون آهن ته سچو گهر مٿي کٽي ڏينديون آهن. هڪڙو منٽ سانت ڪري ويهي ڪونه سگهنديون؛ ۽ سچو وقت پنهنجي هار سينگار جوئي

اونو اٿن. هر هر پرس مان آرسي ڪڍي پاڻکي جاچينديون ۽ پائوڊر سان پاڻکي ٺـقڻ جو ڪم شروع ڪنديون. سندن زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ڪانهي، ڪو اُديش ڪونهي. هوُ Society girls آهن، جي زندگيءَ ۾ صرف نازنخري ۽ ڳالهين دوران پـين جو ڏيان پاڻڏانهن ڇڪائڻ سکيون آهن.

شام جو هڪ ماستر ڪوشليا کي ڊانس سيکارڻ ايندو آهي. ان بعد هوءَ رئڪيٽ کڻي ڪلب ۾ ٽـينس کيڏڻ ويندي آهي. گوبندرام مونکي به ڪلب جو ميمبر بڻجڻ لاءِ چيو، پر مون انڪار ڪيو.

مان ڪڏهين ڪڏهين ڪوشليا جي ڦڙتيءَ ۽ خوش مزاجيءَ تي حسد ڪندو آهيان. گهر ۾ جيڪڏهن نوڪر ڊڄندا آهن ته هنکان ئي. هوءَ ئي ڄڻ بنگلي جي حاڪم آهي.

# اٺ

مان پاڻ ۾ هڪ تبديلي پيو محسوس ڪريان. ڇا اها سياويڪ آهي يا هن گهر جي وايو منڊل ڪري آئي آهي؟ ڪوشليا ۽ مان هڪ ٻئي جي ويجهو اچي رهيا آهيون. اڳي هوءَ مونڊي ائين نهاريندي هئي ڄڻ مان ڪنهن دورديش جو رهواسي هوس. پر هاڻي اسين هڪ ٻئي جي سامهون اينديئي مرڪي ڏيندا آهيون.

اڳي اسين پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئاسين ته فقط ڪاليج جي شين بابت، پر هاڻي شخصي سوال جواب به ٿيندا آهن. جڏهن مان پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو پاسي واري ڪمري مان گنگهرن جي جهنڪار ٻڌندو آهيان ته منهنجا خيال به ٿنل ٿنل سُرن جيان تڙي پکڙي ويندا آهن. هڪڙا ٻه نچندڙ پير نچندا منهنجي سامهون ايندا آهن ۽ هاڻي جڏهن به ڪوشليا منهنجي پر ۾ ويٺي هوندي آهي ته ٻه نچندڙ پير جهن جهن ڪندا منهنجي چوڌاري ڦرڻ لڳندا آهن.

مون ڪٿي پڙهيو آهي ته عورت جو سڊول ۽ سٻل سرير سدائين مرد لاءِ ڪشش جو باعث بڻبو آهي. الائي! ليڪن اهو سچ آهي ته ڪوشليا جو هيءُ سرير ڪڏهن ڪڏهن مونکي چقمق جيان ڇڪيندو آهي. سندس ويڪري منهن ۾ ڪجل پيل وڏيون اکيون ڏاڍيون سٺيون لڳنديون آهن. سندس وار گهرا ڪارا ۽ تمام گهاٽا آهن. ڪڏهن

ڪڏهن جڏهن هوءَ ڪجهہ نئڙيل هوندي آهي يا ٽيڪ ڏيئي وهندي آهي تہ سندس ڇاتي تمام وڏي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سانجهي جو هوءَ ٽائيٽ اَڇو فراڪ پائي ٽينس راند ڪرڻ ويندي آهي تہ سندس مضبوط اڇيون ٽنگون ڏاڍيون سڊول لڳنديون آهن ۽ سندس انگ ڦڙتيءَ ۾ اچي ويندو آهي.

اُن ڏينهن مون ڪمري ۾ ميز تي ويهي، ڇپجندڙ ڪتاب جا پروف ويٺي جاچيا. ڪوشليا ڪو ڪتاب کڻڻ لاءِ ڪمري ۾ لنگهي آئي. منهنجي هٿن مان پنا وٺي ڪجهہ شعر پڙهيائين، پوءِ هڪ ڪرسي سوري اُن تي ويهي رهي. اُباسي ڏيندي چيائين، ”تون هي شعر ڇو لکندو آهين؟ مونکي تہ اِنهن جي معنيٰ بہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي.“

مون کلي چيو، ”چڱي طرح پڙهي ڏس، توکي سمجهہ ۾ اچن ٿا يا نہ؟“

ڪوشليا ٻي اُباسي ڏيئي چيو، ”مونکي ايترو وقت ڪٿي آهي؟“

مون ڪوشليا ڏانهن نهاريو. هوءَ ڄڻ اڌ ڇرڇي، اڌ ساپيا ۾ ڳالهائي رهي هئي. سندس اکيون بہ اڌوريون بند هيون.

”تون ڪلاس ۾ جيڪي انگريزي ڪويتائون پڙهندي آهين، ڇا اُهي ڪانہ سمجهندي آهين؟“

”اُنهنجي ڳالهہ نرالي آهي؛ اُهي وڏا شاعر هئا.“

اوچتو هوءَ ٽپ ڏيئي اُٿي کڙي ٿي. منهنجي پرسان اچي چيائين، ”شيام، دل ۾ نہ ڪج، مون هڪ ناول ۾ پڙهيو هو تہ عورتون وڏن ماڻهن کان هميشہ ڊڄنديون آهن. هو صرف پريتم کي سچاڻن جو ڪين پيار ڏئي ۽ اولاد جي ڏل جي ڌڙڪن کي سمجهن، جنکي هو پيار ڏيئي سگهن. باقي سادو ۽ سنت، فيلسوف ۽ سائنسدان کان هو ڊڄڻ لڳنديون

آهن. جڏهن مان توکي شاعر جي روپ ۾ ڏسندي آهيان ته مان به توکان ڊڄندي آهيان.“

ڪوشليا هلي ويئي. هوءَ منهنجي پير ۾ آئي هئي ۽ پنيان عطر جي هلڪي خوشبوءِ ڇڏي هلي ويئي هئي. هوءَ جڏهن به ساڙهي پائيندي آهي ته هلڪي خوشبوءِ وارو اُچو فرينچ عطر بلائوز وٽ هڻندي آهي.

مون هڪ ڏينهن ڪوشليا کان پڇيو، ”جڏهن تون ڊانس محل پاڻ وساريندي آهين ته ڇا پاڻ کي ٻيو انسان محسوس نه ڪندي آهين؟“

”ٿوريءَ دير لاءِ. پر مان جلدئي پنهنجي دنيا ۾ واپس موٽي ايندي آهيان. پر تو اهو سوال ڇو پڇيو؟“

مون هٽڪندي چيو، ”جڏهن تون ناچ ۾ محو هوندي آهين، تڏهن مونکي ڏاڍي وڻندي آهين،“

ڪوشليا ڪن پل مونڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندي رهي. پوءِ اوچتو هڪ عجيب آواز ۾ چيائين، ”ڇا اهو سچ آهي ته شاعر هميشه پاڇي پنيان ئي ڊڪندا رهن ٿا. حقيقت سندن لاءِ ڪا ڪشش ڪانه ٿي رکي؟“

”الائي. پر هو شايد مڪمل روپ کي ئي ڏسڻ چاهين ٿا. هيءُ جيڪو اسانجي سامهون آهي، سو اڌورو آهي، اپورڻ آهي. انسان جا پاوَ ڪئميرا سان نڪتل فوٽي ۾ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڪلاميه چتر ۾ ئي اُهي پوري ريت ظاهر ٿين ٿا.“

ڪوشليا ذرا جهنجهلائيندي چيو، ”سدائين اهو بحث ته شاعر جي لاءِ هيءَ دنيا اڻمڪمل آهي. پر مان چوان ٿي جيڪي آهي سوئي آهي، هيءُ ئي سيڪجهه آهي. هن ۾ ئي سيڪجهه آهي. مان ڪوشليا آهيان. نچندڙ ناري نه.“

سندس اکين ۾ ڪجهه غصو هو ۽ ناراضپو پڻ.

مون ڪوشليا ۾ ڇا ڏسڻ ٿي چاهيو ۽ ڪوشليا مونکي ڇا ڏيکارڻ ۽ ڇا لڪائڻ ٿي چاهيو، سو مان پورو سمجهي نہ سگهيو آهيان. پر منهنجا شعر لکڻ گهٽي قدر بند ٿي ويا آهن. ۽ مان هاڻي ڳوٺ بابت بہ گهٽ ڪونہ سوچيندو آهيان. ڪڏهين ڪڏهين اُتان خط ايندا آهن ۽ مان بہ ماستر کي خط لکندو آهيان. پر اُهي بلڪل مختصر هوندا آهن.

شام جي چانھ ڪوشليا ۽ مان باغ ۾ گڏ ويهي پيئندا آهيون. هنکي اولھ جون سڀ شيون پسند آهن. هندوستاني تهذيب کي هوءَ اُسٽريلن جي سپيتا ڪري سمجهندي آهي، انڪري چانھ سان گڏ سئنڊوچ ۽ پيسٽريون، هونديون آهن؛ هندوستاني مٺائيءَ کي هوءَ ڇهندي بہ نہ آهي. چانھ بہ سندس مرضيءَ مطابق ٺهندي آهي.

منهنجن شعرن جو ڪتاب ڇپجي آيو تہ هڪ رات هوءَ منهنجي ڪمري ۾ آئي. سندس هٿ ۾ اُهو ڪتاب هو. مونکي ڪتاب هٿ ۾ ڏيئي چيائين، ”تون شعر پڙهہ، مان ٻڌنديس.“

مان شعر پڙهڻ لڳس. هوءَ منهنجي پلنگ تي ليٽي پيئي. هڪ شعر مون سهٽيءَ کي مخاطب ٿي لکيو هو. اهو ٻڌندي اوچتو ڪوشليا مونکي اڌ ۾ روڪي چيو، ”سچ ٻڌائجانءِ، اهو شعر تو ڪنهنکي ڏسي لکيو هو؟“

شعر پڙهڻ وقت سهٽي منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي هئي. مون چيو، ”ڳوٺ ۾ هڪ ڇوڪري هئي. هوءَ مري ويئي.“

”ڇا هوءَ ڏاڍي سهٽي هئي؟“

”ها.“

ڪوشليا وهاڻي تي مٿو رکي ليٽي پيئي هئي. اوچتو هن ڪنڌ مٿي ڪٽي چيو، ”تون جيڪر مون تي شعر لکي سگهين؟“

”ڇو نہ. مونکي ائين پيو لڳي تہ اِن شعر جو اڌ منهنجي دل ۾ اڳيئي رچجي چڪو آهي. جڏهين اهو مڪمل ٿيندو تہ مان پني تہ

اُتاريندس.“

پر ڪوشليا ڪي ان تي جڻ اعتبار ڪونہ آيو، هوءَ وري ليٽي پيئي. هنگي ڪيڏي مهل ننڊ ڪٽي ويئي اها پروڙ ئي ڪانہ پيم. مون ڪتاب بند ڪيو، اُن وقت اڌ رات ٽپي ويئي هئي. مون ڪوشليا جي پير ۾ وجي سندس ڪن وٽ وات آڻي آهستي سڏ ڪيو، ”ڪوشي!“ هن آهستي اکيون کوليون ۽ ڪجھ وقت مٺ پيريل نگاهن سان مونڏانهن نهاريندي رهي. سندس اکيون ڳاڙهيون هيون، جڻ ڪو نشو پيتو هئائين. هن اشاري سان مونکي سهارو ڏيڻ لاءِ چيو. منهنجي ٻانهن جي سهاري هوءَ اُٿي ۽ ڪجھ وقت منهنجي ڇاتيءَ سان مٿو لڳائي ويٺي رهي. پوءِ ننڊ اکڙي آواز ۾ چيائين: ”گھڻو وقت ٿيو آهي؟“

”اڌ رات آهي.“

هوءَ اُٿي ڪڙي ٿي. ”مونکي منهنجي ڪمري تائين نہ ڇڏي ايندين!“ هن منهنجو هٿ پڪڙيو. مان کيس سندس ڪمري جي در تائين ڇڏي آيس.

مون جو سمجهيو هو تہ منهنجن شعرن جي ڪتاب ڇپجڻ سان سنڌي ساهتيہ (ادب) ۾ ڪو ٿرٿلو مچي ويندو سو اهڙو ڪجھ ڪونہ ٿيو. مون هڪ ڪاپي ماستر نورالله کي بہ موڪلي.

ائين نہ هو تہ مون پنهنجن شعرن کي ڪو تمام اوچي درجي جو سمجهيو هو. پر مون پنهنجن شعرن ۾ هڪ نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جا سنڌي شعر ۾ تمام گھٽ هئي. شاهہ سچل ۽ سامي اوچي درجي جا شاعر هئا ۽ شاهہ تہ دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي. پر اُن بعد سنڌي ساهتيہ ۾ جڻ هڪ موڪائي اچي ويئي هئي. ڪشنچند ’بيوس‘ هڪ موڙ ڏيڻ چاهيو ۽ هو ڪنهن حد تائين سڦل بہ ٿيو، ليڪن بيوس لاءِ ڪي شخصي ۽ ڪي سماجڪ دائرا هئا، جنهنڪري جيڪو ڪم هن شروع ڪيو هو سو پورو ڪري نہ سگهيو هو. ساهتيہ ۾

جيڪو انقلاب بنگاليءَ ۾ ٽئگور ۽ شرت ڏه سال اڳ آندو هو، سو سنڌي ساهتيہ ۾ شروع ٿي مس ٿيو هو.

هڪ ٻن روزانين ۽ هفتيوار اخبارن ڪتاب تي تبصرو ڇپيو هو، ليڪن اُنکي تبصرو نہ چئجي تہ بهتر آهي. اخبار وارن جو ڪتابن ۾ چاه ايترو تہ سطحي ٿيندو آهي جو هو صرف اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ هو ڪتابن ۾ چاه وٺندا آهن، تبصرو شايع ڪن ٿا.

ٻہ ٽي خط پڙهندڙن وٽان بہ آيا هئا. هڪ خط تمام دل ٻڇائيندڙ هو. هڪ ننڍي ڳوٺ مان هڪ غريب ماستر خط لکيو هو، "اسين سڀ هڪ ئي مقصد لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون- اهو آهي 'نئين سنڌ' اڏڻ. توهانجي شعرن ۾ مونکي سچائي نظر آئي. اسانجي ساهتيہ ۾ اها وڏي ڪمزوري آهي، جو اسين دل جي سچن جذبن کي ظاهر ڪرڻ بدران ادبي روايتن کي وڌيڪ مان ڏيون ٿا. مونکي اُميد آهي تہ هڪ ڏينهن هي مکڙيون گل ٿي سرهاڻ ڦهلائينديون."

سائين نورالله هڪ لنبو خط لکيو هو، پر اُجون ٻڇاڙيءَ واريون سٽون مون ٻہ ٽي دفعا پڙهيون. لکيو هئائين، "ياءُ شاعر ڇپيل شعرن جي ساک تي سانت ڪري ويهي نہ ٿو سگهي. جو ڇپجي ظاهر ٿيو آهي تہ عوام جي ملڪيت ٿي چڪي. شاعر اُهو آهي جنهنجي پل پل تي زماني جون تحريرون ڇاپ هڻن ٿيون ۽ هنجي دل صدائون ڪرڻ لڳي ٿي.

"مان هيءَ ڳالهہ انڪري ٿو چوان جو تنهنجن پوين شعرن ۾ جيڪي تو ڪراچي ۾ لکيا آهن، تن ۾ مون کي هڪ خاموشي نظر آئي. عادت انوسار ۽ وزن قافيي تي ٻڌل شعر تہ ڪيترا ٻڌاپي ۾ بہ لکندا آهن، پر اُن ۾ تڙپ گهٽ هوندي آهي ۽ صدا ڪانہ هوندي آهي. اها محنت اجائي آهي. ڇا ڪراچيءَ جو وايو منڊل توکي لولي ڏيئي سمهاري تہ نہ رهيو آهي؟"

شايد اهو سچ آهي ته منهنجو تڙپندڙ من خاموش ٿي رهيو آهي. مان ڪيترن ڏينهن کان شعر نه لکي سگهيو آهيان. انڪري پنهنجن خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته مان روز پنهنجي ڊائري لکندس.

ته ڇا ڪوشليا جو سنگ مونکي نشو پياري، سمهاري رهيو آهي؟ هڪ ڏينهن ڪوشليا چيو، ”تون به عجيب آهين. جيستائين تو دنيا ڏٺي ڪانه آهي تيستائين تون سنسار جي اونهاين کي ظاهر ڪيئن ڪري سگهندين؟“

شايد سچ ٿي چوي ڪوشليا. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ مونکي بلڪل بي هٿيار بڻائي ڇڏيندي آهي، پر بحث ڪرڻ کان ڪيس نفرت آهي. جڏهن به مان ڪيس ڪجهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ته هوءَ منهنجي منهن ڏي نهاري کلي ڏيندي آهي يا ٽپ ڏيئي اٿي چوندي آهي، ”اڙي مونکي ته اجا ڪپڙا متائڻا آهن.“

دادا هڪ ڏينهن مونکي سڏائي چيو، ”شيام، مون تنهنجي ڪتاب جي ڇپجڻ جي خوشيءَ ۾ آرتوار ڏينهن پارٽي ڏني آهي. انلاءِ مون ڪراچيءَ جي سيني مشهور ليڊرن کي نيند ڏني آهي. ڪي اخبارن جا ايڊيٽر به ايندا. مان چاهيان ٿو ته تنهنجي ساڻن واقفيت وڌي، ههڙو موقعو هٿان نه وڃائج.“

مان دادا جون ڳالهيون ڪجهه سمجهي سگهيس، ڪجهه نه. ليڪن مان اُن ڏينهن لاءِ چاه سان نهارڻ لڳس، جڏهين وڏا ليڊر منهنجي ڪتاب بابت رايو ڏيندا. هوُ ڪهڙو رايو ڏيندا. اهو ڄاڻڻ لاءِ منهنجي من ۾ اُٿڻ جاڳڻ لڳي. مقرر ڏينهن تي ڊائيننگ ۽ ڊرائنگ رومس کي سجايو ويو. ڊائيننگ روم ۾ ٻه وڏيون ميزون گڏي اُنهن جي چوڌاري پنجويهه ٽيهه ڪرسيون وڌيون ويون. پاپي صبوح کان وٺي ٻن نوڪرن سان گڏ رڌڻي ۾ مشغول هئي. صبوح جو منا ين ۽ ميون سان ڪار پرجي

آئي هئي.

هڪ دفعو ڪوشي منهن سامهون گذيم. مرڪي منهنجي اکين ۾ اکيون وڌائين، ”هيءَ سڀ تنهنجي لاءِ ٿي رهيو آهي، شاعر! ائين پيو لڳي ته بابو توکي مونکان وڌيڪ پائڻ لڳو آهي.“ ڪوشيءَ جي شرارت تي مون کي به کل اچي ويئي. مون ڪيس چيڙائڻ سانگي چيو، ”دادا چوندو آهي ته تنهنجي شاديءَ تي هو سڀ هندوستان جي ليڊرن کي گهرائيندو. شايد مهاتما گانڌي ۽ جواهرلال نهرو به اچن.“

ڪوشيءَ معنيٰ ڀريل شوخ نگاهون مونڏانهن اُڇليون ۽ ڀڄي ويئي.

سانجهيءَ ڌاري مزمان اچڻ لڳا. دادا ۽ مان سندن استقبال لاءِ ڊرائنگ روم جي در تي بيٺا هئاسين. جلدئي سڀ گهٽي ڪارين سان ڀرجي ويئي. هن مهمانن وچ ۾ مان پاڻکي جڻ ٻلين وچ ۾ ڪوئو سمجهڻ لڳس. اچڻ، ڪير ڌوتل کاديءَ جي ڪپڙن ۾ گهٽو ڪري سڀ ٿلها متارا مڙس هئا، ڪو هڪ ٻه مزمان مون وانگر سنهو سپڪ هو. کاڌي جي روم ۾ دادا منهنجي واقفيت ڪرائيندي ٻه ٽي لفظ چيا، پنهنجي سالهه ٻڌي مان چاهڻ لڳس ته ڌرتيءَ اندر گم ٿي وڃان. ٻن ٽن ليڊرن منهنجي پٺي ٺپري ۽ حوصلي افزائيءَ جا ٻه ٽي لفظ چيائون. پوءِ کاڌو شروع ٿيو ۽ هو پنهنجن سياسي بحثن ۾ وڃي پيا. ڪڏهين ڪڏهين سوادي کاڌو کائيندي ڪنهن زوردار ٺهڪ ٿي ڏنا، ته ڪڏهين ڪنهن ليڊر جو ڪڙڪيدار آواز جوش سان ڀرجي ٿي ويو. هڪ ٻه ايڊيٽر، جن بابت مون سمجهيو هو ته هن شايد منهنجو ڪتاب پڙهيو هوندو ۽ اُن بابت مونسان ڪجهه ڳالهائيندا، سي ليڊرن جي خوشامد ڪرڻ ۾ ئي مشغول هئا. مان ڪنڊ ۾ هڪ طرف اڪيلو رهجي ويس ۽ سانت ۾ کاڌو کائڻ لڳس. کاڌي جو سواد ته مونلاءِ اڳ ۾ ئي گم ٿي ويو هو. مان صرف هٿ هلائي رهيو هوس ۽ بيوقوفن جيان چوڌاري

نهاري رهيو هوس. هڪ ڀيرو دفعا دادا مونکي ڳالهين ۾ آڻڻ چاهيو، ليڪن شيئر مارڪيٽ ۽ راڄنيتي ڊراما جي گرين روم جون ڳالهيون مان ڪٿي تي سمجهي سگهيس. منهنجي منهن ۾ رت اچي رهيو هو ۽ تمام مشڪلات سان پنهنجي لڙڪن کي روڪي ويٺو هوس.

جڏهين ڪاڏو پورو ٿيو ۽ مناين ۽ ميون جو وارو آيو تہ مان موقعو پائي اُتان نڪري آيس. مون سوچيو تہ ٻہ منٽ ٻاهر رهي تازي هوا کائي مان اندر ويندس، ليڪن ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ سان اندر جا سڀ اُڏما اُٿلي ٻاهر آيا ۽ پنهنجي بي عزتيءَ ڪنان منهن لال ٿي ويم. مان پنهنجي ڪمري ۾ اچي منهن وهاڻي ۾ دٻائي ليٽي پيس.

پاپيءَ کي الائي ڪنهن وٽي اها خبر ڏني ۽ هوءَ ڊڪندي آئي. هن منهنجي نرڙ تي هٿ گهمائيندي چيو، ”چو شيام، طبيعت تہ ٺيڪ اٿيئي نہ؟“

پاپيءَ جو منو آواز ٻڌي مون پنهنجو منو سندس گوڏن تي ڪري رکيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيم. پاپي پيار سان منهنجي پٺيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳي.

# نو

ڪالهه صبوح جو ڪوشيءَ مونکي گڏجڻ تي مرڪي چيو، ”مون ٻڌو آ تہ ڪالهه تو مميءَ جي گود ۾ رنو هو.“

منهنجو منهن لڄ کان لال ٿي ويو.

ڪوشيءَ ترڇي نگاهن سان مونڏانهن نهاريندي چيو ”ڪالهه دادا پارٽي ڏني هئي، اڄ مان توکي پارٽي ڏينديس. ڇا اڄ بہ روئندين؟“

هونءَ بہ هفتي ۾ ٻہ ٽي دفعا اسين ڪار ۾ چڙهي گهمڻ ويندا آهيون. ڪار گهڻو ڪري هوءَ ئي هلائيندي آهي. ڪلب مان ٿيندا پهرين صدر ۾ ڪنهن وڏي ريسٽارنٽ ۾ ويندا آهيون. ڪوشيءَ کي چيني ۽ يورپي کاڌا ڏاڍا پسند آهن. مان تہ اُنهنجا نالا بہ ياد ڪري نہ سگهيو آهيان ۽ ريسٽارنٽ ۾ وائٽرن جيان هيڏانهن هوڏانهن وينل ۽ سگريٽ ڇڪيندڙ فئشنبل زالن ۽ چروٽ ڇڪيندڙ مردن ڏانهن نهاريندو رهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ڪوشليا مونکي اِن لاءِ چيڙائيندي آهي.

اُن ڏينهن ريسٽارنٽ ۾ اسان خوب کاڌو. ڪوشيءَ سلڪ جي اَڇي ساڙهي پاتي هئي ۽ هوءَ ڏاڍي ليپائيندڙ لڳي رهي هئي.

ريسٽارنٽ مان نڪري هوءَ ڪار کي ڪلفٽن ڏانهن وٺي هلي.

منهن اونداهي تي ڇڪي هئي ۽ ٿڌي گهميل هوا اسانجي بدن ۾ ڪپڙن سان راند ڪري رهي هئي. ڪوشليا ڄڻ نشو پيتو هو. سندس سڄو بدن خوشيءَ ۾ ڦولي رهيو هو. ڪار مکيه رستو لتاڙي چاڙهيءَ طرف هلڻ لڳي. تکڙي هلندڙ ڪار کي هن اوچتو بريڪ ڏيئي هڪ واريءَ جي دڙي پرسان بيهاري ڇڏيو. اوچتي لوڏي اچڻ ڪري مون اُڇل کاڌي ۽ هوءَ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

واريءَ جي اُنهن دڙن وٽ بلڪل سناٽو هو. ٻيون موٽرون سڀ پري بيٺيون هيون. ڪوشليا موٽر جون بتيون وسائي ڇڏيون. هوا گهوگهاٽ ڪري اسانجي وارن کي اُڏائڻ لڳي. پريان سمنڊ ڪڏهن ڄڻ روئي رهيو هو ته ڪڏهن کلي رهيو هو.

ڪوشليا اسٽيئرنگ چڪر تي ڪنڌ رکي مونڏانهن اونده ۾ نهاريندي چيو، ”ڏس هيءَ هوا ڪهڙي نه پاڳل آهي. ڪير هن هوا کي چوي ته تون نه اچ، تڏهن به هوءَ ايندي.“

”ڪڏهن ڪڏهن قدرت جون سڀ شيون پاڳل بڻجي پونديون آهن. انسان به ڪڏهن پاڳل بڻجڻ چاهيندا آهن.“

”۽ اڄ مان پاڳل بڻجڻ چاهيان ٿي.“ هوءَ ڪار مان لهي واريءَ جي دڙي تي بيهي ساڙهيءَ جو پلؤ هوا ۾ اُڏائڻ لڳي. پلؤ هوا ۾ جهنڊي جيان اُڏامڻ لڳو. ڪوشيءَ سڏ ڪندي چيو، ”اچ شيام، اچ ته اچ هوا سان اُڏامي هلون.“

مان دڙي ڏانهن وڌيس ته هن منهنجي هٿ کي پڪڙيو. منهنجا پير واريءَ ۾ ڦاٿل هئا ۽ شايد ڪوشيءَ جا به. ڪوشيءَ جي ساڙهيءَ جو پلاند منهنجي منهن تي اچي پيو ۽ اسين ٻئي هڪ ٻئي جي ڇڪ ۾ واريءَ تي ڪري پياسين. ڪوشليا اُٿڻ جي ڪابه ڪوشش ڪانه ڪئي ۽ کلڻ لڳي. پوءِ چيائين، ”چؤ شاعر، سپنا سٺا آهن يا حقيقت؟“

”ڪڏهين ڪڏهين سپنا ۽ حقيقت ملي هڪ ٿي ويندا آهن!“

”اهو ڪيئن؟“

”ڏس پيار کي سونهن ڪير ٿو ڏئي۔ سپنو. اگر تو پيار جو سپنو نہ ڏٺو هجي ها تہ ڪڏهن بہ پيار مان پورو آنند ماڻي نہ سگهين ها.“

ڪوشليا ڪجهہ وقت سانت رهي. پوءِ چيائين، ”سپنن کي وساري ڇڏ. مان هڪ حقيقت آهيان ۽ تون بہ حقيقت بڻجي وڃ.“

ڪيترو وقت بلڪل سانت رهي؛ صرف هوا گهوگهاٽ ڪري الائي ڪنهن کي سڏي رهي هئي. هوءَ چڻ وڏوا هئي ۽ روئي رهي هئي جو سمنڊ سندس گهوٽ کي دور گهلي ويو هو. ڪوشليا جون آڱريون منهنجي منهن تان واري هٽائي رهيون هيون. اوچتو مون محسوس ڪيو تہ سندس هٿ ڏڪي رهيو آهي. هوءَ منهنجي ويجهو سري آئي تہ هنجو سڄو بدن ڏڪي رهيو هو. سندس نڪ مان نڪتل گرم ساہ منهنجي منهن کي ڇهي رهيو هو. هن ڏڪندڙ آڱرين سان منهنجي مٿي کي جهليو. اسانجا ڳل هڪ ٻئي جي ويجهو هئا ۽ گرم ساہ هڪ ٻئي جي منهن کي جلائي رهيا هئا. ڪوشيءَ جا چپ اڌورا ڪليل هئا ۽ اُهي ڏڪي رهيا هئا. سندس ڏڪندڙ هٿن جا نهن منهنجي ڳلن ۾ چڀڻ لڳا. اوچتو اسانجا چپ مليا. صرف هڪ سيڪنڊ لاءِ، پر مون ائين محسوس ڪيو چڻ ڪا باہ ڪوشيءَ جي چپن مان نڪري منهنجي چپن منجهان منهنجي اندر لنگهي ويئي. مون اونده ۾ ڪوشيءَ جي اکين ڏي نهاريو تہ هن اکيون بند ڪري ڇڏيون. واري اُڏامي اسانجي منهن تي پئجي رهي هئي. هوءَ اکيون بند ڪري الائي ڪهڙي دنيا ۾ هلي ويئي ۽ ائين چڻ اِيام گذري ويا.

ڪوشيءَ ڏيري ڏيري پنهنجون اکيون کوليون ۽ چوطرف نهاريو. هنجي بدن ۾ چرپر آئي. هوءَ اُٿي ويئي ۽ مونڏانهن نهارڻ لڳي. اسين ڪيتري دير هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهياسين؛ پوءِ هن آهستي

مونڊانهن ڀئي ٻانهون ڊگهيريون، ”مونکي اُٺار.“

مون ٻنهي هٿن سان هنکي جهلي اُٺاريو. پنهنجي آڱرين سان هنجي وارن کي ڇنڊيم. رومال سان سندس منهن ۽ ڳچيءَ تان واري اُگهيم. پوءِ سانت ۾ سمنڊ ڏانهن نهاريندا رهياسين. مونکي ائين لڳو ته سمنڊ وڏي آيو هو ۽ پاڻيءَ اسانجا پير پئي ڇهيا.

ٽيون ڏينهن جڏهن مان ڪاليج مان موٽيس تڏهن پاپيءَ مونکي سڏ ڪري چيو، ”شيام، اڄ سندر جيل مان آزاد ٿيندو ۽ سانجهيءَ جو هو هتي ايندو. مون تنهنجي پاسي وارو ڪمرو هن لاءِ صاف ڪرايو آهي.“

پاپيءَ جي منهن تي اَپار آنند کيلي رهيو هو. هيتري خوشي مون سندس منهن تي ڪڏهن ڪانه ڏٺي هئي. سندس اکيون چمڪي رهيون هيون. آواز ۾ بيحد مٺاج هوس.

مونسان هن ڪيترا ڀيرا پنهنجي پياري ياءُ جون ڳالهيون ڪيون هيون. هوءَ جڏهن ياءُ جون ڳالهيون ڪرڻ ويهندي هئي ته سندس اکين ۾ چمڪ اچي ويندي هئي.

پاپي جڏهن ڏهن سالن جي هئي، تڏهن سدس ماءُ ڇهن مهنن جو سندر ڇڏي هن دنيا مان هلي ويئي هئي. هوءَ ٽن ڀائرن جي اڪيلي ڀيڻ هئي، اِن ڪري سندر جو پالڻ پوشڻ سندس ئي هٿن ۾ ٿيو. سندر اَٺن سالن جو هو، جو پاپيءَ جي شادي ٿي. شاديءَ کان ڪن مهنن بعد هوءَ سندر کي پاڻ وٽ وٺي آئي ۽ گوبندرام جي نظرداريءَ هيٺ ئي هن اسڪولي تعليم ورتي. گوبندرام جي اثر هيٺ ئي هن کادي پائڻ شروع ڪئي ۽ ڪانگريسي خيالن جو بڻيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد گوبندرام جي صلاح سان سندر شانتينڪيتن ۾ پڙهڻ ويو. پاپيءَ جي پيءُ جي زمينداري سندس ٻه وڏا ڀائر سنڀالڻ لڳا هئا.

گوبندرام شانتينڪيتن کي هڪ آدرشي ڪاليج سمجهي سندر

کي اوڏانهن موڪليو، پر هو اُتان بدلجي آيو. هو انقلابي ۽ ڪميونسٽ خيالن کي پاڻسان کڻي آيو. پاپي چوندي هئي، "هتي اچڻ سان شاگردن ۽ مزورن ۾ ڪم شروع ڪيائين ۽ نتيجو اهو نڪتو آهي جو ڇهين ٻارهين مهيني هو جيل ۾ پيو آهي."

شام جو سندر سان منهنجي ملاقات ٿي. هو قد جو ڊگهو ۽ بدن جو جانٺو هو. ڪجھ ضعيف پئي لڳو، شايد جيل ۾ گهاريل سالن ڪري سندس ڳل جا هڏا ڪجھ ٻاهر نڪتل هئا ۽ جڏهن مرڪيائين ٿي ته سندس اکيون چمڪڻ ٿي لڳيون. ننڍڙا وار، ڊگها هٿ، سادي کاديءَ جو ڪڙتو ۽ پتلون۔ ڪڙتي جا ڇاتيءَ وٽ بٽڻ کليل.

پاپيءَ ساڻس منهنجي واقفيت ڪرائي ته هو مرڪيو ۽ منهنجا ٻئي هٿ پڪڙيائين. "سياڻي ڳالهيون ڪنداسين." هن مرڪندي چيو. اِن مرڪ ۾ مونکي پنهنجائي نظر آئي ۽ سندس منهن ۾ الائي ڪهڙو نور هو جو مان ڪيتري دير ڏانهنس نهاريندو رهيس.

شايد رات جا ٻارهن لڳا هوندا، جو اوچتو مونکي جاڳ ٿي.

پاسي واري ڪمري مان مون پاپيءَ جو آواز ٻڌو. هوءَ چئي رهي هئي، "تون اڃا ڪونه سمهيو آهين، سندر؟"

سندر جو آواز آيو، "اجهو ڊادي، باقي ٿورو ڪتاب آهي."

"سادا ٻارهن ٿيا آهن. جيل جو هيترو ٿڪ، پهرين رات ته آرام ڪر."

"تون سمھ دادي، مان به جاڻ سمهيس."

پاپي ويئي هلي، پر اُن بعد به ڪيتري دير تائين هنجي بتي ٻرندي رهي. اڍائي سالن جي جيل بعد هو آزاد ٿيو هو۔ ڇا هو هڪڙي رات به چين جي ننڊ ڪري نه ٿي سگهيو.

ٻئي ڏينهن مان پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو ڪجھ پڙهي رهيو هوس

جو سندر دروازي وٽ اچي چيو، ”مان اندر اچي سگهان ٿو؟“
مون تڙ تڪڙ ۾ ڪتاب رکي اُٿندي چيو، ”اچو، اچو، پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

”مان پنهنجو انجام پالڻ آيو آهيان. سپاٽي مان هتان هليو ويندس. سوچيم اچ ڳالهيون ڪري وٺون.“ هنجي منهن تي اُهائي رات واري مرڪ هئي، جنهن مون کي موهيو هو.

”سپاٽي توهين ڪيڏانهن ويندا؟“

”ڳوٺ، ۽ اُتان سڄي سنڌ جي دوري تي نڪربو. ڪن سالن بعد جيل مان رهائي ٿي آهي. حالتن جو پورو اڀياس ڪرڻو پوندو، ساٿين سان ملڻو پوندو.“

”توهين زندگيءَ ۾ ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟“

”مان!“ هو ُکلڻ لڳو. کلڻ ڪري سندس اکين جي ڪنڊن وٽ ڪجهه گهنج پيا ۽ اکيون وري چمڪڻ لڳيون. ”انقلاب آڻڻ- اديءَ توکي ائين پڌايو هوندو. هوءَ سيني کي ائين پڌائيندي آهي، پر بلڪل غلط مان پنهنجو جيون سجايو ڪرڻ ٿو چاهيان، ٻيو ڪجهه نه.“

”پر توهانجو ڪو ته مقصد هوندو؟“

”مقصد آهي. مان پنهنجي ديش جي ٻارن ۽ سڄي دنيا جي رهاڪن کي خوش ڏسڻ ٿو چاهيان. ٻارن جي منهن تي مرڪ، زالن جي بدن تي صاف ڪپڙا ڏسڻ ٿو چاهيان. پر هيءُ تمام وڏو مقصد آهي. هن بندي ۾ ڪهڙي طاقت آهي جو سنسار جي رٿ کي اڪيلو هلائي. مان ته مشين جو هڪ نٽ آهيان. مان هڪ ڪم ڪندڙ مزور آهيان، مان دنيا کي بهتر بڻائڻ ۾ حصو وٺڻ چاهيان ٿو.“

”ادي چوندي آهي، توهين ڪانگريسي هئا ۽ هاڻي ڪميونسٽ- اها تبديلي ڪيئن آئي؟“

”زماني آندي. سڀ تبديليون وقت آڻيندو آهي، حالتن مطابق، جي

زنده آهن، جي ڳوليندا رهن ٿا، سي بدلجندا رهن ٿا. پر جيڪي مردا آهن، جي پنهنجي ڪيتي تي راضي آهن، سي هڪ هنڌ بيٺل آهن.“

سندر سانت ٿي ويو. هو ڪجهه سوچي رهيو هو.

اوچتو هن چرڻ بي انت اونده مان روشنيءَ ۾ اچي چيو، ”رات مون تنهنجو ڪتاب پڙهيو.“

مان ڏانهس نهاري رهيو هوس.

”مونکي ڪتاب وڻيو. تون ۾ سڀني ساهتڪار بڻجڻ جون خصلتون آهن، پر هيءَ تنهجي شروعات سمجهان يا پڇاڙي؟“

مان عجب ۾ ڏانهس نهارڻ لڳس.

”منهنجو مطلب آهي ته ڇا تون وڏيڪ جاکوڙ ڪندين؟“ مان خاموش رهيس.

”مثال طور ڪوشليا سٺي ڊانسر بڻجي سگهي ٿي، پر هوءَ بڻجندي ڪانه، ڇاڪاڻ جو هوءَ جاکوڙ ڪرڻ نٿي چاهي.“

مان تڏهين به ماٺ ۾ رهيس.

”جاکوڙ، پورهيو، ارپنا- ڏينهن رات پورهئي ڪرڻ جي ئي ضرورت آهي. پاڻ سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ دنيا کي سمجهڻ اُنکان به وڌيڪ ڏکيو. ساهتڪار ڪيڏو نه وڏو بوجو سر تي کڻي ٿو. هو به هڪ ننڍو خلقڻهار آهي. هو هن دنيا ۾ ٻي دنيا اَڏي ٿو. ڇا اهو ايترو سولو آهي؟ بلڪل نه. جاسوسي ناول لکڻ سولا آهن، پر سچو ساهتيہ اُن لاءِ پنهنجي دل کي شمع جيان ٻارڻو پوندو آهي.

”چوطرف اونده آهي، بيحد اونده- هرڪو انسان خود غرضيءَ وچان پنهنجي مطلب کي پائڻ لاءِ ڊوڙندو رهي ٿو. اهڙيءَ دنيا ۾ انسانيت کي ڳولڻ- ڳولي، اُڀي ڌڙڪندڙ دل جو آواز ٻڌي اُنکي وڏي واڪي ڳائڻ سولو نه آهي. ۽ ڪلا کي ظاهر ڪرڻ لاءِ تعليم کپي. مون ٻڌو آهي ته جپاني ۽ چيني چترڪار هڪ ليڪ پچائڻ تي سال لڳائيندا

آهن.“

هو ٿورو وقت سانت رهيو. پوءِ وري چيائين، ”شانتينڪيتن ۾ دوست هڪ ڳالهہ ٻڌائيندا آهن. چترڪلا ودياگ جي آچاريہ نندل بوس هڪ شاگرد کي هڪ وڻ جو چتر چٽڻ لاءِ چيو. شاگرد پنجن منٽن ۾ وڻ جو هوبهو چتر ٺاهي آيو. گروءَ چتر ڏسي چيو: هيءُ ٺيڪ نہ آهي، ٻيو ٺاهي اچ. شاگرد وڻ جو اڳي کان بہ وڌيڪ چٽو روپ چٽي آيو. پر گروءَ ڪنڌ ڌوڻي چيو: نہ، نہ.

ائين سڄو ڏينهن شاگرد چتر چٽيندو رهيو ۽ گرو متو ڌوڻيندو رهيو. نيٺ ٿڪل شاگرد اُداس ٿيل ٻڌجي وڻ ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ وڻ هن ٿڪل انسان جي آتما ۾ گهڙي نئون جنم وٺڻ لڳو. چترڪار ان نئين وڻ کي ڪاغذ تي چٽيو، جنهن سندس دل ۾ جنم ورتو هو ۽ گروءَ خوش ٿي چيو: هيءُ ئي وڻ جو سچو چتر آهي. اڳ تون فوٽو گرافر هئين ۽ هاڻي چترڪار.

”تون ڳالهہ کي سمجهيو؟“

مون ڪنڌ ڌوڻي ’هائو‘ ڪئي.

ڳالهائڻ وقت سندر جو سڄو بدن ڳالهائي رهيو هو. سندس اکيون، چپ، ڳل، نرڙ سڀ ڳالهائيندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين هن هٿ مٿي هوا ۾ لوڏيو ٿي. مان هن ڏانهن ائين ڇڪجي ويس جئن چقمق لوهہ کي ڇڪيندو آهي.

”هڪ ليکڪ لاءِ سڀني تعليم ڪهڙي آهي؟“

”تون خوب پڙهہ، گهم ڦر ۽ سوچ. سدائين اندر جون اکيون کليل رک. هر هڪ انسان کي پنهنجو سچ پاڻ ڳولڻ کپي، ٻئي جو سچ سندس لاءِ ڪارگر نہ آهي. انسان ڌرم ۾ اندو تڏهن ٿيو، جڏهن سڀ هڪ ئي ڌرم کي مڃڻ لڳا. هر انسان کي پنهنجو ڌرم هئڻ گهرجي، هر انسان کي پنهنجي ڳولا ڪرڻ گهرجي.

”۽ پنهنجي دل کي به ڦولھ. تنهنجي دل ڇا ٿي چاهي، ڪيڏانهن وڃڻ ٿي چاهي، اهو ڄاڻڻ تمام ضروري آهي. ڪيترا مشهور انسان به سڄي عمر پاڻکي دوکي ۾ رکندا ايندا آهن.“

هو اُٿيو. منهنجا ٻئي هٿ پڪڙي، مرڪي چيائين، ”مان وڃان ٿو... گهڻو ڪم پيو اٿم. اسين وري گڏجنداسين. تون سوچ. پنهنجي دل کان پڇ.“

هو هليو ويو.

رات جو ٻتي وسائي جڏهن مان سمهيس، تڏهن منهنجي دل ور ور ڪري چوڻ لڳي: هو ڪير هو؟ سندس مرڪ ۾ ايترو جادو ڇو آهي؟ سندس اکين ۾ ايتري تڙپ ۽ گهرائي ڇو آهي؟ ڇو سندس بدن جو هر هڪ عضوو ڪجھ چوي ٿو؟ سندس بدن هڪ رانديگر جي بدن جيان مضبوط آهي، پر سندس دل ڪلاڪار جي آهي. سندس ڳالهائڻ هڪ راڄنيتڪ اڳواڻ جيان آهي، پر اُن ۾ نيان ڪنهن نظرئي جي جاکوڙ ۽ انسان جي آئينده ۾ ڀروسو آهي، هو دنيا جي اقتصادي حالتن کي ڦيرڻ چاهي ٿو، پر سندس دل شاعر جي آهي.

ٻاپي شايد گهڻن ڏينهن کان پيڪي ڪانه ويئي هئي، سو ههڙو موقعو پائي هوءَ به سندر سان گڏ ويئي ڪوشليا کي ڳوٺ ۾ مزو ڪونه ايندو هو، پر ماءُ جي زور ڀرڻ تي هوءَ به هفتي ڪن لاءِ ناناڻي ويئي.

دادا ڳچيءَ تائين پنهنجن ڪمن ۾ ٻڌل آهي. مون کي اڪيلو ڪلب ۾ وڃڻ نه پڄندو آهي، سو سڄو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو پيو هوس. دريءَ وٽ ويهي مون شعر لکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پنن تي لکي وري پنا ڦاڙيندو رهيس. مونکي ائين پيو لڳي ته منهنجي دل جي ستار جي ڪا تار ٽٽي پيئي آهي. سُر بيهي ئي نٿو.

ائين ڪوشش ڪندي ڪندي دل ڀرجي آئي. دل روئڻ چاهيو، پر اکين مان ڳوڙها نه ڳڙيا. دريءَ تي مٿو رکي مان ٻاهر نهارڻ لڳس.

ڳوٺ جا نظارا هڪ هڪ ٿي اکين اڳيان اچڻ لڳا. ياد آيم ته پيچري جي پر ۾ هڪ جهنگلي گل ڏسي دل ڪيئن ٽپا ڏنا هئا. ۽ اڄ هيٺ سڄو باغ قسمين قسمين سهڻن گلن سان سجايل هو، پر اُهي منهنجي من کي موهي نٿي سگهيا. ڇا منهنجي دل ٻڍي ٿي چڪي آهي؟

آخر لڙڪ آيا ئي ۽ منهنجون اکيون آليون ٿي ويئون. دري پسي پيئي. اکين وٽ روڪيل لڙڪن ۾ سهٽي بيٺي هئي. پوءِ ماستر آيو، ڳوٺ جا ڪئين نظارا آيا، شمشان آيو، ان ۾ پرندڙ چتا جو آواز ٿيو. مان روئڻ لڳس.

سندر جا لفظ منهنجن ڪنن وٽ لرزڻ لڳا. ”مان پنهنجو جيون سجايو ڪرڻ ٿو چاهيان، ٻيو ڪجهه نه. هر هڪ انسان کي پنهنجو سچ پاڻ ڳولڻ کپي، پنهنجو ڌرم پاڻ بنائڻ کپي.“

”ته منهنجو سچ ڪهڙو آهي؟ منهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟ منهنجي جيون جو مقصد ڇا آهي؟ مان هيءَ جيون ڪيئن سڪيارٿي ڪريان....؟“ مان مٿي تي هٿ رکي سوچڻ لڳس.

سندر پنهنجي ڪمري ۾ ڪي ڪتاب ڇڏي ويو هو ۽ هيٺ دادا جي لئبرري به ڪتابن سان ڀريل هئي. مون ڪيترا ڪتاب چونڊي اچي پنهنجي ميز تي رکيا. مان ڪجهه لکڻ ويهندو هوس ته دل ڪيئن سوال پڇندي هئي. سوچيندو هوس ته من ڪنير جي ڇَڪَ جيان ڦرڻ لڳندو هو، انڪري سڄو ڏينهن ڪتاب پڙهندو رهندو هوس. ڪڏهين ڪڏهين اڪيلو پنڌ نڪري پوندو آهيان. هوا کي چيري اڳتي وڌڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو اٿم. ڪڏهين صدر واري سجاتل ريسٽارنٽ ۾ وڃي ويهندو آهيان، پر اجا پليٽ اڌ خالي ڪندو آهيان ته ڪاڏي تان ارواح اُٿي ويندو اٿم. چوڏاري ويٺل فئشنبل جوڙن ۾ مان پاڻکي ڌاريو سمجهندو آهيان ۽ بل جا پئسا ڏيئي مان ٻاهر نڪري ايندو آهيان.

ڪڏهين سنيما تي به ويندو آهيان، پر انٽرويل کان وڌيڪ ويهي نه

سگهندو آهيان. انٽرويل ۾ ٻاهر نڪرڻ بعد وري واپس اندر نه ويندو آهيان ۽ گهٽين ۾ چڪر ڏيندو رهندو آهيان. ڪڏهين ڪڏهي ته لياري ڪوارٽر ۽ اُنهيءَ پاسي مزورن جي بستين ڏانهن نڪري ويندو آهيان. ائين ريل چيل گهمندي ڏاڍو مزو ايندو اٿم. ننڍڙا گدلا ٻار گند ڪچري ۾ ڪجهه ڳوليندا رهندا آهن. اڌ ننگيون عورتون جهوپڙين وٽ ڪنهن ڪرت ۾ مشغول هونديون آهن. ڪو مڪراني مزور مٿي تي بوجو کنيو ويندو آهي. رستي تي ڪک ڪانا ميڙي ٻاريل باه مٿان نڪر جا ڪنا رکيا هوندا آهن. هيءُ ئي اسانجو هندوستان آهي، اهائي ڪراچي آهي. فئشنبل بنگلن ۾ ته ٿورا ماڻهو رهن ٿا. گهڻا انسان ته هنن ٻارن جيان ئي پلجن ٿا ۽ اڌ بکيا رهي زندگي گذارين ٿا.

ڪالهه جو نظارو مونکان ڪڏهين ڪونه وسرندو. هاڻي به ياد ٿو اچيم ته دل ۾ سياڻا ٿا پون. مان هڪ رستي تان لنگهي رهيو هوس جو هڪ فقيرياڻي اچي منهنجي اڳيان بيٺي. چوڪري هئي، پر سندس ڪڇ ۾ هڪ ٻار هو. هوءَ ڪجهه گهرڻ لڳي. الائي ڇو مان فقيرن کي ڪجهه ڏيڻ نه چاهيندو آهيان. مان ڪن لاٿار ڪري اڳيان وڌڻ لڳس، جو فقيرياڻيءَ منهنجي پٺيان ايندي چيو، ”بابوجي، مين بهت بُوکي هون، اِس بچي پر ديا ڪرو.“ مان اڳيان وڌي ويس جو اوچتو هوءَ جهٽڪو ڏيئي منهنجو رستو روڪي بيهي رهي. هن ڇاتيءَ تان پراڻي چولي کولي ڇڏي، ”ديکو بابوجي، مين جوان هون، مين سب ڪجهه ڪرني ڪو تيار هون، مجهي روٽي چاهيئي.“

منهنجون اکيون مٿي کڄيون. مون زندگي ۾ پهريون دفعو هڪ جوان استريءَ جا اُبريل نشان ڏٺا. منهنجي اکين اڳيان اندڪار ڇانئجي ويو. مون اکيون هٿن سان ڍڪي ڇڏيون ۽ کيسي ۾ جيڪي هٿ ۾ آيم اُهو فقيرياڻي اڳيان اُڇلي مان پويان پير ڪري تڪڙو تڪڙو هلڻ

لڳس.

هيءَ فقيرياڻي اُن بعد مون وٽ جاڳ ۽ سپني ۾ ڪيترا دفعا آئي آهي ۽ ليلائي چوندي آهي، ”بابوجي مين بوکي هون، مجهي روٽي چاهيئي.“

اڄ آرتوار آهي. صبوح ساڻ دل ٿي چاهيو ڪيڏانهن دور هليو وڃان. ڪتاب ۽ ڪاپي کڻي مان نڪري پيس.

جڏهن مان ڪلفٽن جي واريءَ جي دڙن تي پهتس ته سج چڱو مٿي چڙهي آيو هو. واري تپي ويئي هئي پر سمنڊ جي ٿڌي ۽ گهميل هير ۾ تتل واري به وڻي پئي. مان واريءَ تي ويهي سمنڊ ۾ اُٿندڙ ۽ لهندڙ لهرن ڏانهن نهارڻ لڳس. اُنهن لهرن ڏانهن نهاريندي منهنجي منهن تي مرڪ وري آئي. لهرون ڪهڙيون نه بيپرواه آهن- بس چڙهن لهن، پيون ڪوبه ڪم ڪون اٿن! جهان ديده ماڻهو شايد کين چوي، ”اي بيوقوف لهرون، ڇو پيون پنهنجي طاقت اجائي ضايع ڪريو. ڌرتيءَ جي فتح ڪرڻ لاءِ اچو ته گڏ ٿيون پر هميشه موٽي ٿيون وڃو. هن بيوقوفيءَ جي راند مان توهان ڇا پرايو آهي؟ ڏسو، مان انسان آهيان، مان به ڏينهن رات محنت ڪريان ٿو، پر منهنجي محنت کي مقصد آهي: مان ماڙيون اَڏايان ٿو، هيرا موتي گڏ ڪريان ٿو، سئر لاءِ هوائي جهاز ٺاهيان ٿو، پوري عالم تي فتح پايان ٿو.“

ليڪن لهرون اِنسان جي اِن وڏائيءَ تي صرف مرڪي ٺهڪ ڏيو پڇي ٿيون وڃن. هو سياڻپ ۽ خودثنائيءَ مان ڪونه ڄاڻن. مان ڪيترو وقت هنن ڏانهن نهاريندو رهيس. مون سوچڻ ڇڏي ڏنو، صرف محسوس ڪرڻ لڳس. ائين واريءَ تي ويٺي هوا جا جهونڪا کائيندي مان بدن ۾ ڪتڪتائي محسوس ڪرڻ لڳس. سج وچ آڪاس ۾ پهتو هو. سمنڊ جي پاڻيءَ جو رنگ به بدلجڻ لڳو هو. رکي رکي ڪي پکي آيا ٿي ۽ لامارا ڏيئي سمنڊ جي سطح تي پهچي، وري مٿي هليا ٿي ويا. تمام

پري اُڀ ۾ ڌرتيءَ جي ميلاپ واري هنڌ تي ڪن پيڙن جا سفيد سڙه ڏيکاري ڏيئي رهيا هئا. اُهي ڌيري ڌيري دور وڃي رهيا هئا.

مان اکيون بند ڪري واريءَ تي ليٽي پيس. اُها منهنجن ڪپڙن سان راند ڪرڻ لڳي. خبر نہ آهي ڪيڏي مهل مونکي ننڊ اچي ويئي. مون هڪ سپنو ڏٺو...

هڪ راه آهي تمام لنبي- دور دور تائين هلندي پيئي وڃي. سندس ٻنهي پاسن کان ساوا ميدان آهن ڪٿي سنگن سان سجايل ٻنيون آهن تہ ڪٿي باغ آهن، جن ۾ رنگ برنگي گل هوا ۾ جهولي رهيا آهن. ڪٿي وري ميون جا وڻ آهن، جن ۾ ميوا لٽڪي رهيا آهن.

مان ان راه تان وڃي رهيو آهيان.

صبوح جو سهاوڻو سمو آهي.

ٿڌڙي هير گلن ڦلن کي جهولائي پيئي، سندن ڪنن وٽ گيت پيئي ڳائي. اوپر کان سونهري گول سورج نڪري رهيو آهي.

راه ويندي هڪ تمام سهڻو باغ آيو. ان باغ ۾ ڪيترن نمونن جا گل هئا. مان اُتي بيهي گلن ڦلن جو مزو ماڻڻ لڳس. انهن هزارين گلن ۾ هڪڙو گل هو، جو سيني کان وڌيڪ سهڻو ۽ وڏيرو هو. مان مگن ٿيجي اُن ڏانهن نهارڻ لڳس. زندگيءَ ۾ مون اڳي ڪڏهن بہ اهڙو گل نہ ڏٺو هو، نہ اُهو نالو ٻڌو هوم. اوچتو اهو گل چرڻ پرڻ لڳو ۽ سندس نازڪ پنکڙيون کلڻ لڳيون. منهنجي ڏسندي ڏسندي اُن گل مان هڪڙي ننڍڙي بيحد سهڻي ڇوڪري ٽپو ڏيئي ٻاهر آئي.

ڇوڪريءَ جو منهن بہ ان گل جيان ٽڙيل هو. ڇمڪندڙ اکين سان هن سڄ طرف نهاريو، پوءِ باغ ۾ ترندڙ گلن ڏانهن ۽ هن هڪ مٺو ٽهڪ ڏنو. پوءِ هنجي نظر مونتي پيئي ۽ هوءَ وڌي مون وٽ آئي. منهنجي پر ۾ اچي چيائين، ”تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

مون چيو، ”ڏسين ڪانہ ٿين، مان هن رستي تان وڃي رهيو آهيان-

تمام پري.“

ڇوڪري منهنجي جملي تي ڪاوڙجي ڪانه، مرڪي چيائين، ”ڏاڍو بهادر ڇوڪرو آهين، پر ڪجھ دير هتي ترسندين؟ اڄ ٿوري راند ڪريون.“ مون راه ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ اُن سندر بالڪ ڏانهن. ان راه ڪان مونکي هيءَ بالڪ وڌيڪ وڻي. مون چيو، ”ڇا سان راند ڪندينءِ؟“

هوءَ پهڻ ۽ ٺڪريون ميڙي آئي ۽ باغ جي وچ ۾ اسين راند ڪرڻ لڳاسين. اڃا اسانجي راند متي ئي ڪانه هئي ۽ نه هار جيت جو فيصلو ٿيو هو جو هڪ راڪاس جهڙو ٿلهو مرد هٿ ۾ ٺوڪري ڪٺي باغ ۾ گل پٽڻ آيو. هوءَ بيپرواهيءَ سان گلن کي پٽي ٺوڪريءَ ۾ وجهڻ لڳو. بارڙي جو چهرو مرجهائجي ويو. هن ڏک ڀريءَ نظر سان اُن راڪاس ڏانهن نهاريو ۽ راند ۾ من لڳائڻ جي اجائي ڪوشش ڪرڻ لڳي. اوچتو اُهو راڪاس ان گل وٽ پهتو، جنهن مان بارڙي نڪتي هئي. بارڙي ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي. هوءَ ڊڪندي اُن بوٽي وٽ پهتي ۽ اُن راڪاس کي ليلائي چوڻ لڳي، ”مهرباني ڪري هن گل کي نه پٽ، هن گل ۾ منهنجو ساھ آهي.“ ديو مڙس ڏند ڪڍي کلندي چيو، ”پڳلي ڇوڪري! توکي خبر نه آهي ته هي گل راجا جي مالها ۾ پوندا. باغ جو سهڻي ۾ سهڻو گل ان ۾ نه هجي ته مالها ڪيئن سونهندي!“ راڪاس پنهنجي ٿلهي ٻانهن وڌائي ۽ ڪاري هٿ سان گل ڇني ورتائين. مون ڏٺو پل ۾ ئي اها سهڻي بالڪا، جا گل مان پيدا ٿي هئي، سان گم ٿي ويئي.

مان ڪيترو وقت انهن ٺڪرين ۽ پهڻين ڏانهن نهاريندو رهيس، جن سان اسان راند ڪئي هئي. پوءِ مون اهي ميڙي پنهنجي جهول ۾ وڌا ۽ راه تان اڳتي هلڻ لڳس.

ٿورو دور ويس ته مونکي بک لڳي ۽ پيٽ ۾ ڪوئا ڊڪڻ لڳم.

جهول ۾ ڪجهہ ڪونہ هوم، انڪري چؤطرف نهارڻ لڳس. هڪ ٻني ڏنم، جنهنجي وچ ۾ هڪ ننڍي جهوپڙي هئي. جهوپڙيءَ جي پاسي ۾ هڪ کوهہ هو، جتان هڪ پير مرد پاڻي ڪڍي ٻنيءَ کي ڏيئي رهيو هو. مان ويجهو پهتس تہ پير مرد مون ڏانهن نهاريو. هٿ لوڏي چيائين، ”ٻاءُ، ڏاڍو ٿڪل آهين. اچ، اچي ٿورو آرام ڪر.“

ٻڍي جو سڪ ڀريل آواز ٻڌي مون هٿن سان پاڻي پيئڻ لاءِ ٻڪ ٺاهيو، پر پير مرد مرڪي چيو، ”نہ، ائين نہ، پهرين ٿورو پيٽ ڀر. خالي پيٽ تي پاڻي پيئڻ سٺو نہ آهي.“ هو مونکي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وٺي هليو. اُتي هڪ ٻڍي ڍوڍو پچائي رهي هئي. هن ڍوڍو ۽ ساڳ پائي اسانکي ڏنو ۽ پاڻ بہ کاڌائين. ماني کائي مون پاڻي پيتو ۽ راهہ پڪڙڻ لاءِ اُٿيس. ٻڍي ۽ ٻڍيءَ آسيس ڪندي چيو: شل پنهنجي منزل تي جلد پهچين. مون ٻڍي ڏانهن نهاريندي چيو: ڇا توهان هت اڪيلا رهندا آهيو؟ ٻڍي ڪنڌ ڌوڻي ”هائو“ ڪئي. مون چؤطرف نهاريو. چڱي وڏي ٻني هئي. اُن سڄيءَ کي ٻڍو پاڻي ڏيئي رهيو هو ۽ ٻج پوکي رهيو هو. مون چيو: توهانکي تہ هيتري اناج جي ضرورت ڪانہ آهي ۽ توهان ٻڍا بہ آهيو. پوءِ هيتري محنت ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟

ٻڍي مرڪي چيو، ”ابا، هن رستي تان روز پيا واٽهڙو لنگهن، تن کي بہ تہ پيٽ لاءِ ڪجهہ کپي، ماني ٽڪر کائي، پاڻي پي هو اڳتي وڌندا آهن.

مون هٿ ٻڌي ٻڍيءَ کي پرنام ڪري پير کنيو. هلندي هلندي ڏينهن جا پهر ختم ٿيڻ لڳا. سج بہ اولهہ طرف لهي رهيو هو. مون سوچيو: رات ڪاٽڻ لاءِ ڪٿي جڳهہ ملي وڃي تہ صبوح جو وري پنڌ پئبو. ائين سوچيندي مان ڪجهہ اڳتي وڌيس تہ سامهون رنگبرنگي وڏيون ڀتيون ڏسڻ ۾ آيون. ويجهو وڃڻ سان معلوم ٿيو تہ هڪ سهڻو

محل هو. مون در وٽ سنتريءَ کي وڃي چيو ”ڇا، مونکي هڪ رات ڪاٽڻ لاءِ اجهو ملندو؟

سنتريءَ هڪ نوڙيءَ کي ڇڪيو ۽ اندران هڪ دربان ڊڪندو آيو. ڪنڌ جهڪائي مونکي پنهنجي پٺيان هلڻ لاءِ اشارو ڪيائين.

محلات ۾ اندر گهڙڻ سان منهنجون اکيون ڇرخ ٿي ويون. ٻاهر رستي تي اونده هئي، ليڪن اندر هر طرف بتيون ٻري رهيون هيون. باغ ۾ گل ڦل به بتين جيان چمڪي رهيا هئا. ندين ۽ آبشارن ۾ پاڻي به هيرن موتين جيان تجلا ڏيئي رهيو هو. دربان مونکي هڪ ڪمري ۾ وٺي هليو جو تمام عاليشان نموني سينگاريل هو. چانديءَ جو پلنگ، عاج جا ڪوچ ۽ ڪرسيون چوطرف وڏيون آرسيون ۽ اطلس جا پڙدا هئا هڪ نوڪرياڻي ريشمي ڪپڙا کڻي آئي ۽ منهنجي سامهون رکي چيائين، ”سنان ڪري هيءُ ڪپڙا پائي راڻيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سندس حڪم آهي ته رات جو ڪانو توهان ساڻس گڏ کائو.“

سنان جاءِ ۾ هڪ تلاءُ هو جو سڄو گلاب جي خوشبوءَ دار پاڻيءَ سان ڀريل هو. بدن ۾ تازگي آئي ۽ ريشمي ڪپڙا ۽ بخمل جي جتي پائي مان دربان جي پٺيان هليس. راڻي پنهنجي تخت تي براجمان هئي، تمام مغرور ۽ سهڻي. هن مونڏي ڇتائي نهاريو ۽ پوءِ پنهنجو هٿ وڌايائين. مون رواج مطابق سندس هٿ کي پنهنجي نرڙ سان لڳايو. هوءَ مونکي ڪاڌي جي ڪمري ۾ وٺي هلي، چانديءَ ۽ سوني جي باسڻن ۾ قسمين قسمين طعام رکيا هئا. اسين کائڻ ويٺاسين ۽ اٺ ڏهه نوڪرياڻيون اسانجي شيوا ۾ حاضر هيون. قسمين قسمين جا شراب هئا. پنجويهن ٽيهن نمونن جا تازا ميوا هئا. بک ڪري اُهي مونکي وڻڻ لڳا. شڪر گذاريءَ ڀريل نيڻن سان مون راڻيءَ ڏانهن نهاريو. هن ننيڙو ٺهڪ ڏنو. هن بعد ناچ ٿيندو. تنهنجي رات سٺي گذرندي، راجڪمارا!“ راجڪمار جو لفظ ٻڌي مون ڇرڪ ڀريو. پر سوچيم، شايد ائين سڏڻ هتي جو رواج

هجي.

مانيءَ بعد هڪ وڏي هال ۾ مان راڻيءَ جي پاسي ۾ ويٺو هوس. سامهون ڇوڪريون ناچ ڪري رهيون هيون. اڌ رات تائين راڳ ۽ ناچ جي محفل جاري رهي. راڻيءَ مشڪي مون ڏانهن نهاريو ۽ مغروريءَ ۾ سر کي اوچو ڪيائين. سندس ڊگهي ڳچيءَ ۾ هيرن جواهرن جا هار چمڪڻ لڳا. مان دربان سان گڏ پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. ريشمي ۽ نرم بستري تي مون اُن رات تمام سٺي ننڊ ڪئي.

صبوح جو اُٿي مون پنهنجو غريباڻو ٿمر سهيڙيو. پنهنجا پراڻا ڪپڙا ڪٽي مان ٻاهر نڪرڻ تي هوس جو دربان اچي چيو، "راڻي صاحبہ توهانکي سڏي رهي آهي."

راڻي هڪ شاهي پلنگ تي ويٺي هئي. سندس ڳچيءَ ۾ نؤ لکو هار چمڪي رهيو هو. هن عجب ۾ چيو، "تون وڃين ٿو. هت تہ جيڪو ايندو آهي سو هيءُ آرام ڇڏڻ نہ چاهيندو آهي."

"مونکي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻو آهي."

"مون سوچيو هو تہ تون ڪجهہ ڏينهن رهندين. مان اچا بہ توکي نينڊ ٿي ڏيان تہ تون ڪجهہ ڏينهن هتي رهہ. ڇا توکي رات وارو ناچ پسند نہ آيو؟"

"پسند آيو، ليڪن مونکي راه سڏي رهي آهي."

مون پنهنجو سامان کنيو ۽ چؤطرف نهاريم. منهجي نگاه اڱڻ طرف ويئي، جتي رات رنگبرنگي گل ڦل ڏٺا هئم. اُتي هينئر گل هٿا ئي ڪونہ ۽ نہ نديون ۽ آبشار هئا. مون عجب ۾ راڻيءَ طرف نهاريندي چيو، "رات مون هتي هڪ باغ ڏٺو، نهر ڏٺي......"

راڻيءَ مشڪي چيو، "هن بيابان ۾ باغ ۽ نديون ڪٿان آيا. اِهو سڀ طلسم هو، ٻتين جي زور تي رچايل ڪرشمو هو. جي اهو توکي پسند هجي تہ هتي، رهہ، پوءِ مان توکي خوب هيرا جواهر سوکڙين طور

ڏينديس.“

ليڪن مون پنهنجو سامان کنيو ۽ محلات کان ٻاهر نڪري آيس.

اِتي منهنجو سپنو ٽٽي پيو ۽ ننڊ مان جاڳ ٿي. اکيون کوليم مون ڏٺو ته شام ٿي چڪي هئي. آرتوار سبب سمنڊ جي ڪناري تي ڪيترا گهمندڙ اچي گڏيا هئا. ٻارن به خوب گوڙ مچايو هو. مان اُٿي ويٺس. ٿورو دور ڪي برقعي پوش عورتون پنهنجا ڪارا برقعا ڪجهه مٿي ڪري پنهنجا پير پاڻيءَ ۾ پسائي رهيون هيون. سندن پير ۽ ٽنگون تمام اڇيون هيون. هو پاڻ به سهڻيون هونديون، پر هنن پنهنجي سونهن برقعي ۾ لڪائي ڇڏي هئي.

هڪ ٻار جو ڦوڪڻو اُڏامي اچي منهنجي مٿان پيو. ٻار ڊڪندو مون وٽ آيو. شايد برقعي پوش عورتن جي ئي ڪا ڇوڪري هئي. مون مرڪي ڦوڪڻو ٻار کي واپس ڏنو ۽ دل ۾ چيم، ”هينئر راند ڪري وٺ، وڏي هوندي شايد توکي به برقعو پائڻو پوي.“

ڇوڪري مرڪي ويئي هلي. مان پنهنجي سپني تي عجب کائيندو گهر ڏانهن موٽيس.

# ڏهه

اڄ ڏهن ڏينهن بعد ڪوشليا واپس آئي. پاپي اُتيئي رهي. سندر ڳوٺ مان ئي سنڌ جي گشت تي هليو ويو هو. ڪوشليا منهنجي ڪمري ۾ گهڙندي چيو، ”اڙي توکي ڇا ٿي ويو آهي، ههڙو لهي ڇو ويو آهين؟“

مون کلندي چيو، ”ڪجهه نه، ههڙو موٽو ته بيٺو آهيان.“

”ڇا توکي نوڪرن پوري وقت تي ماني کاڌ تي ڏني.“

”نه ڪوشي، نوڪرن ڪي ڏوه نه ڏي. منهنجو سريرئي اهڙو آهي، ٿورو ويچار ڪرڻ سان ئي جهريو پوي.“

هن الائي ڇا سمجهيو. هن شايد سوچيو ته سندس ڳوٺ ۾ هيترا ڏينهن لڳائڻ ڪري مان رنو آهيان. سانجهيءَ جو هوءَ بزار مان ڪيترا بنڊل پڌائي وٺي آئي. پنهنجي لاءِ ساڙهيون، بلائوز، لپسٽڪ، پائوڊر، ڪانٽا ربينون وغيره- الائي ڇا ڇا وٺي آئي هئي. منهنجي لاءِ به هن ڪجهه آندو- ٻه ريشمي آميريڪن قميصون هيون ۽ ٻه رنگين نيڪ ٽايون. هنکي خبر هئي ته مان نيڪ ٽاءِ ڪونه پائيندو هوس، پر هن منهنجي ڇاتيءَ تي هڪ نيڪ ٽاءِ رکي چيو، ڏس، ڪهڙي سٺي ٿي لڳيئي!“

”ليڪن توکي ته خبر آهي ڪوشي، ته مان نيڪ تاءِ ڪونه پائيندو آهيان.“

”پر سياٽي پاٽي پوندءِ. سياٽي ڪلب ۾ منهنجي ڊانس آهي. سوين ماڻهو ايندا، توکي به نهي جڙي هلڻو پوندو.“

مون ضد ڪندي چيو، ”ليڪن مان ڪو گڏو ڪونه آهيان جو سينگار ڪري هلان، نه ڪوشي، مونکان اهو ڪم نه ٿيندو.“

ڪوشي ڪجهه دير مونڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ منهنجي ڇاتيءَ تي پنهنجو مٿو رکي چيائين، ”منهنجي لاءِ به نه؟ ڇا منهنجي لاءِ هيءَ ننڍي ڳالهه به مڃي نٿو سگهين؟“

اِهو الائي نخرو هو يا ساپيا، پر ڪوشيءَ جو آواز ڳوڙهو هو. شايد مان دل جو تمام ڪمزور آهيان. مان سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائي ڪيس دلداري ڏيڻ لڳس.

ڇن ڇن... ڇن.... ٽپ... ٽپ.... ٽپ... منهنجي دل اڄ وري مست بڻجي جهولي رهي آهي. ڪوشي اسٽيج تي نچي رهي آهي. سڄو حال ماڻهن سان سٽيل آهي. ڪوشيءَ جو ههڙو سنو ناچ مون اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. ماڻهو وچ وچ ۾ تاڙيون وڄائي رهيا هئا. مونکي وچ پروگرام ۾ تاڙيون سدائين خراب لڳنديون آهن. پروگرام اهڙو هجي جو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ هيءَ دنيا وساري ڇڏي... ڪلا جي خمار واري دنيا ۾ پهچي وڃي، پاڻکي وساري ڇڏي.

مان سوچڻ لڳو هوس- اگر ڪوشي هيئن سڄي عمر نچندي رهي ته مان ڪيس ڪيترو نه پيار ڪريان. پر هوءَ ناچ کي صرف وندر ڪري سمجهندي آهي. جڏهن به مان ناچ جي ڳالهه ڪيندو آهيان ته هوءَ بگڙجي چوندي آهي، ”تون سدائين ناچ کي ياد ٿو ڪرين. ڇا ڪوشليا تو لاءِ زنده نه آهي؟ شيام، مان ڪوشليا آهيان- ڊانس ته سوسائٽيءَ ۾ سرخرو ٿيڻ جو جتن آهي.“

ايتري ۾ ناچ پورو ٿيو. سڄو حال تاڙين سان گونجي اُٿيو. ڪوشي مرڪندي هٿ جوڙيندي، وڏين اکين مان شڪرگذاريءَ جو آب اوتيندي اسٽيج تان وڃڻ لڳي. هوءَ تمام سندر، من- موهڪ لڳي رهي هئي.

مان ڪوشليا کي واڌايون ڏيڻ لاءِ اسٽيج پٺيان ويس پر مونکان اڳ گهڻيئي جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اُتي پهچي چڪا هئا. ڇوڪريون ريشمي ڪپڙن ۾ ويڙهيل ۽ گڏين جيان سينگاريل ڳالهائيندڙ ٻليون پئي لڳيون. ڇوڪرن جي هٿن ۾ سگريٽن جا دٻا هئا، سندن وارن مان سرهاڻ اچي رهي هئي. هو سڀ انگريزيءَ ۾ ڳالهائي ڪوشيءَ کي واڌايون ڏيئي رهيا هئا. پر مونکي پڪ هئي ته هو شيڪسپيئر جي پنجن سٽن کي به سمجهي نه سگهن ها. هو انگريزي انڪري ڪونه ڳالهائي رهيا هئا ڇاڪاڻ ته هو انگريزيءَ ۾ ماهر هئا، پر ڇاڪاڻ ته اهو اُن وقت جو فئشن هو.

ڪوشليا خوش ٿي هٿ هٿ ۾ ملائي هنن سان ڳالهائي رهي هئي- هيءُ ڪوشليا جو ٻيو روپ هو. ايڏان ڪيس نرتيه- ناريءَ جو لباس پيل هو، پر هوءَ نرتيه ڪار نه هئي- هوءَ ڪلب جي ميمبر، هڪ رواجي ڇوڪري ٿي جا پنهنجي ساراه ٻڌي گد گد ٿي رهي هئي.

مان ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي ڪنڌ ۾ بيٺو هوس. ڪيتري دير بعد هوءَ منهنجي پرسان لنگهي ته هن منهنجا ٻئي هٿ پڪڙي چيو، ”ڪيئن شيام، توکي ناچ وڻيو؟“ ڪوشليا بيحد خوش هئي ان رات. مون مرڪي چيو، ”ها ڪوشي، خوب وڻيو.“

اسين وڏي هال ۾ پهتاسين، جتي پارٽيءَ جو بندوبست ٿيل هو. سڄو هال بتين جي روشنيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. چوطرف زالن ۽ مردن جا مليل ٽهڪ ۽ سگريٽن جو دونهو پاڻ ۾ دوستي ڳنڍي رهيا هئا. رکي رکي چرين ۽ ڪانٽن جو پليٽن سان ٽڪرجڻ جو آواز ٿي آيو.

ڪوشي ۽ مان هڪ ميز تي ويٺا هئاسين. اجا پنج اَٺ منٽ ئي مس گذريا جو ڪي جوان آيا ۽ ڪوشي کي گهيري ويا. آخر ڪوشيءَ کي اُٿي هنن سان گڏ وڃڻو ئي پيو. ڪوشي اُن رات جي هيروئن هئي. هوءَ جتان به لنگهي ٿي اُتي تاڙين جو ڦهڪو ٿي پيو. سيني ساڻس هٿ ملائڻ ٿي چاهيو. ڇوڪريون ۽ زالون مٿس حسد ڪري رهيون، پر مونکي سڀ نقلي لڳي رهيو هو. جڏهن جيتري دير تائين ڪوشي واپس نه آئي ته مان اُٿي ڪڙو ٿيس ۽ حال مان نڪري ٻاهر بالڪنيءَ ۾ وڃي ويٺس.

بالڪنيءَ ۾ سانت هئي، صرف رکي رکي ٺهڪن جو آواز اُتي پهتو ٿي. تارا چمڪي رهيا هئا. سڄو شهر اونده ۾ ويڙهيل هو.

مان پٽ تي ويهي رهيس. جوان فقيرياڻي ڇاتي کولي منهنجي سامهون آئي ۽ ٻاڏائي چوڻ لڳي: مان بکي آهيان، مان بکي آهيان. سهڻي منهنجي پير ۾ ويهي پکين جي راند ڏسي رهي هئي. سندس پهراڻ تي ڪئين چتيون لڳل هيون. هوءَ اونده ۾ گم ٿي ويئي، زمين ۾ پيهي ويئي. سائين نورالله شيليءَ جو اهو ٽڪر پڙهي رهيو هو:

"مان وچن ٿو ڪريان ته مان پنهنجي طاقت آهر سچار، سياڻو ۽ پاڻ وهيڻو ٿيندس. مان وچن ٿو ڪريان ته پنهجي خاموشيءَ سان به مان ظالمن، خود مطلبين ۽ طاقت وارن جو طرف نه وٺندس. مان وچن ٿو ڪريان ته مان سڄي زندگي سونهن جي شيوا لاءِ ارپي ڇڏيندس."

مون اهو ٽڪر ڪئين دفعا پڙهيو هو ۽ دل ۾ دهرايو هو، ليڪن اڄ مان ڪٿي ويٺو هوس؟ ڇا ڪلب ۾ ويٺل زالون ۽ مرد ئي اُهي انسان آهن، جن جي ڳولا ۾ مان ڳوٺ ڇڏي هتي شهر ۾ آيو هوس. ڇا هي اِنسان ئي نئين سنڌ جا اَڏيندڙ ٿيندا؟ هي اِنسان ئي منهنجا ساٿي آهن جن زندگيءَ ۾ ڪپڙي ۽ ڪاڏي ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ڳالهه تي سوچيو ئي ڪونهي؟ ڇا مان خود بدلجي ويو آهيان؟ ڇا مان ٻڌي

رهيو آهيان؟

آڪاس مان هڪ تارو ٽٽو ۽ ٽڪرو ٽڪرو ٿي هڪ پاسي ڪرندو ويو. منهنجو من ڪنبي اٿيو. ڇا مان هڪ ڪريل تارو هوس؟ مون پٽ تان مٽيءَ لپ کڻي لاءِ هيٺ نهاريو، ليڪن اُتي مٽي هئي ڪٿي! اُتي تہ چلڪندڙ ڌوتل فرش هو. مٽيءَ جي خوشبوءِ، ڌرتيءَ جي خوشبوءِ مونکي، سهارو ڏيندي آئي هئي. اُها مونکي تمام پياري هئي، ليڪن اڄ هتي اُها ڪانہ هئي.

مان ڳولڻ چاهيان ٿو اُنهن اِنسانن کي جي مٽيءَ جا پوڄاري آهن. جيڪي پنهنجون زندگيون چني نہ ڇاڻن پر پنهنجي زندگيءَ ڏئي ڇاڻن. اُهي اِنسان مونکي ڪٿي ملندا؟ مان هنن جي ڪٿي ڳولها ڪريان؟

اُن وقت پٺيان هڪ تيز ۽ تلخ آواز آيو، "شيام!"

مون پٺيان نهاريو. ڪوشي بيٺي هئي.نرتيہ واري پوشاڪ ۾ هوءَ اُنوقت هڪ راڻيءَ مثل لڳي رهي هئي. پر ڇا ائڪٽر کي بادشاه جي پوشاڪ ۾ ڏسي بادشاه سمجهڻ ڀل نہ آهي؟

"مان توکي ڳوليندي سڄي ڪلب ڀٽڪي آهيان. هِهڙي موقعي تي هِهڙو رخ سهائي ٿو تو کي؟"

مان ڪو جواب نہ ڏيئي سگهيس. مان پنهنجن خوابن ۾ هوس. ڪوشيءَ جي منهن تي خوشي هئي، فتحيابيءَ جو غرور هو ۽ آتم-وشواس هو. "سيپئي منهنجي ساراه جا گيت ڳائي رهيا آهن ۽ توکي شايد اهو پسند نہ آهي. تون ڀڄي هتي اچي لڪو آهين."

مون چيو، "ڪوشي، اها ڪهڙي فتحيابي آهي؟ هي اِنسان تہ هر سندر ڇوڪريءَ جي ساراه جا گيت ڳائيندا آهن. هو ڪلا کي ڇا ڇاڻن. مان تہ ڪين اِنسان ميڄڻ کان بہ عاري آهيان. هو جانور آهن، جن اِنسان جو سانگ پاتو آهي. هو زنده آهن ڇاڪاڻ تہ ٻيا اِنسان محنت

ڪري سندن زندگيءَ جون سڀ ضرورتون پوريون ڪن ٿا. هڪ ڏينهن جادوءَ سان سندن نوڪر، سندن بورچي ۽ درزي ۽ ٽجوڙين مان نوٽ گم ٿي وڃن ته ڇا هو انسان رهندا؟ هو اُگھاڙا جانور بڻجي ويندا، جنکي پتو به ڪونه پوندو ته ڪيڏانهن وڃجي، ڇا ڪجي؟“

ڪوشيءَ ڪجھه خفي ۾ ڪجھه دک مان چيو، ”تون هي سڀ ڇا چئي رهيو آهين؟“

”اڄ منهنجي دل روئي رهي آهي، ڪوشي پاڏائي رهي آهي. ننڍي هوندي مون قسم کاڌو هو ته مان اُهو ڪي ڪندس جنهن سان اسانجي سنڌ سهڻي ۽ سکي ٿيندي. مان اُنهن انسانن جي ڳولها ۾ ڪراچيءَ آيس جنجو اهو ساڳيو مقصد هجي. ليڪن اڄ مان ڪٿي وينو آهيان؟ هي سگريٽن جو دونهون ۽ ڪوڪلا ٿهڪ منهنجي من کي منجهائي رهيا آهن. ڪوشي!“

ڪوشيءَ چيو، ”پر شيام، ڇا اِها تنهنجي خودغرضي نه آهي؟ جيڪا ڳالھه تون پسند ڪرين ٿو سا ٻين کان به ڪرائڻ چاهين ٿو، ۽ جا ڳالھه ٻيا پسند ڪن ٿا اها تون ڪرڻ نه ٿو چاهين. مون پنهنجي ساهيڙين اڳيان تنهنجي ڏاڍي ساراه ڪئي هئي ته تون شاعر آهين، ڪهاڻيون ٻڌائي ڄاڻين. پر جڏهن به هو توسان ڳالهائڻ چاهين ته تون منهن موڙي وڃين. اهو ڪهڙي سڀيه سماج جو وهنوار آهي؟ مان اهو سڀ بيعزتي سهندي رهيس، اِن اُميد ۾ ته هڪ ڏينهن تون هن سڀيه سماج جا نيم سمجهندين.“

”مون خوب ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيس. اُبتو هلڻ سان اِنسان دک پائي نه سگھندو آهي ۽ اڪثر نوڪر ئي ڪائيندو آهي. مان به پنهنجي سياءَ جي اُبتڙ هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.“

اُن وقت بالڪنيءَ ۾ ٻيا به ڪي آيا. ڪوشليا منهنجي ويجهو اچي چيو، ”هل ته هلون.“

اڌ رات گذري چڪي هئي، جڏهن اسين اُٿان هلياسين. ڪوشليا موٽر هلائي رهي هئي. رستي تي ڪنهن به ڪونه ڳالهايو، ٻئي پنهنجن خيالن ۾ غرق هئاسين. جڏهن اسين گهر جي ڏاڪڻ چڙهي رهيا هئاسين ته مون چيو، ”ڪوشليا، ٻه منٽ منهنجي ڪمري ۾ ايندينءِ؟“

ڪوشليا بنا ڪجهه چوڻ جي منهنجي ڪمري ۾ آئي. هوءَ پلنگ تي اچي ويٺي ۽ مان سندس پير ۾. ڪيترو وقت سانت هئي. مون ڇا چوڻ چاهيو ٿي اها پروڙ ڪانه هئم، پر منهنجي دل لفظ ڳولهي رهي هئي. آخر مون چيو، ”ڪوشي!“

الائي ڇو، منهنجي آواز ۾ ميناج تمام گهٽو هو ۽ درد پڻ هو.

ڪوشيءَ به اکيون مٿي ڪيون.

”مان ائين پيو سمجهان ته مان هڪ قيد ۾ آهيان، مان آزاد ٿيڻ چاهيان ٿو.“

”مون سمجهيو.“ ڪوشيءَ اُٿندي چيو، ” تون آزاد آهين.“ هن ڪمري مان ٻاهر ويندي چيو.

هوءَ وري موٽي آئي ۽ منهنجي ايترو ته نزديڪ اچي بيٺي جو مان سندس حواسن جو آواز ٻڌي رهيو هوس. ”مونکي غلط نه سمجهجانءِ، شيام! پر مان لوڀڻ آهيان. مون جيڪي ننڍيون ننڍيون شيون زندگيءَ ۾ گڏ ڪيون آهن تنکي اُڇلي نه ٿي سگهان.“ هن پنهنجي چوٽيءَ مان ٻه گل لاٿا ۽ منهنجي هٿ تي رکيائين. ”اُٿ، مونکي منهنجي ڪمري تائين ڇڏي اچ.“

ڪوشليا جي ڪمري وٽ پهچي اوچتو مون چيو، ”ترس“ ۽ پنهنجي هٿ وارن گلن مان هڪ گل کڻي ڪوشليا جي چوٽيءَ ۾ اٽڪايم.

مان پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ته گهڙيال ٻن جا ٺڪاءَ هنيا.

# دنيا

# ٻـارهن

اُن ڏينهن بعد شيام ڊائري ڪانه لکي. ٻه ڏينهن پوءِ شيام گوبندرام جي آفيس واري ڪمري ۾ ويو. اُنوقت گوبندرام جي سامهون سادن ڪپڙن هڪ وچولي درجي جي عورت ويٺي هئي. شيام هڪ طرف ويهي ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. هيءَ زال گوبندرام جي گاڏي ڪاتي واريءَ جاءِ جي هڪ فلئٽ ۾ مسواڙ تي رهندي هئي. ڪجهه مهينا ٿيا جو سندس مڙس گذاري ويو هو ۽ هوءَ ڪن مهينن جي مسواڙ ڀري نه سگهي هئي. هوءَ گوبندرام کي وينتي ڪرڻ آئي هئي ته ڪيس ڪجهه مهينن جي وڌيڪ مهلت ڏئي.

پر گوبندرام نه جو اکر واري ويٺو هو. سچي ڳالهه اها هئي ته اُنوقت مسواڙون وڌيل هيون ۽ جيڪڏهن هيءَ زال گهر خالي ڪري ها ته ٻئي مسواڙيءَ وٽان گوبندرام کي ڏهه پندرهن روپيه وڌيڪ مسواڙ ملي ها. ۽ ڪهڙي پڪ هئي ته هيءَ زال اڳتي هلي ٻه مسواڙ ڀري سگهندي. زال آخر نراس ٿي اُٿي هلي وئي.

زال جي وڃڻ بعد گوبندرام شيام ڏانهن منهن ڪري چيو، ”چئه، شيام!“

شيام ڪجهه هٽڪندي چيو، ”مون خيال ڪيو آهي ته مان هاسٽل ۾ وڃي رهان.“

”چو، ڇاجي ڪري؟“

”ائين ئي. هتي ايترو پڙهڻ نٿو ٿئي. ۽ هاسٽل ڪاليج جي ويجهو پڻ آهي.“

گوبندرام شيام کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو دنيا ديده ماڻهو هو ۽ جلدئي سمجهي ويو ته شيام پڪو ارادو ڪري آيو آهي. سچ ته شيام هاسٽل ۾ بندوبست به ڪري آيو هو. گوبندرام جون به هينئر شيام ۾ اُهي اُميدون ڪونه رهيون هيون، جيڪي پهرين هن ۾ رکيون. تڏهين به شيام ڪافي پسند هوس. هن لاچار ٿي شيام کي موڪل ڏني، پر تاڪيد ڪيائينس ته جلد جلد منهن ڏيکاريندو ڪج ۽ جڏهن به چاهين تڏهين وري اچي گهر ۾ رهج.

هڪ ننڍي ڪمري جي دريءَ وٽ ويٺو شيام اڪثر ڪجهه سوچيندو رهندو هو. دريءَ مان هو ڏسندو هو ته سڀ ڇوڪرا پاڻ ۾ جهنڊ ٺاهي پيا کيلين ۽ محفلون ڪن. پاڻ ئي هو جو اڪيلو هوندو هو. هونءَ به شيام ڪاليج ۾ دوست تمام ٿورا ڪيا هئا. ڪي ته کيس مغرور به سمجهندا هئا.

شيام جي دل ۾ ڪيترا سوال جاڳيا هئا، جن جا جواب هو پائي نه سگهيو هو. ڪوشليا کي ته هو ڇٽي آيو هو ته پاڻ هيءُ ننڍو جيون سجايو ڪرڻ ٿو چاهي، پر اُهو سجايو ڪيئن ڪري؟ هن زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ اسين هن دنيا ۾ ڇو آيا آهيون؟ هيءَ سڀ ڪنهنجي راند آهي؟ وقت ڇا آهي؟ اسين پيدا ٿي مري ڇو ٿا وڃون؟ مرڻ بعد ڪيڏانهن ٿا وڃون؟

هر سوال جي جواب پٺيان ٻيو سوال ڳنڍيل هوندو هو ۽ ائين سوالن جوابن جي ڪا پڄاڙي ڪانه هئي. شيام ڪڪ ٿي اکيون بند ڪري آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پوندو هو يا ڪاليج جا ڪتاب هڪ طرف ڦٽا ڪري اڪيلو پنڌ نڪري پوندو هو- ڪڏهين ڪلفٽن ڏانهن، ڪڏهين لورس برج لتاڙي سمنڊ ڪناري هليو ويندو هو. ڪڏهين وري ائين ئي گهٽيون ڪڇيندو رهندو هو. ڪڏهين اڌ رات

جو اُتي انگريزي شعرن جو ڪو ڪتاب ڪڍي پڙهندو هو ۽ پڙهندي پڙهندي ننڊ اچي ويندي هئس. پر جڏهين به پنهنجو شعر لکڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته پنهنجي تن ستن ڪان وڌيڪ لکي نه سگهندو هو. سندس خيال ۽ جذبا چٽيل پن وانگر هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي ويندا هئا.

ڳوٺ مان ڪڏهين ڪڏهين خط ايندا هئس. سائين نُورالله اسڪول جي نوڪري ڇڏي ڏني هئي ۽ هاڻي پر واري ڳوٺ ۾ بالغ هارين کي وڻ هيٺان پاڙهيندو هو. سندس مالي حالت خراب هئي، انڪري شيام پنهنجي هٿ خرچيءَ مان هر مهيني ويهه روپيه کيس موڪليندو هو.

سندس پيءُ جو دندو ڪافي وڌيو هو. سچي تر ۾ هاڻي هن جهڙي آسامي ڪانه هئي. هن پيو باغ به ورتو هو ۽ زميندار ڪان قرض عيوض کي پنيون به مليون هئس.

هڪ ڏينهن شيام جيئن ڪاليج ڪان موٽيو، تيئن پٽ تي هڪ لفافو پيل ڏٺائين گهران هميشه پوسٽ ڪارڊ ايندا هئا، سو لفافو کٽنديئي الائي ڇو هٿ ڏڪڻ لڳس. خط پڙهنديئي هنجي منهن تي هيڊ هارجي ويئي- ساوتريءَ جو گهوٽ گذاري ويو هو.

اُن رات شيام پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو: ”منهنجي ڀيڻ، توکي زندگيءَ مان ڇا مليو؟ ڪجهه به نه. تون راند ڪرڻ جيڏي ٿيڻءَ مس جو سماج توکي گهر جي چوديواريءَ اندر بند ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ڏينهن توکان پڇڻ بنا توکي ڳوڻ ۾ بند ڪري اُن گهر ۾ موڪلي ڇڏيو، جتي ڪير به تنهنجو ڄاڻل سڃاتل ڪونه هو ۽ نه ڪنهن توکي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. تون ڇڻ ڪا ڳانءِ هئينءَ جنهن مان ڪير ڏهٽو هو ۽ کيس ڪاڏو ڪارائٽو هو.

”پر انلاءِ ذميوار ڪير آهي؟ سماج، ۽ تنهنجو ماءُ پيءُ پڻ. هنن ڪڏهين به گنڀيرتا سان اهو ڪونه سوچيو ته تون به هڪ انسان آهين ۽ توکي پنهنجو رايو رکڻ جو حق آهي. صدين ڪان عورت کي هڪ خريد و فروخت جي شيءِ سمجهيو پئي ويو آهي. شايد هڪ بي ضروري چيز، جنهنجو ڪو ملهه ڪونهي.

۽ ساوتريءَ جو آئيندو؟ هنجو ڪوبہ آئيندو ڪونهي. هوءَ جيئري ئي مري ويئي. ڪيس زنده رهڻ جو حق آهي، پر زندگي ماڻڻ جو نہ. هوءَ ڪنهن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ويهي پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن ڳڻيندي رهندي هوءَ وري شادي ڪري نٿي سگهي،... انلاءِ جيڪي سماجڪ بندڻ آهن. تنڪي ساوتريءَ جهڙي عورت ٽوڙي نَٿي سگهي. هوءَ ڪمائي پنهنجي پيرن تي بہ بيهي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو هوءَ پڙهيل نہ آهي."

شيام ڊائري بند ڪئي ۽ اُپو ساه کٽي ليٽي پيو.

هڪ ڏينهن عورت جي سماجڪ حالت تي ڪوشليا سان سندس بحث ٿيو هو. شيام چيو هو، "عورت جيستائين پنهنجي پيرن تي نہ بيٺي آهي. تيستائين هوءَ سماج ۾ عزت حاصل ڪري نٿي سگهي. مرد سدائين ڪيس پنهنجي طابع رکڻ جي ڪوشش ڪندو."

ڪوشليا مرڪي ڏنو. "مان اِن راءِ جي نہ آهيان. هر انسان هن دنيا ۾ ڪو ڪم ڪريٿو، جنهنجي بدلي ۾ ڪيس جيئڻ جو حق ملي ٿو. غريب گهر جي عورت گهر جو پورهيو ڪري ٿي، جنهن جي بدلي ڪيس جيئڻ جا حق ملن ٿا. شاهوڪار گهر جي عورت مرد جي من کي موهي هنکي زندگي بخشي ٿي... ڇا اهو پورهيو گهٽ آهي؟"

"تون جيڪر ڇا پسند ڪرين، ڪوشليا؟"

ڪوشليا کلي چيو هو، "مونکي عورت جو موهڻو روپ ئي پسند آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اهوئي عورت جو سچو روپ آهي."

"تون پاڻکي دوکو ڏيئي رهي آهين، ڪوشي. اهو پرم مرد ئي عورت ۾ وڌو آهي. تون اهي ڳالهيون ڪري رهي آهين، جي ڪنهن بادشاه جي حرم خاني جي ناچڻي ڪندي آهي. مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن بہ معزز عورت کي اهو درجو قبول ڪرڻ نہ کپي."

ڪوشليا ڪاوڙجي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي هئي.

شيام پيڻ کي هڪ ننڍو خط لکيو ۽ سڄي رات جاڳي هڪ شعر رچيائين. شعر لکي پورو ڪيائين تہ ڏٺائين تہ سندس اکين ۾ لڙڪ مڙي آيا هئا.

# ٻارهن

”اوه، توهان ڪيئن هتي پهچي ويا؟“ شيام ڊر ڪوليندي عجب ۾ خوشيءَ ۾ چيو.

”داديءَ جي گهر ويو هوس. اُتي ڳالهه ڪيائون تہ تون هتي هاسٽل ۾ آهين، اچ يوسف!“

سندر ٻنيان هڪ ٻيو ڇوڪرو بيٺو هو. اٽڪل شيام جي عمر جو ئي، يا ڪانئس ٿورو وڏو هو. هوُ بہ اندر گهڙي آيو سندر واقفيت ڪرائيندي چيو، ”شيام شاعر... يوسف چترڪار.“

ٻنهي جو اکيون مليون. سندر ڪلي ڏنو. چيائين، ”ٻئي ساڳيءَ متيءَ جا ٺهيل آهيو.“

سندر شيام جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”چو، شاعر ڪجهہ موڳو ۽ غمگين ٿيو نظر اچي؟“

شيام هلڪو مشڪيو. هن ڏٺو تہ يوسف ڌانهنس چتائي نهاري رهيو آهي.

”ڪلاڪار جي زندگي ڏادي ڏکي آهي.“ سندر آرام ڪرسيءَ تي ويهندي چيو. ”عام ماڻهن جيان هوُ هڪ دنيا ۾ ڪونہ ٿو رهي، پر ٻن دنيائن ۾_ هڪ حقيقي دنيا، ٻي سپنن جي دنيا. هوُ گهڙيال جي لڏڪڻي جيان هن ٻنهي دنيائن جي وچ ۾ لڏندو رهيٿو، انڪري مڪمل

طرح ڪنهن به هڪ دنيا جو نه آهي. هوُ ٻنهي کي پيار ڪريٿو، انڪري ٻئي دنيائون ڪيس ليائي سڪائينديون رهن ٿيون.“

يوسف مرڪي شيام جو هٿ پڪڙي چيو، ”مون تنهنجو ڪتاب پڙهيو آهي. مان ڄاڻانٿو تنهنجي دل ۾ ڇا آهي. اڄ ته اسين ٻئي دوست ٿيون.“

سندر چيو، ”سنڌ ۾ زمين گهٽيئي آهي، ٻج پوکيندا هلو، پاڻي ڏيندا رهو.“ پوءِ مرڪي چيائين، ”جڏهن ٻوٽا ۽ وڻ وڏا ٿيندا ته چوطرف ڇانوَ ٿيندي، تيستائين ٻيوس جي مڪڙيءَ جي بيتابي آهي.“

يوسف ۽ شيام هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. سندر ڳڻپير ٿي چيو، ”چڱو، مان هلان ٿو. ڪياماڙيءَ تي مزورن جي ميٽنگ آهي، مونکي اُتي پهچڻو آهي.“

سندر اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻنهي جي گڏيل هٿن کي پنهنجن ٻنهي هٿن سان دٻائي هليو ويو.

در بند ٿيڻ بعد يوسف چيو، ”سندر انسان آهي. انسان جنهن کي سچي معنيٰ ۾ انسان چئجي.“

”تون ڪيس گهٽي وقت کان سڃاڻين؟“

”گهٽي وقت کان. هوُ روشن منار آهي، جو لهرن ۾ لڏندڙ ٻيڙين کي سڏيندو ٿو رهي.“

اوچتو يوسف شيام جي هٿ دٻائي چيو، ”شيام، تون دکي آهين!“

”ها.“

”ڇو؟“

شيام مرڪي ڏنو. هن جي ڇپن جي ٻنهي پاسي دک ڀري ريکا هئي.

”مون سمجهي ورتو. هر ڪلاڪار زندگيءَ ۾ هڪ دفعو باه مان لنگهي ٿو. پر شيام، اُن باه ۾ گهڻو وقت رهڻ نه کپي، نه ته اها انسان

ڪي ۽ سنڌس ڪلا ڪي پسمر ڪري ڇڏيندي آهي. مان ٻہ شايد هن باھ ۾ پسمر ٿي وڃان هان جيڪڏهن سندر مونکي راھ نہ ڏيکاري ها!“

”ڪهڙي راھ؟“

”پورهيو، محنت. محنت سان ئي انسان پاڻ سڌاري ٿو، پاڻ کي بهتر بڻائي ٿو. اسانجي واقفيت تمام ٿوري آهي، شيامر. پر مان توکي دوست سمجهڻ لڳو آهيان. مان جڏهين ڪراچيءَ آيو هوس تہ ماءُ پيءُ سان وڙهي آيو هوس. منهنجو پيءُ وڏو زميندا آهي، پر تمام پراڻن خيالن جو آهي. جڏهين مون هنکي ٻڌايو تہ مان چترڪاري سکڻ چاهيان ٿو تہ هوُ بگڙجي ويو. اُن بعد گهر ۾ جيڪو جهڳڙو ٿيو، اُن مونکي ڏاڍو دکي ڪيو. مان پنهنجي پيڻ کي وٺي ڪراچيءَ هليو آيس. مان هتي آيس تہ، پر گهران جيڪي خط ايندا هئا، سي مونکي ڏاڍو دکي ڪندا هئا. مان عجيب ڪشمڪش ۾ هوس. ڪم ڪرڻ بدران سڄو وقت سوچيندو رهندو هوس. پوءِ سندر گڏيم. هن جي چوڻ تي مان خيالات کي ڇڏي چترن چٽڻ ۾ جنبي ويس ۽ هاڻي ڦس مان سکي آهيان.“ هوُ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو ۽ هڪ سنڌي ڪافي ڳائڻ لڳو. بہ ٽي سٽون ڳائي، هن شيامر ڏي نهاري چيو، ”گل بابت سوچڻ مان گل پئدا نہ ٿيندو آهي، گل کي پوکڻو پوندو آهي.“ ٿورو ترسي چيائين، ”سندر کي ئي ڏس. سندس سياءُ ڪلاڪار جو آهي، پر ڪم ڪهڙو ٿو ڪري؟ سڄو ڏينهن مزورن سان ڳالهيون ڪرڻ، فائيل رکڻ، سندن رپورٽون لکڻ. ڇا هيءُ ڪم سندر جي شان وٽان آهي؟ بلڪل نہ. پر هن ڄاتو آهي تہ سهڻو گل پيدا ڪرڻ لاءِ ڇيڻي ۾ هٿ وجهڻائي پوندا آهن.“

شيامر ۽ يوسف ڪيترو وقت سانت ۾ ويٺا رهيا. پوءِ يوسف واچ ڏسي چيو، ”منهنجي ڪلاس جو وقت ٿي ويو آهي. مونکي شرٽاگتي وڃڻو آهي. مان اتيئي پينٽنگ سکندو آهيان. تون هلندين؟ هل، گهمي اچ.“

ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي ٻاهر نڪتا.

اُن هڪڙي ڏينهن ۾ ئي شيام ۽ يوسف جي دوستي پڪي ٿي ويئي. يوسف به شيام واري ڪاليج ۾ ئي پڙهندو هو، شيام کان ٻه سال مٿي. پر ڪاليج جي ڪتابن کان وڌيڪ کيس رنگن جو شوق هو. هو چوندو هو ته رنگن ۾ جادو آهي، رنگن جي به هڪ ٻولي ٿيندي آهي. ڪڏهين ٻئي ڄڻا ڪاليج جي ڪمپائونڊ ۾ ويٺا هوندا هئا ته اوچتو وڏي واڪي چوندو هو، ”اڙي هوءَ ڇوڪري ڏس، بلائوز ۽ ساڙهيءَ جا رنگ ڪهڙو نه مئچ ڪندڙ اٿس! پر هيءُ سندس ربين جا رنگ ته ڏس... خانو خراب! ماڻهن کي آرٽسٽڪ دل ئي ڪانهي.“ يوسف ڪنهنجي پرواه ڪونه ڪندو هو. ڇوڪري ٻڌي ته ڀلي ٻڌي... ۽ ٻڌي ته پاڻ سنو.

شيام کلي چوندو هو، ”پر تون پنهنجن ڪپڙن جي ته ذري به پرواه ڪونه ڪندو آهين؟“

”اسين ته ٿياسين فقير ماڻهوءَ. فقيرن کي ته چٿيون لڳل ڪپڙا ئي سونهندا آهن.“

يوسف جو پيءُ وڏو زميندار ۽ ڪٽر مسلم ليگي هو، پر يوسف اُنجي بلڪل اُبتڙ هو. هوُ چترن ۾ هندو ديوتائن جون مورتون ڪڍندو هو ۽ ڳائڻ وقت شاه سان گڏ ميران ۽ ڪبير به ڳائيندو هو. ڪڏهين ڪاليج ۾ پيريڊ شروع ٿيڻ کان ٻه ٽي منٽ اڳ شيام کي چوندو هو، ”هل ته گهمي اچون... هن قيد ۾ رکيو ڇا آهي؟“

باغ ۾ گهمندي هوُ دک ڀريئي آواز ۾ چوندو هو، ”دل ته ٿئيم ٿي ته اڄ ئي ڪاليج ڇڏي هماليه ڏانهن ڀڄي وڃان.“

”هماليه وڃي ڇا ڪندين؟“

”الائي ڇو، هماليه سدائين مونکي ڇڪيندو ٿو رهي ۽ نيپال ۽ تبيت وڃڻ تي به منهنجي ڏاڍي دل آهي. اُتي وڃي مان پينٽنگ سکڻ ٿو چاهيان.“

”پر تو هڪ مسلمان جي ۽ ٽيپيٽ نواسي آجيان ڪندا؟“

يوسف ڪاوڙجي چوندو هو، ”شيام، ڇا تنهنجي نرڙ تي لکيل آهي ته تون هندو آهين. ڏيکار، ڏيکار، ڪٿي لکيل آهي؟ مان مسلمان ٿي به تو هڪ هندوءَ کي پيار ڪريان ٿو ته ڇا هو مونکي گلي لائي نٿا سگهن؟

ڪڏهين وري شيام پنهنجا گيت پڙهندو هو ۽ يوسف سانت ۾ اهي ٻڌندو رهندو هو، ائين ڄڻ هو پوڄا ڪري رهيو هجي.

هڪ ڏينهن شيام يوسف کان پڇيو، ”تنهنجو پيءُ هيڏو تنگ ۽ ڪٽر خيالن جو آهي، پوءِ تو هيءُ وشالتا جو سبق ڪٿان پرايو؟“

يوسف ڪجهه وقت سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ ڳنڀير ٿي چيائين، ”سچ ٻڌايانءِ، پنهنجي نندي ڀيڻ وٽان.“

”نندي‌ءَ ڀيڻ وٽان؟“ شيام عجب ۾ پئجي ويو.

”ها.“ يوسف تمام ڳنڀير هو. ”هوءَ نندي هوندي کان بيمار آهي، انڪري ڊاڪٽرن کيس گهٽي ڪم ڪرڻ کان روڪيو آهي. ماسٽر کيس گهر ۾ پاڙهڻ ايندا هئا ۽ هوءَ شام جو ڳوٺ جي ٻارن کي پاڙهيندي هئي. اُنهن ۾ ٻئي هندو مسلمان ٻار هوندا هئا. ٻار ڪڏهين گسائيندا هئا ته هوءَ انهنجي گهرن ۾ ويندي هئي، ۽ وڃي گهر جي زالن سان ڳالهيون ڪندي هئي. هوءَ ڏاڍي همٿ واري آهي، شيام. اَبي کان اسين سڀ ڊڄندا هئاسين، خود منهنجو وڏو ڀاءُ به ڇرڪندو هو، پر هوءَ ڪانه ڊڄي. جڏهن مان ڪراچي‌ءَ اچي رهيس ته هن به ضد ٻڌو ته مان به هلنديس. هنجي ارادي سامهون ڪير به بيهي نه سگهيو. هونءَ به بابا ۽ اما نُوري‌ءَ جي سڀ مرضي رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جو هوءَ بيمار رهندي آهي ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته سنڌس دل ڌڪوئڻ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.“

”توهان هتي رهندا ڪٿي آهيو؟“

”ايڪسٽينشن تي هڪ بنگلي ۾ ٽي چار ڪمرا آهن. منهنجو

وڏو ياءُ هتي وڪيل آهي، پر سندر سان گڏ پارٽيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي. سندر به اڄڪلهه اسان وٽ ئي رهندو آهي. ڪڏهين تون اُتي اچين ڇو نه ٿو؟“

يوسف ۽ سندر جي سنگ ۾ شيام هر آرتوار تي ليڪڪن جي ميٽنگ ۾ وڃڻ شروع ڪيو. ميٽنگ ۾ ڏهه پندرهن نوجوان گڏ ٿيندا هئا. ڪو پنهنجو شعر پڙهندو هو، ڪو ڪهاڻي، اُن بعد اُنهن تي بحث ٿيندا هئا. شيام پهرئين ڏينهن ئي محسوس ڪيو ته هوُ اُنهنجي سنگ ۾ وينو هو، جيڪي ليڪڪن جي حيثيت ۾ شايد گهڻو مشهور نه هجن پر هوُ ايماندار ۽ محنتي آهن. ڪين پنهنجي سنڌ لاءِ حب آهي ۽ اُنهن مان ڪن ۾ لياقت به آهي ۽ هوُ آئينده هلي نالو ڪڍيندا.

هن ميڙن جو روح سندر ئي هو. شيام کي سندر جي گهرائيءَ جي اُتي ئي خبر پيئي. هوُ سچي معنيٰ ۾ ليڪڪ ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته هوُ ورلي لکندو هو ۽ صرف شروع ۾ کي ڪهاڻيون لکيون هئائين، پر اوير ۽ اولهه جي ساهتيه ۽ اُنهنجي ويچار ڌارائن جو هنجو ڪافي گهرو ابياس ڪيو هو. هن نه صرف اُنهنجو ابياس ڪيو هو، پر هڪ سني ڪارڪن ۽ ڪم ڪندڙ جي حيثيت ۾ اُنهن مان ڪجهه پرائڻ جي به ڪوشش ڪئي هئائين. هوُ زبان جو به فصيح هوندو هو. جوش ۾ نه، پر گنڀير ۽ وشواس سان صاف آواز ۾ هوُ هر ڪنهن نقطي کي تمام چٽني نموني ۾ سلجهائيندو هو. هوُ هڪ نديءَ جيان هو.

پهرين ميٽنگ بعد شيام ۽ هوُ اڪيلي رستي تان پئي موٽيا. شيام چيو، ”ڇا توهانکي يقين آهي ته هن قسم جا ميڙ ليڪڪ پيدا ڪندا يا ليڪڪن کي اُسرڻ ۾ مدد ڪندا؟“

سندر چيو، ”اڄ تو ميٽنگ ۾ پندرهن سورهن ڄڻا ڏٺا. انهن مان سي ليڪڪ ٿيڻ وارا نه آهن، پر هن مان به يا ٽي شايد ليڪڪ ٿين يا شايد هڪڙو ئي مانجهي مڙس نڪري ۽ رڻ جيتي. پر لشڪر ۾ صرف مهندار ڪم نه ايندا آهن. هر هڪ ملڪ جي ماحول مطابق چوٽيءَ جي

ليڪن سان گڏ هڪ ٻيو به قافلو نڪرندو آهي. اُهي صرف ڪجهه وقت تائين، ڪجهه پنڌ تائين ساٿ ڏيندا آهن، پر ساهت جي ترقيءَ ۾ اُنهن جو به وڏو هٿ هوندو آهي.

"۽ ٻيءِ ڳالهه ته خود ليکڪ ههڙن ميڙن دوران پنهنجن بند محلن مان نڪري وچ بزار ۾ اچن ٿا. هوُ پنهنجي تنگ مسئلن کان نڪري سماج جي وڏن مسئلن تي سوچين ٿا... اهو خود اڳتي قدم آهي.

"ڪنهن زماني ۾ ليکڪ صرف جذبات ذريعي پنهنجي قلم کي زنده رکي سگهندو هو، ڇاڪاڻ ته اُنوقت انسان ذات جا مسئلا سولا هئا ۽ انسانن جي زندگي سادي سوُدي هئي. پر اڄ اسين هڪ پيچيدي سماج ۾ رهون ٿا، جنهنجا انيڪ مسئلا آهن. اُنهنکي سمجهڻ سؤلو ڪم نه آهي. اُنلاءِ محنت ڪرڻ پوي ٿي، ڪتاب پڙهڻا پون ٿا، بحث ڪرڻا پون ٿا ۽ حالتن جو اڀياس ڪرڻو پوي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جو هر وڏو ليکڪ هڪ اوچي درجي جو عالم پڻ آهي."

"پر سندر، ليکڪ لاءِ صرف ٻاهرين دنيا ئي ته سڀڪجهه نه آهي. هن لاءِ هڪ اندرين دنيا پڻ آهي، جا هندن جي مندر جيان پوتر آهي، جنهن ۾ هوُ سيني انسانن کي اندر اچڻ نٿو ڏئي. ڪڏهين ڪڏهين ٻاهرين دنيا اُن اندرين دنيا تي اُلر ڪري ايندي آهي ۽ ڪيس ڊاهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. پر ليکڪ پنهنجي ان دنيا جو پوري طاقت سان بچاءُ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مونکي ائين لڳو ته ههڙن ميڙن ۾ اسين اُن دنيا کي پوري اهميت نٿا ڏيون."

سندر ڪجهه سوچ ۾ هو. "پر هيءَ اندرين دنيا به ته ٻاهرين دنيا جو عڪس آهي، پاڇو آهي. انسان جن پيڙائن مان لنگهي ٿو، اُهي ئي ته هن دنيا کي بنائين ٿيون. ليڪن مونکي ٻڏي خوشي ٿي ته تون اندرين دنيا بابت سوچين ٿو. هر انسان جيڪو سنسار بابت گهرائيءَ سان سوچي ٿو، اهو پنهنجي هڪ دنيا اَڏي ٿو ۽ ڪلا دوران اُها دنيا سماج جي سامهون آڻي ٿو. اهي دنيائون آئينده جي دنيا ٺاهڻ ۾ وڏي مدد

ڪن ٿيون.“

هڪ ڏينهن شيام يوسف جي ڏنل پتي تي سندس گهر وڃي پهتو. در يوسف جي ڀاڄائيءَ کوليو. چيائين، ”يوسف گهر ۾ ڪونهي، پر ڏهن پندرهن منٽن ۾ اچي ويندو.“ شيام کي ڊرائنگ روم ۾ ويهاري هوءَ اندر هلي ويئي. اهو روم تمام سادو پر سهڻي نموني سجايل هو. هر شيءِ کي ڪلا جا هٿ لڳل هئا. پتين تي هٿ جا پينٽ ٿيل چتر چيني نموني ۾ ٽنگيل هئا. وچ ۾ هٿ جي ٺهيل غاليچي تي لڪڙيءَ جو سادو صوفا سيٽ پيل هو، جنهن تي رکيل وهاڻن تي سهڻو ڀرت ڀريل هو. ڀت سان لڳل ڪتابن جو هڪ شيلف رکيل هو، جنهن جي مٿان ناريل جي کوپي مان ٺهيل هڪ گلدستو رکيو هو. اُتان هڪڙو گلابي گل ۽ سائو پن اُڀري بيٺا هئا. پيو سڄو ڪمرو خالي هو.

پاسي واري ڪمري مان ڪجهه آواز اچي رهيا هئا. ڄڻ اَٺ ڏهه ننڍڙا ٻار ويٺا هئا ۽ ڪا عورت مٺي آواز ۾ کين ڪهاڻي ٻڌائي رهي هئي. اٽڪل ڏهن منٽن بعد يوسف اچي ويو. هو شيام کي ڀاڪر پائي ائين چنبڙيو ڄڻ سالن جو سڪايل گڏيو هو.

شيام عجب ۾ پئجي چيو، ”ڇا توهانجي گهر ۾ اسڪول به هلندو آهي؟“

يوسف کلي چيو، ”ائين ڀيچ نه ڇا نه ٿيندو آهي. مون توکي ٻڌايو هو نه ابي سان اسانجو جهڳڙو آهي، سو پيٽ پالڻ لاءِ اسانکي پاڻ محنت ڪرڻي پوندي آهي. اسان مان ڪير به ايترو نه ڪمائيندو آهي جو سڄي گهر جو بوجو سهاري سگهي، اِنڪري سڀ محنت ڪندا آهن. هيءَ مانٽيسوري ڪلاس منهنجي ڀيڻ نوري هلائيندي آهي. پاڙي جا اَٺ ڏه ٻار ايندا آهن. منهنجو وڏو ڀاءُ وڪالت ڪندو آهي، پر سندس اَڌ ڪيس ٻنا اُجوري هوندا آهن. منهنجي ڀاڄائي پرائمري اسڪول ۾ ماستري ڪندي آهي، مان رات جو ٻه ٽيوشن ڏيندو آهيان. سندر جي نه توکي خبر آهي، هو ٽريڊ يونين آفيس ۾ پگهاردار آهي. ائين هن

گهر جو چرخو هلندو آهي.“

اوچتو هو چپ ٿي ويو. نوري ٻارن کي لولي ڳائي ٻڌائي رهي هئي. تمام چٽا لفظ منهن سر تي ترندا پئي آيا. شيام به هلڪو چرڪ پريو. سڄو وايو منڊل ئي بدلجي ويو. ٻئي سانت رهيا. جڏهن لولي ختم ٿي ته يوسف چيو، ”منهنجي ڀيڻ ٻارن جي جهڙي سنڀال لهندي آهي، اهڙي سنڀال مائرون پنهنجن ٻارن جي نه لهنديون هونديون.“

شيام اکيون مٿي کڻي يوسف ڏانهن نهاريو. پوءِ سندس نگاهون دروازي طرف وريون. دروازي تي هڪ ڇوڪري بيٺي هئي- سنهڙي ڪڻڪ رنگي. هوءَ شايد اندر اچي رهي هئي جو هڪ اوپري شخص کي ڏسي هٽڪي بيهي رهي هئي. سندس مک گنڀير، اچل ۽ سانت هو. شيام جون اکيون اُتي اٽڪي بيهي رهيون. هوءَ ڌيري ٻنان آواز جي اندر آئي ۽ هٿ ۾ جهليل ڪتاب اچي شيلف تي رکيائين. پوءِ شيام سامهون اچي هٿ جوڙي چيائين، ”نمستي.“

يوسف پنهنجن خيالن ۾ ويٺو هو. اوچتو آواز ٻڌي چيائين، ”اڙي، اچي ويئينءَ نوري؟“

پر شيام اڳيئي اُتي بيٺو هو ۽ ٻه هٿ گڏي نمستي ڪيائين.

يوسف چيو، ”نوري، هي اٿيئي شيام. شيام هيءَ نوري منهنجي ننڍي ڀيڻ.“

نوري ڀاءَ جي پير ۾ صوفا تي ويٺي. سندس منهن تي هڪ اٽلڪي مرڪ ظاهر ٿي ۽ اکيون کن پل لاءِ چنچل بڻجي وري سانت ٿي ويون.

يوسف چيو، ”شيام، منهنجي توسان واقفيت ٿي تنهن کان اڳ ئي نوري توکي سڃاڻندي هئي.“

شيام ڪجهه به نه سمجهي نوريءَ طرف نهاريو. نوريءَ مرڪي چيو، ”مون توهانجو ڪتاب پڙهيو هو. ڪي شعر مونکي تمام سٺا لڳا هئا.“

يوسف وچ ۾ چيو، ”۽ ڪي شعر سٺا نه لڳا... جملو پورو ڇو نه

ٿي ڪرين.“ پوءِ شيام ڏي مڙي چيائين، ”تو پين جون تنقيدون ٻ پڙهيون هونديون، پر جي نوريءَ جي پنهنجي ڪتاب بابت تنقيد پڙهين ته بلڪل نٿين لڳندءِ ۽ مان سچ ٿو چوان ته تنهنجي ڪتاب جون خوبيون ۽ خاميون نروار ٿي بيهنديون.“

شيام چيو، ”ڪهڙيون ڪويتائون توکي سٺيون لڳيون ۽ ڪهڙيون خراب؟“

نوري ڪجهه دير سانت ۾ شيام ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ چيائين، ”اڄ نه، ٻئي ڪنهن ڏينهن ٻڌائينديسانءِ“ پوءِ پاءُ طرف مڙي چيائين، ”چانهه ڪٿي اچان؟“

”ها، ۽ پنهنجي فيورٽ favourite مٺائي ٻ ڪٿي اچجانءِ؟“

نوري وري ٻ آهستي ۽ سانت ۾ ڪمري مان نڪري ويئي. يوسف چيو، ”هھڙي پيڻ ڪنهن ورلي کي نصيب ٿيندي. پر پاڳ نہ پلايس.“

شيام عجب مان پڇيو، ”ڇا ٿيو؟“

”هنکي ننڍي هوندي کان ڦڦڙن جي اهڙي بيماري آهي، جنهنجو علاج ئي ڪونهي. ڊاڪٽرن جي چوڻ موجب نه هنکي گهٽو پورهيو ڪرڻ گهرجي، نه ٿڌي هوا ۾ ٻاهر گهمڻ ڦرڻ گهرجي.“

نوري جڏهن چانهه جي ٿري کڻي ڪمري ۾ واپس آئي ته يوسف ڪمري ۾ ڪونہ هو. هو اندر پنهنجا چتر کڻڻ ويو هو. نوريءَ شيام جي پر واري ڪوچ تي ويهي چيو، ”يوسف تنهنجون ڪيتريون ڳالهيون ڪندو آهي. مونکي پڪ هئي ته هڪ ڏينهن تون هتي ايندين؟“

شيام چيو، ”۽ يوسف ٻ تنهنجي ڏاڍي ساره ڪندو آهي؟

”اهو ته پاءُ جو پيڻ لاءِ قرب آهي.“

”تون شايد ڪتابن پڙهڻ جي شوقين آهين؟“

”جڏهن من اُداس ٿيندو آهي ته شعرن جا ڪتاب پڙهندي آهيان.

جڏهين دنيا جي ماڻهن سان ناتا جوڙڻ تي دل ٿيندي اٿم ته ناول پڙهندي آهيان. هڪ قيديءَ لاءِ اهوئي رستو آهي دنيا کي جاڻڻ جو.“

”قيدي ڇو؟“

”بيماريءَ ڪري ٻاهر گهمڻو نڪري ڪونه سگهان. گهمڻو ٽڙو باغ ۾ ويهي گلن ۽ پوپٽن سان رانديون ڪندي آهيان. ننڍي هوندي کان نوان نوان شهر ۽ ڳوٺ ڏسڻ جي من ۾ تمنا هئي، پر شايد قدرت کي اهو منظور نه هو.“

”پر هتي شهر ۾ ته نڪري سگهين ٿي...“

”نڪرڻ ۾ مزو ڪهڙو، جڏهن بند گاڏيءَ يا موٽر ۾ نڪرڻو پوي. مونلاءِ نه گهٽي ٿڌ سٺي آهي نه گهمڻو ٿڪ. مان قدرت جي ماٽيلي ڌيءَ آهيان. سندس گود ۾ ويهڻ لاءِ سڪندي آهيان.“ اوچتو نوريءَ کلي چيو، ”تون اڪيلائيءَ ۾ ڪهڙا ويچار ڪندو آهين؟“

شيام نُوريءَ ڏانهن نهاريندو ئي رهيو. هن جهڙي مرڪ هن ڪٿي ڪانه ڏٺي هئي. نُوريءَ جي چهري جي معصوميت بلڪل ٻارن جهڙي هئي. سندس انگ انگ مان سڀاجهائي، پوترتا ۽ سادگي ظاهر ٿي رهيون هيون. شيام سندس هٿن ڏي نهاريو. جي ٻه ننڍڙا ۽ گول هئا. هڪ وڏي چوٽي هنجي پٺيءَ تي لٽڪي رهي هئي ۽ سندس نرم وار ٻارن جيان مٿي تي سنوان سڌا ليٽيا پيا هئا.

شيام نوريءَ جي اکين ڏي نهاريو ۽ هن محسوس ڪيو ته هن ڇوڪريءَ جي آتما ۾ اهڙي ڪا مڌرتا ۽ سادگي آهي جو ڪير به هن ڏانهن ڇڪجڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو. سوين ڇوڪرين ۾ به هوءَ بلڪل الڳ ٿي بيهندي . جنهن سان ڳالهائيندي تنهنکي پنهنجو ڪري ڇڏيندي.

نوريءَ مٺي آواز ۾ چيو، ”تو منهنجي سوال جو جواب ڪونه ڏنو؟“

شيام نوريءَ جي مشڪندڙ منهن ڏي نهاري، مرڪي چيو، ”مان

تو بابت سوچي رهيو هوس.“

”ڇا؟“

”تون بلڪل عجيب ڇوڪري آهين..... ڇڻ مان توکي سالن کان سڃاڻان ۽ جيتوڻيڪ توجهڙيءَ ڇوڪريءَ کي مان پهريون دفعو گڏيو آهيان.“

”عجب آهي. مون تنهنجي ڪتاب پڙهندي جهڙو توکي سمجهيو هو، تون اهڙوئي آهين.“

”تو مونکي ڇا سمجهيو هو؟“

”هڪ انسان، جنهنجي دل ۾ تڙپ هجي، جو ڪنهنجي ڳولا ۾ ڀٽڪي رهيو هجي، جو سدا تڪميل جي پٺيان ڊوڙندو رهي.“

”ڇا تون سمجهين ٿي ته مان اهڙو انسان آهيان؟“

”بيشڪ. جڏهين تون راهه تي پنڌ ڪندي ٿڪجي پوندين، تڏهين ئي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جو موقعو ملندءِ. انسان ڪلا ۽ ساهتيه ۾ ئي پنهنجو روپ ظاهر ڪريٿو. روزمره جي دنيوي ڪمن ڪارين ۾ هو خود به پنهنجي روپ کي نٿو سڃاڻي.“

شام نوريءَ ڏانهن نهاريندو ئي رهيو. هن محسوس ڪيو ته نوريءَ جي آتما چقمق جيان سندس روح کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي آهي. سندس دل چيو، ’دنيا ۾ ڪي اهڙا انسان به آهن، جي شاعرن جي شاهڪارن جيان مٿر ۽ ڳنڀير آهن. هو چتر آهن انهن جذبن ۽ آدرشن جا، جنکي سيتا هزارين سالن ۾ پالي پوشي وڏي ڪيو آهي.‘

”شيام، تون ڇا پيو سوچين؟“

شيام ڇرڪ ڀريو، پر سندس دل پنهنجي وهڪري ۾ وهندي رهي، سندس دل چيو، ’شل تون سدا پوتر ۽ پاڪ رهين... شل سدا گلاب جي گل جيان ٻهڪندي رهين!‘

اُن وقت يوسف اندر گهڙندي چيو، ”ڏس، مان پنهنجن چترن سان گڏ نوريءَ جا چتر به کڻي آيو آهيان. تون ئي ڀيٽ ڪري ڏس ته ڪنهن ۾ اندروني سوجهه وڌيڪ آهي.“

نوري صرف مرڪي رهي هئي.

يوسف جا ڏهہ ٻارهن چتر هئا ۽ نوريءَ جا صرف ٻہ ٽي. پريان ڏسڻ سان ٻنهي ۾ فرق ظاهر ٿي ٿئي پيو. يوسف جي چترن ۾ فن زياده هو، ليڪن جي پختائي ۽ انساني بدن جون ماپون ۽ بيهڪ اصليت تي ٻڌل هيون، پر رنگن جو ميلاپ نوريءَ جي چترن ۾ وڌيڪ ڪشش ڪندڙ هو. نوريءَ جي هڪ چتر ۾ ٽڙيل گلاب مٿان پوپٽ رانديون ڪري رهيا هئا. ٻئي هڪ چتر ۾ هڪ نوجوان عورت دريءَ وٽ ويٺي ٻاهر نهاري رهي هئي. دريءَ مان هڪ سهڻو نظارو ڏسڻ ۾ پئي آيو. عورت جو منهن ٻاهر ڏانهن هو، صرف سندس پٺيون پاسو نظر اچي رهيو هو. ڪمري ۾ اندر اونده هئي ۽ ٻاهر سج جي لهڻ واري لالائي.

يوسف چيو، ”جيڪڏهن نوري پينٽنگ سکي ته تمام سٺي ڪلاڪار ٿي سگهي ٿي.“

نوريءَ مرڪي چيو، ”گرو هميشہ چيلي کي ساراهيندو آهي.“

نوريءَ ٻنهي کي چانهہ ٺاهي ڏني. شيام سوال ڀريل نگاهن سان نوريءَ ڏي نهاريندي چيو، ”۽ تون؟“

”مان چانهہ ڪانہ پيئندي آهيان.“

يوسف کلي چيو، ”اڄ هيءَ تہ اچا ٻار آهي... کير پي ڪجهہ وڏي ته ٿئي.“

شيام ڪوپ مان اکيون ڪڍي چوريءَ نوريءَ ڏانهن نهاريو. هنجي دل ٿي ته هوءَ هميشہ ائين سندس سامهون ويٺي هجي- هڪ سنگمرمر جي بوتي جيان. جو هن هڪ ميوزم ۾ ڏٺو هو. يوناني آرٽ جي ان شاهڪار کي هو جڏهن بہ ڏسندو هو تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُن اڳيان سانت ۾ ويٺو هوندو هو. هو سوچيندو هو تہ انسان برهما کان بہ گوءِ کڻي ويو. هڏ ماس جي انساني چهري تي هڪ ئي وقت اهي ريکائون، اظهار ۽ رونق ڪئي ملندا جي سنگتراش هن بت ۾ آندا آهن. درد ڀري مشڪ، غرور ۾ مسرور اکيون، اوچي ڳاٽ سماج کي للڪاريندڙ اها عورت دنيا جي انت تائين انسان جي مهانتا جي آرسي ٿي رهندي ۽ انسان کي ياد ڏياريندي رهندي تہ انسان تون گهڻو اوچو ۽ اونهو آهين، اُن کان جيترو تون پاڻ کي سمجهين ٿو.

# تيرهن

منجهند جي مانيءَ وقت يوسف جو وڏو ڀاءُ محمود ۽ سندس زال ٻہ هن سان گڏ ويٺا. اُن ڏينهن سندر غير حاضر هو. منجهند جو هو اڪثر غير حاضر رهندو هو. محمود جو سڀاءُ يوسف ۽ نوريءَ کان گهڻو مختلف هو. هو نـوس حقيقت پرست هو. شاعراڻيون ۽ فيلسوفيءَ جون ڳالهيون سندس دماغ ۾ ڪونہ ويهنديون هيون. هن لاءِ ارٿ شاستر ۽ قانوني ڪتاب ئي گيتا ۽ قرآن هئا. هو دنيا کي قاعدن ۽ انگن جي عينڪ سان ڏسندو هو. وٽس غريبن ۽ شاهوڪارن جي تفاوت جو اهو مطلب ڪونہ هو تہ غريب دکي آهي ۽ شاهوڪار سکي آهن. هن جو حساب صاف هوندو هو- ملڪ ۾ هيتري اُپت آهي، اُنجو هيترو حصو شاهوڪار کٽي ويا ۽ باقي بچيل ٿورو حصو عام جنتا کي پلئہ پيو، جنجو تعداد هيترو آهي. اُن بعد سوال جو جواب ٻار بہ ڏيئي سگهيو ٿي تہ شاهوڪار کان هيترو ڌن ڦري غريبن کي ڏيڻ کپي ۽ جنهن نتيجي تي محمود پنهنجي حساب رستي پهچندو هو اُن تي بيهي رهندو هو. سندر ۽ محمود ساڳئي اسڪول ۾ پڙهيا هئا ۽ ٻنهي گڏجي مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. ڪلاس ۾ پهريون يا ٻيو نمبر حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن چٽا ڀيٽي هلندي هئي پر ڪلاس کان ٻاهر هو تمام گهرا دوست هوندا هئا.

اِنٽر تائين پئي گڏ پڙهيا. اُن بعد سندر وڌيڪ پڙهڻ لاءِ شانتينڪيتن ويو ۽ محمود وڪالت پڙهڻ لڳو. جڏهن سندر شانتينڪيتن مان ڊگري وٺي واپس وريو ته ١٩٤٢ وارو واقعو شروع ٿيو. هو اُنهه تبي پيو ۽ ٽي سال سنڌ جي جدا جدا جيلن جون هوائون کاڌائين.

نيٺ جڏهن هو آزاد ٿيو ته محمود جي وڪالت چڱي هلندڙ هئي. سندر پيڻ وٽ رهڻ پسند نه ڪندي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪو اجهو ڳولي رهيو هو. هڪ ڏينهن اتفاق سان پراڻو دوست گڏجي ويس ۽ يڪدم محمود سندر کي پاڻ وٽ اچي رهڻ جي آڇ ڪئي. دوستي کين زنجيرن ۾ ٻڌڻ لڳي ۽ سندر جي سنگ ۾ غريبن جا ڪيس مفت ۾ کڻندي محمود جي وڪالت پنتي پوڻ لڳي.

ڪاڏي بعد محمود ۽ سندس زال آرام لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ ويا. يوسف شيام ڏي نهاريندي چيو، ”تون ڪجهه دير ليٽي آرام ڪندين؟“

شيام اکيون مٿي کڻي نوريءَ طرف نهاريو. نوريءَ اهو ڏسي مرڪي ڏنو. ”اڄ منهنجي دل شاه پڙهڻ تي ٿي آهي، توهان مان ڪير ٻڌندو؟“

يوسف چيو، ”شيام ته شاه جو شيدائي آهي. مان وڃي ٿو پنهنجي چتر کي پورو ڪريان.“

شيام ۽ نوري ڪجهه وقت بنگلي جي ننڍي باغيچي ۾ ٿهلندا رهيا. باغ ۾ هڪ طرف ننڍو تلاءُ هو جنهن ۾ ڪنول جا اڌ ٽڙيل گل بيٺا هئا. تلاءُ جي پير ۾ وڻ جي ٿڌي ڇانو ۾ ڪجهه پٿر ڪرسين جيان رکيا هئا. ٻئي اُنهن تي ويهي رهيا.

نوريءَ رسالو هٿن ۾ لوڏيندي چيو، ”ٻڌاءِ توکي ڪهڙو سر وڌيڪ وڻندو آهي؟“

شيام نوريءَ کان ڪتاب وٺي ٻنهي هٿن جي تري وچهه جهليو ۽

پنوءِ اُنکي کوليائين. جنهن ڪتاب کليو تنهن نوريءَ کي ڏيندي چيائين، ”هتان پڙهه.“

نوري ڪلڻ لڳي. ”ڏاڍو سٺو. اعليٰ شاعر جي اهائي نشاني آهي. هر سٽ ۾ دل لاءِ ڪاڻو موجود هوندو آهي.“

نوريءَ جا لفظ هوا ۾ ڦهلجڻ لڳا. جڻ هڪ ننڍي نهر ڪل ڪل ڪندي پهاڙن تان لهي رهي هئي ۽ سڄي جهنگل ۾ اُنجو مڌر سر ڦهلجي رهيو هو. يا جڻ صبوح جي ٿڌي هير ٽپڪيون هڻي رهي هئي. شيام رڪي رڪي ائين پئي محسوس ڪيو ته آڪاس مان هلڪي بوند پيئي وسي.

اوچتو نوريءَ ڪتاب بند ڪيو ۽ اُٿي اچي شيام جي پير ۾ هيٺ زمين تي ويٺي. هوءَ ڪيتري دير اُن گل ڏانهن نهاريندي رهي، جنهن مٿان پونئر پون پون ڪري چڪر ڪاٽي رهيو هو. پونئري جي پون پون ڪانسواءِ اُتي بلڪل سانت هئي. جڏهن پونئرو ڦيرا پائي پائي ٿڪجي اُتان هليو ويو ته نوريءَ اُپو ساهه پريو.

اوچتو شيام چرڪ پري چيو، ”نوري، تنهنجي اکين ۾ آنسو؟“

نوريءَ پوتيءَ سان پنهنجا آنسو اُگهي ورتا. ”شيام، مونکي اَما پئي ياد اچي. مون پهرين پهرين شاهه اَما کان ئي ٻڌو. هوءَ ڏاڍي مٺي سر ۾ اهي بيت ڳائيندي هئي. منهنجي ناني کي فقيرن جو سنگ ڏاڍو وڻندو هو. هو هر سال ڀٽ شاهه جي زيارت تي ويندو هو. اَما اهو ورثو پيڪن مان کڻي آئي هئي. ننڍي هوندي ئي سسئي ۽ مارئي، ليلا ۽ ڪؤنرو منهنجون ساهيڙيون بڻجي پيون. چوندا آهن ته ماءُ پٽن کي گهٽو پائيندي آهي، ليڪن الائي ڇو گهر ۾ اَما مونکي ئي سيني کان گهٽو گهرندي هئي. جڏهن بہ اَبو سرڪاري ڪم سان گشت تي ويندو هو ته اَما مونکي پنهنجي گوڏي تي سمهاري رات جو دير تائين شاهه پڙهندي رهندي هئي.“

نوريءَ جي اکين جا آنسو سڪي ويا هئا ۽ هوءَ کلڻ لڳي هئي. هن گهڙيءَ جي سلي کي وات سان چڪ پائيندي چيو، ”اڄ اَما هن دنيا ۾ هجي ها ته.....“ اوچتو نوري لفظ کائي ويئي. چيائين، ”شيام، ڇا اهو سچ آهي ته جنهنکي گهڻو پيار ڪبو آهي، اُهو هميشه وڇڙي ويندو آهي.“

شيام ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. هو نوريءَ جي اکين ۾ نهاري رهيو هو، جنهن ۾ ڪجهه وقت اڳ لڙڪ هئا، پوءِ مرڪ آئي ۽ هينئر وري لڙڪ ترڻ لڳا هئا. شيام جڏهن اِنهن ڏوتل اکين ۾ هڪ هيري جيان جرڪندڙ دل کي ڏٺو ته هو سرءُ جي پن جيان ڏڪي ويو. اِهي اکيون تمام گهريون هيون ۽ انهن ۾ ڪئين سمنڊ اُٿلي پٿلي رهيا هئا. اکيون ئي دل جو آئينو آهن، شايد اها ڳالهه سچي هئي. اِن ڏٻري پتلي سرير منجهه ڇا ايڏي وڏي دل لڪل هئي، جنهن ۾ مها ساگر سمائجي وڃن. اِنهن اکين مان اِنسان جو اُڀ جيان اَپار ۽ بي انت هردو لياڪا پائي رهيو هو. نوري هڪ گل جيان معصوم ۽ سرهاڻ سان ڀريل هئي، يا ماڪ جو هڪ ڦڙو هئي- شفاف ۽ اوجل. سرشتيءَ جي مهراڻ ۾ جيڪي سوين هزارين بوندون لڙهنديون وڃن ٿيون، اُنهنجي ڪهڙي هستي آهي. پر هڪ بوند جا پره جي گل مٿان مستيءَ ۾ ٿلي ٿي تنهنکي جدا هستي آهي. هوءَ پاڻ خوشيءَ سان سج کي اَرپي ٿي ۽ گم ٿي وڃي ٿي. پر دل ٻاڏائي چوي ٿي، ”هوءَ آهي... هوءَ آهي.... هوءَ هئي.“

۽ هي نوريءَ جو روئڻ؟ ڪڏهين ڪڏهين شايد سڀ انسان ائين روئندا آهن. هو پنهنجي اُباڻهار کي ياد ڪري روئندا آهن، جي وسري ويندا آهن سي وري ياد پوندا آهن ۽ به گونگا ڳوڙها ڳاڙيا آهن. هيءَ زندگي لڪ چڇپ راند آهي. شيءِ هٿن ۾ اچي به وري پاڻيءَ جيان ترڪي ويندي آهي، پر وري اسانجا هٿ ڪجهه جهٽڻ لاءِ، پائڻ لاءِ اُتاولا ٿجندا آهن. اسين پائيندا آهيون، پر وري وڃائيندا به

آهيون. اِنسان تون ڪڙڪيپتي جيان آهين، جو ٻري ۽ وسي پيو. تون تارو نہ آهين، چنڊ آهين! تون مٽي نہ آهين، مٽيءَ مان ڄاول هڪ گل آهين!

شيام ٻہ لهي هيٺ زمين تي ٿي ويٺو. هن مٽيءَ جي هڪ لپ هٿ ۾ کنئي ۽ ڪيتري دير اُن ڏانهن نهاريندو رهيو. هن اُن مٽيءَ کي سنگهيو. اجا مينهن ڪونہ آيا هئا ۽ مٽيءَ ۾ سرهاڻ ڪانہ هئي. شيام ڳوري آواز ۾، جنهن تي ڪيس پڻ عجب لڳو۔ هڪ ڪهاڻي شروع ڪئي، ”هڪڙي ڇوڪري هئي بلڪل تو جهڙي۔ مٽيءَ جي پيدائش، گل جيان ڪومل! سندس نالو هو سهڻي...“

شيام سهڻيءَ جي آکاڻي ٻڌائي رهيو هو. نوري مٽيءَ ۾ ليٽي اها ٻڌي رهي هئي. سندس اکيون آڪاس ڏي هيون جتي هلڪا ننڍڙا بادل ٻيٺا هئا. شيام جون اکيون ڌرتيءَ ڏانهن هيون جنهن مان ڪٿي ڪٿي سلا اُپري رهيا هئا.

شيام جڏهن ڪهاڻي پوري ڪئي، تڏهن سندس آواز گهگهو هو. نوريءَ ڪهاڻيءَ وچ ۾ لفظ ٻہ ڪونہ ٻوليو هو. ڪهاڻي پوري ٿيڻ بعد ٻہ هو سانت ۾ ويٺا رهيا. شايد ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو ائين سانت ۾ ويٺا هجن ها، پر نوريءَ جي ڀاڄائيءَ دري کولي کين سڏ ڪندي چيو، ”نوري، چانهہ تيار آهي. اندر اچو، سندر ٻہ آيو آهي.“

شيام اُٿڻ کان اڳ وري نوريءَ جي اکين ڏي نهاريو پر اهي اڌوريون بند هيون۔ ڄڻ نوريءَ جو اڌ اُن سنسار ۾ هو جتي سهڻي هئي، ۽ هنجو صرف اڌئي شيام جي سامهون هو.

اڌ رات جو شيام جي اک کلي. هو هميشہ پنهنجي کٽ دريءَ ڀرسان سيڙهي سمهندو هو. ٻاهر هلڪي بوند پئجي رهي هئي. دريءَ مٿان لڳل ڇپر تي هلڪي ٽڪ ٽڪ ٿي رهي هئي. اونده ۾ شيام چوطرف نهاريو.

نوريءَ چيو هو، ”تون ڪيترن ڏينهن بعد آيو آهين!“

شيام چيو هو، ”مان توکي ڪيترن ڏينهن کان سڃاڻان. تنهنجي ڇهري جا ڀاو، تنهنجي مرڪ، تنهنجي اکين جي گهرائي سڀ مونکي پنهنجا پيا لڳن. ڪٿي به مونکي اُنهن ۾ ڌاريائي يا دوُري ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.“

نوري مرڪندي گم ٿي ويئي.

شيام ٻئي طرف نهاريو. نوري در وٽ بيٺي هئي، در جو هڪڙو طاق کوليو. سندس ڪليل وار ڇاتيءَ تان لهندا چيلهه تائين پئي پيا. هنجي ڳچيءَ هيٺان ڇاتي ڪجهه وڌيڪ گوري پئي لڳي. چپن تي درد ڀري مرڪ هيس. خاموش اکيون شيام ڏانهن نهاري رهيون هيون.

”مان وچان ٿي دور پهاڙن تي، بادلن جي وچ ۾ تون هلندين، شيام؟“

نوري ويئي هلي. شيام پاسو ورائي سمهي پيو. ٿوري دير بعد جاڳيو ته سندر جو بلند آواز ٻڌائين. ”اسانجو ڪم ڪرڻ جو نمونو ئي غلط آهي. مونکي هاٺوڪي سنڌ جي گشت ٻڌايو ته اسين عوام کان تمام دور آهيون. اسين تانگهي ۾ ٿاڦوڙا پيا هڻون، اونهي ۾ وڃڻ کان ڇرڪون پيا.

”اسانجو نظريو خاص وچولي درجي جي خوش خلق نوجوانن جو آهي. اسين ٿوروئي ڪم ڪندي سمجهون پيا ته اسان گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. مونکي دپ پيو لڳي ته اسانجي ڪم کي پاڙون آهن ئي ڪونه. عوام ۾ اگر هڪ ئي مذهبي جذبي جي لهر اُٿي- جنهنجو دپ هميشه آهي- ته اسانجو سڄو ڪم لڙهي ويندو. اسين ڪوڙڪي ۾ ڦاسجي ويندا سين.“

شيام سوچڻ لڳو: ڪهڙو نه نيارو آهي اُهو گهر جتي نوري، سندر ۽ يوسف جهڙا اِنسان رهن ٿا! جتي سيڪو محنت ڪري ٿو، هر وقت بحث ٿيندا رهن ٿا ته دنيا کي بهتر ڪيئن بڻائجي. جتي اِنسان جي محنت سان پيدا ڪيل هر شيءِ، هر ڪلا جو قدر آهي.

سانجهيءَ جو چانهه تي يوسف جي گهر بحث شروع ٿيو ۽ منهن اونداهيءَ وقت ختم ٿيو. اُن بعد نوري شيام کي باغ جي ٻاهرئين ڦاٽڪ تائين ڇڏڻ آئي هئي. نوريءَ پڇيو هو، ”وري ڪڏهن ايندين؟“

شيام جي دل چيو، ”سڀاڻي.“ پر هنجي زبان ڪجهه ڪونه چيو.

نوريءَ کلي چيو، ”اجا پنهنجي ڪتاب بابت تبصرو به پڌڻو اٿيئي، ياد اٿيئي نه؟“

شيام چيو، ”نوري، مان جلد ايندس.“

نوريءَ جون اکيون چمڪيون ۽ هوءَ اندر هلي ويئي شيام پاڻکي چنڊ جيان محسوس ڪري رهيو هو جنهن کي پنهنجي هستي نه آهي. جو سورج جي روشنيءَ تي ٽڪي ٿو. هو پاڻ ڳري ويو هو برف جيان. چوطرف پاڻي ئي پاڻي هو.

شيام اکيون ٻوٽي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ننڊ نه آئي. هن بتي ڪانه ٻاري. وهاڻي جي پاسي کان رکيل ڪاپي ۽ پين کڻي ۽ هو اونده ۾ لکڻ لڳو. سڄي رات هو لکندو رهيو، وڏن رڏن ڏنگن ڦڏن اکرن ۾ هو جيڪي لکي رهيو هو سو پڙهي ڪونه ٿي سگهيو، پر کيس ائين لڳي رهيو هو ته نوري سندس پنيان بيٺي اِهي بيت پڙهي رهي آهي.

شيام جو سڄو بدن ٻري رهيو هو. آخر نوري ڪاپيءَ ۾ اچي هڪ شعر ٺڄي پيئي. شيام به ڪاپيءَ ۾ اچي شعر ٺڄي پيو ۽ ٻئي گم ٿي ويا.

شيام کي ويٺي ويٺي ننڊ اچي ويئي.

شيام ڳوٺ ۾ پيڻ کي لکيو هو، ”پيڻ، تون ساهرو گهر ڇڏي پيڪي آئي آهين. تو زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه وڃايو آهي ۽ گهڻو ڪجهه سٺو آهي. منهنجي توکي صلاح آهي ته پنهنجو وقت پڙهڻ ۾

صرف ڪندي ڪر، گهٽ ۾ گهٽ مئٽرڪ ته ضرور پاس ڪر. گهرج مهل پنهنجي پيرن تي بيهي سگهندينءَ ۽ تنهنجو من به ريڊو رهندو.“

انجو جواب ڏنو شيام جي پيءُ... ”هي تون پيٽ ڪي کهڙيون صلاحون پيو ڏين! ڇا مان مري ويو آهيان جو تنهنجي پيٽ پنهنجي پيرن تي بيهندي؟ توکي ائين لکندي شرم نه آيو؟ بيٺل گهرن جون ڇوڪريون ويهي سڪٽي ڊگريءَ لاءِ نور نچوئين! ڇي... ڇي....“

گوبندرام شيام کي لکيو، ”گهڻا ڏينهن ٿيا آهن تون گهر ڪونه آيو آهين. ڪوشليا ـ ماءُ به پيڪن مان ٿي موٽي آهي. هوءَ توکي ڏاڍو ياد پيئي ڪري . هن آرتوار تي روٽي اسانوٽ اچي کائج.“

شيام جواب ڏنو، ”دادا، توهانجي نيند لاءِ مهرباني. پاپيءَ جي مونکي پڙ سڪ آهي، پر ڪاليج جو تمام گهڻو ڪم پيو آهي. سو هن آرتوار لاءِ معاف ڪندا. ٻئي ڪنهن ڏينهن اچي حاضر ٿيندس.“

يوسف شيام ڏي ڪنهن دوست هٿ چٺي موڪلي، ”مان به تي ڏينهن ڪاليج اچي نه سگهيو آهيان. هڪ چتر ۾ دل قاتل اٿم، من ڪڍڻ ڏکيو آهي. سڄو ڏينهن پيو رنگ ناهيان.

”هي چنچر موڪل جو ڏينهن آهي ۽ آرتوار ته خدائي موڪل آهي. اسان منگهي پير وڃڻ جو خيال ڪيو آهي. تون هلندين؟ هيءَ نيند مان سڄي گهر جا پاران ڏيئي رهيو آهيان. مان سمجهان ٿو، نه قبولڻ جي توکي همٿ ڪانه ٿيندي.“

شيام اُن دوستَ هٿ ئي جواب موڪليو، ”تو سچ چيو، نه قبولڻ جي مونہ همٿ ڪانهي.“

هو منگهي پير پهتا ته ڏينهن جو پهريون پهر گذري چڪو هو. يوسف جو سڄو ڪٽنب هو. شيام به اُن انوکي ڪٽنب جو هڪ ڀاتي بڻجي ويو هو. چشمن ۾ سنان ڪري ڪجور جون ڏانديون هٿن ۾ کڻي هو گهمندا رهيا. نوريءَ اُن ڏينهن ڪڙتو سلوار پاتي هئي. ڪاري

ڪپڙي تي ٻاڙهي ڏاڍي سان آرسيون پيل هيون. سندس سنهي بدن تي ڪڙتو ڦهڪي بيٺو هو ۽ سندس پوتيءَ سان ڍڪيل ننڍڙي چاتي ٻه اُڀري بيٺي هئي.

هوءَ اُن ڏينهن هڪ رواجي عورت جيان هتان هتان جون ڳالهيون ڪري رهي هئي. شيام کي پهرين ملاقات واري نوريءَ وچ ۾ وڏو فرق نظر آيو. يا شايد نوريءَ جو پاڻتي پورو ضابطو هو ۽ هوءَ پاڻکي سيڪنهن نموني هلائي تي سگهي. يوسف اُن ڏينهن پنهنجن خيالن ۾ مگن هو. هو الائي ڇا سوچي رهيو هو. محمود ۽ سندس زال هميشه وانگر بزرگن جيان بردبار هئا. باقي سندر ته اڄ صفا ٻار ٻڻجي پيو هو. سڀني پارٽيءَ جي جان هوئي هو. ٽوٽڪا ٻڌائي سيني کي کلائي رهيو هو. ڪڏهن نوريءَ سان چرچو تي ڪيائين ته ڪڏهن محمود جي زال سان ته ڪڏهن وري پاڻ ئي ٻارن جيان کلڻ تي لڳو.

روٽي کائي سڀ هڪ وڻ هيٺان اچي ويٺا هئا. شيام ڏٺو ته نوري وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ڪيڏانهن دور نهاري رهي آهي. هنجون اکيون اڌ بند اڌ کليل هيون ۽ هوءَ ڪنهن دور دنيا جو جيو پئي لڳي... هن دنيا کان غافل ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ هلي ويئي هئي. شيام اُتي وڃي سندس پاسي ۾ بيٺو پر هوءَ يڪ ٽڪ ڪيڏانهن نهاري رهي هئي. شيام سندس پاسي ۾ ويهي رهيو.

نوريءَ هلڪو ڇرڪ ڀريو. مد ڀريل نظرن سان شيام ڏانهن نهاري اَٽلڪو مرڪيائين.

شيام ڏٺو ته هوءَ هن دنيا ۾ موٽي رهي هئي.... ڏيري ڏيري جڻ پکي پر سيٽي آڪاس مان هيٺ لهندو آهي. هنکي ڏسي شيام ائين محسوس ڪرڻ لڳو ته هيءَ پرٿوي اڄ ئي پيدا ٿي آهي ۽ هو ئي پهريان ٻه اِنسان آهن جي هن دنيا جي سندر پهاڙي چوٽيءَ تي پهتا آهن، نوريءَ شيام جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيو، ”هو ڏس.“ هڪ وڻ

مان کجور جون لڙون هيٺ لڙڪي رهيون هيون. شايد دنيا جي پهرين عورت دنيا جي پهرئين مرد کي به اهي ساڳيا لفظ چيا هئا ۽ هنن اُهي مٺا ميوا چني کاڌا هئا ۽ دنيا اَمر ٿي ويئي هئي.

اوچتو شيام ڏٺو ته نوري ڳنڀير بڻجي ويئي. چيائين، ”تون ڇا سوچي رهي هئينءَ نوري؟“

”ڪجهه به نه.“ نوريءَ چيو، ”مان محسوس ڪري رهي هئس... هو ڏس.“ نوريءَ سامهون بينل تن چئن اَڌ اُگهاڙن ٻارن ڏانهن اشارو ڪيو. جنجو يوسف خاڪو ڪڍي رهيو هو. هو ڪجهه دور هئا- رولاڪ گدلا ٻار، جنجي پاسي ۾ بيهڻ سان به شايد بانس اچي.

اوچتو نوريءَ چيو، ”تو ٽئگور جا ٻارن تي لکيل گيت پڙهيا آهن؟ انگريزي شاعر بليڪ جا شعر پڙهيا اٿيئي؟“ نوري ڪجهه ويل ترسي وري چيو، ”مان ٻارن کي ڏاڍو پيار ڪندي آهيان. هو منهنجي پير ۾ ايندا آهن ته مان پاڻ وساري ويهندي آهيان. پر اسانجي سماج ۾ ٻارن جو قدر ڪونهي.“ نوريءَ پنهنجو مٿو وڻ جي ٿڙ تي ليٽايو ۽ آڪاس ڏانهن نهارڻ لڳي. ”ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندي آهيان ته اگر مائرون ٻارن کي پوري سکيا ڏين ته دنيا مان جيڪر گهٽيون خرابيون دور ٿي وڃن. جڏهن به مان ڪنهن ڏاڙيل يا گونڊي جي احوال اخبار ۾ پڙهندي آهيان ته مونکي سندس ماءُ ياد ايندي آهي. اُها ڪهڙي بدبخت ماءُ آهي جا هڪ ٻچ کي سنپال سان پوکڻ بدران پٿرن جي ڍير تي ڪٽي ڦٽو ٿي ڪري. ٻج سڪي نوٽ ٿيو وڃي، يا اُن مان جهنگلي وڻ پيدا ٿئي.“

نوري سانت ٿي ويئي. شيام به خاموش، دور ٽڪرين ڏانهن نهاريندو رهيو.

سندر اوچتو موج ۾ اچي هڪ بنگالي راڳ ڳائڻ لڳو. سندر جو آواز مٺو ڪونه هو، پر پدما نديءَ جي مانجهين جو گيت سندس ٽلهي

آواز ۾ به چگهو لڳي رهيو هو. محمود ۽ سندس زال ڪلڻ لڳا. نوري مرڪڻ لڳي. شيام به ڪلڻ لڳو. يوسف پنهنجي چتر ناهڻ ۾ مشغول هو.

سانجهيءَ جو سڀ ڊاڪ بنگلي تي آيا. رات هننکي اُتيئي گذارڻي هئي. پڊر ۾ سيني گڏ ويهي ماني کاڌي. تيستائين رات به اچي ٿي. چوطرف ٽڪرين جي وچ ۾ سانت جو راج قائم ٿي ويو. سيڪو رات گذارڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. محمود جي زال هنڌ وڇائي آئي. يوسف ميز تي بتي ٻاري رنگ ناهڻ لڳو. سندر پنهنجي ڪڙتي جون ٻانهون مٿي ڪيون، ڇڻ اُن سانت فضا ۾ ڪڙتو هوا جي ڇهاءَ کي روڪي ويٺو هو.

اوپر ڪان چنڊ ڪني ڪڍي ۽ سڄو آسمان روشنيءَ سان ڀرجي ويو.

سندر اُتندي چيو، ”اسانجي موڪلائي آهي.“

نوريءَ عجب ۾ چيو، ”سندر دا، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

نوري ڪڏهن سندر کي صرف سندر چوندي هئي ڪڏهن وري بينگالي نمونو اَپنائي سندر دا چوندي هيس.

”رلڻ پنڻ.“ سندر کلي چيو، ”هھڙيون راتيون روز ڪونه ملنديتون!“

”پر هن سڄي ملڪ ۾؟ اڪيلو....!“

”ائين ريل ڇيل گهمڻ ئي ته مونکي زندگيءَ جي هن منزل تي پهچايو آهي. شانتينڪيتن ۾ مان رات جو ائين هليو ويندو هوس- اڪيلو، بنهه اڪيلو. ڪجهه ميل پري هڪڙو اَڏو هو، جتي انقلابي اڪثر آرام ونڻ لاءِ يا لڪڻ لاءِ ايندا هئا. مان هن ڪان ئي منتر سکيس هن نظام کي ڦيرائڻ جو- دنيا کي بهتر بڻائڻ جو!“

نوري اُٿي اچي سندر جي پير ۾ ويٺي. ”تون ڪيڏانهن

پنهنجي دل جي ڳالهه پڌائڻي ئي پوندي. راز ڪولڻو ئي پوندو. تون هر دفعي ڳالهه ڦيري ويندو آهين!"

سندر ڪلي چيو، "ڇا جو راز؟"

"جو تون همش لڪائيندو ٿو وتين. سچ ٻڌاءِ، هن چانڊوڪيءَ ۾ تون ڪنهن کي ياد نہ ٿو ڪرين؟ ٻڌاءِ سندر دا."

سندر ڳنڀير ٿي ويو. هن چنڊ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ دور پهاڙن ڏانهن. اول نوريءَ ڏي ۽ پوءِ شيام ڏانهن نهاريائين ۽ پوءِ وڏي پاسي ۾ ڊنل پٽ جي نلهن مان هڪ تي ويهي رهيو. سندس پٺيان شيام ۽ نوري بہ آيا ۽ ٻين نلهن تي ويهي ويا.

سندر چيو، "نوري، توکي خبر نہ آهي تہ مان توکي ڪيترو پيانيان ٿو. مونکي سڀڪي پيڙ بہ آهي، پر هنکي بہ مان ايترو ڪونہ پيائيندو آهيان جيترو توکي. اُن جو ڪارڻ آهي- هوءَ انسان آهي، تون فرشتو آهين. تو جهڙا انسان زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن گڏجندا آهن.

"پر اهڙو هڪڙو ٻيو بہ فرشتو مونکي زندگيءَ جي راه ۾ گڏيو هو. سچ پڇين تہ اڄ مان اُنکي ئي ياد ڪري رهيو هوس."

سندر ڪجهہ دير چپ ٿي ويو. ٻئي ڪنهن بہ ڪونہ ڳالهايو. پوءِ سندر شيام ڏانهن منهن ڪري چيو، "شيام، مون شانتينڪيتن ۾ چار سال تعليم پاتي. مان جڏهن ٽئين سال ۾ هوس تہ چترڪلا ڪلاس ۾ هڪ وديشي ڇوڪري داخل ٿي. هوءَ سنهڙي هئي نوريءَ وانگر، ۽ بندري هئي جيئن اڪثر ايشيائي ڇوڪريون ٿينديون آهن. چترڪلا ۽ ناٽڪيہ اداڪاريءَ ۾ تمام گهڻو چاهہ هوس. هڪ دفعي سنيت سين جي ورسي ملهائڻ لاءِ هڪ جلسو ٿيو هو. مونکي بہ اُتي ڳالهائڻو هو. ڪجهہ صلاح ونڻ لاءِ مان اُن ڇوڪريءَ وٽ ويس. هنکي منهنجو تيار ڪيل ليڪچر ڏاڍو وڻيو ۽ ان بعد اسانجي دوستي پڇهي ويئي.

"اُن ڇوڪريءَ جو نالو هو ٽنگ لن، اُن بعد جڏهن بہ هڪ ٻئي

جي سامهون ايندا هئاسين ته مرڪندا هئاسين. هنجي مرڪ تمام مٺي هوندي هئي. ياد نه اٿم ته اسين ڪيئن هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا وياسين، پر ان بعد اسين اڪثر هڪ ٻئي کي گڏجندا هئاسين ۽ لنبيون ڳالهيون ڪندا هئاسين. هوءَ مونکي پنهنجي ديس جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. مان ڪيس هندوستان جون. ٻئي ملڪ غريب آهن، ٻنهي ديسن جا رهواسي غريب آهن. ٻنهي ملڪن ۾ سود خورن ۽ شاهوڪارن جي ڦرلٽ آهي. هوءَ پنهنجي ڳوٺ جون ڳالهيون ٻڌائيندي ڪڏهن ڪڏهن روئي ڏيندي هئي.

”هوءَ پاڻ غريب گهر جي هئي، پر پينٽنگ ۾ ٻه ٽي انعام کٽيا هئائين، جنهن ڪري اسڪالرشپ ملي هئس.

”هنکي پنهنجي ديش لاءِ جيترو پيار هو، اوترو مون تمام ٿورين ڇوڪرين ۾ ڏٺو آهي. ايترو پيار هڪ ڪٽرمي ڪٽنب جي ڇوڪري- جهن تعليم پاتي هجي، اُهائي ڪري سگهي ٿي. هوءَ زمين جي سڳنڌ کان واقف هئي، هوءَ انهن انسانن جي زندگيءَ کان واقف هئي. جي ديس کي آسودو رکڻ لاءِ محنت ڪن ٿا.

”هوءَ هندوستان بابت ايترا ته سوال پڇندي هئي جو مان ٻه منجهي پوندو هوس ۽ عجب کائيندو هوس ته اسانکي پنهنجي ديس جي ڪيتري نه ٿوري خبر آهي!

”اُن سال وئڪيشن ۾ اسان ڪاليج جي ڪن شاگردن ڪن شهرن گهمڻ جو پروگرام رٿيو. ٽنگ لن به اسان سان شامل ٿي.

”اسانجي ٽوليءَ ۾ هوءَ ئي هڪڙي ڪلاڪار هئي. سندس هٿ ۾ سدائين اسڪيچ بوڪ هوندو هو، جو سندس لاءِ ڪئميرا جو ڪم ڏيندو هو. هوءَ بينگالي ڇڪيءَ طرح سکي ويئي هئي، پر هندي ڪانه ايندي هئس، انڪري هڪ ڄڻي جو سندس ڀرسان هئڻ ضروري هوندو هو. اهو هڪ ڄڻو اڪثر مان ئي هوندو هوس.

”اسين گڏجي بنارس جي سوڙهين گهٽين ۾ گهمياسين. مندرن جي ٻاهران، رستن جي چؤواٽن تي، گهاٽن تي جڏهن ٻيا ساٿي اڳيان نڪري ويندا هئا ته اسين پٺيان رهجي ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ منهنجي هٿ کي پڪڙي ڪجهه ڏيکاريندي چوندي هئي: هوُ ڏس! هوءَ اهي منظر ڏسي خوش به ٿيندي هئي ته دکي پڻ. هوءَ چوندي هئي: غريبي ۽ جهالت اسانجي ايشيا ۾ چؤطرف پري پيئي آهي.“

سندر گلو صاف ڪندي چيو، ”مونکي ياد ٿي اچي سارناٿ جي اها شام- سج جا سونهري ڪرڻا ڌرتيءَ کي چهي رهيا هئا ۽ ڌرتي حياءَ وچان لال ٿي رهي هئي. اسين ٻڌ- مندر ۾ ويٺا هئاسين. ٿنگ لن ڪيتي دير ٻڌ جي مورتيءَ ڏانهن نهاريندي رهي، نهاريندي رهي. پوءِ هن نمي اڌ سمهي ٻنهنجي رواج موجب پرنام ڪيو. هوءَ ٻاهر نڪتي ته سندس منهن تي مون هڪ لالائي ڏٺي ۽ عجيب شانتي- ٿي سگهي ٿو اها لهندر سج جي لالاڻ هجي. هن منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ پڻ پڻ ۾ چيائين: هل هلون. اسين رڪشا ۾ چڙهي واپس شهر ۾ آياسين. رستي تي يا اُن بعد رات تائين هن وري لفظ به ڪونه ٻوليو. شانت ئي شانت ويٺي رهي.

”الله ٻاد ۾ اسين تروينيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ گڏ گهمياسين. اتي گهاٽ تي هڪ دفعو اسان اڪيلو ويٺي سڄي رات گذاري. مهيني بعد شانتنيڪتن موٽياسين.“

”تن ڏينهن ٿنگ لن جي ديس ۾ تمام زبردست گهروُ لڙائي هلي رهي هئي. روز اخبارن ۾ ڀيانڪ خبرون اينديون هيون. ڪڏهن بمبازي جون، ڪڏهن ٻوڏن جون. ڪڏهن ڏڪار جون ته ڪڏهن وچندڙ بيمارين جون. اِهي خبرون ٿنگ لن کي تمام دکي ڪنديون هيون. هن واپس وطن ورڻ ٿي چاهيو، پر مون کيس گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جو ڪورس پورو ڪرڻ لاءِ روڪيو.

”مون بي۔ اي جو امتحان ڏنو ۽ هن ٻہ ٻن سالن جو ڪورس پورو ڪيو. هڪ ڏينهن هوءَ مون وٽ آئي. چيائين: مان ويحان ٿي، سندر. منهنجو فرض مونکي سڏي رهيو آهي. پر مان وري موٽي ايندس. جڏهن حالتون بهتر ٿيديون تون سڏ ڪندين. ڇا تون سڏ ڪندين؟“

مون سندس هٿ پڪڙي چيو هو: مان تولاءِ ترسندس لينا، مان تولاءِ ترسندس ۽ توکي سڏ ڪندس، پنهنجي پوري آواز سان.

”ٿنگ لن کي پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ مان لينا کري سڏيندو هوس. سندس هٿ تمام ننڍا ۽ نرم هئا. انهن هٿن جو ڇهاءُ مان اڄ بہ محسوس ڪندو آهيان.

”مان اسٽيشن تائين لينا کي ڇڏڻ ويس. اُن ڏينهن لينا کي بخار هو. هن منهنجي هٿ کي پڪڙي منهنجون آڱريون پنهنجي نرڙ تي رکي چيو: ڏس، بخار گهٽو اٿم ڇا؟

”مون لينا جي وارن کي سنواريندي چيو هو: رستي تي پنهنجو خيال رکج.

لينا ويئي هلي.“

سندر سانت وينو هو. چنڊ ڇڱو ئي چڙهي آيو هو. وڻن جا پاڇا گهاٽا ٿيا هئا. رستي جي ٻئي پر ۾ وينل ٿنهي انسانن جا چهرا ڪنهن تجلي ڪنان ٻهڪي رهيا هئا.

سندر چيو، ”اُن بعد لينا جا خط ايندا هئا. هوءَ جنگ جي ميدان تي ويئي هئي هڪ ڊراماٽڪ ڪلب جي ميمبر بڻجي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن جنگ جو احوال ڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن چٺيءَ ۾ صرف ٻہ ٽي سٽون لکندي هئي. هڪ دفعي لينا بدران سندس ڀيڻ جو خط آيو. هن لکيو هو تہ ٿنگ لن هڪ ڳوٺ ۾ کليل اسٽيج تي ڊراما ۾ پارٽ ڪري رهي هئي، جو اسٽيج تي هڪ بمگولو اچي ڪريو. ٻين ٽن ساٿين سان لينا بہ هميشہ لاءِ هلي ويئي.“

سندر چپ ٿي ويو. نوريءَ منهن مٿي ڪيو، شايد ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ، پر چيائين ڪجهه ڪونه. سندر اُٿي کڙو ٿيو. چيائين، ”مان ويجانٿو!“ ۽ ڪنهن ڏانهن به نهارڻ بنا هوُ هليو ويو. ڪجهه دير لاءِ نوري ۽ شيام هن جي پٺيان نهاريندا رهيا. سندر آهستي آهستي پاڇي جيان جهڪي روشنيءَ ۾ گم ٿي ويو. هوُ ننڍو ڀيچرو وٺي پهاڙن طرف هليو ويو.

ڪجهه دير ٻئي سانت ۾ ويٺا رهيا. پوءِ نوريءَ چيو. ”هلون؟“

شيام پنهنجو هٿ ڊگهيريو، جو نوريءَ پڪڙيو ۽ هوُ ٻئي رستو وٺي گهر ڏانهن هليا. ڊاڪ بنگلي جي ٻاهرين ڏاڪڻ وٽ پهچي شيام پڇيو، ”تون سمهندينءَ نوري؟“

نوري چيو ڪجهه ڪونه صرف ڪنڌ ڏوڻي نه ڪيائين. شيام اندر ويو ۽ شال کڻي آيو. نوري ڏاڪڻ تي ويٺي هئي. شيام شال هنجي ڪلهي تي وجهي سندس ڀر ۾ ويهي رهيو. ڪن ساعت بعد هن پڇيو، ”نوري، تون ڇا سوچي رهي آهين؟“

”لينا بابت. هوءَ مونکي گڏجي ته مان ڀاڪر پايانس ۽ نرڙ تي ٻه مٺيون ڏيانس.“

شيام نوري جو هٿ دٻائي چيو، ”نوري....“ ۽ پوءِ ڪجهه دير ترسي چيائين، ”نوري، تون ئي ته لينا آهين.“

نوريءَ شيام جي ٻنهي هٿن ۾ پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. شيام جا هٿ لڙڪن سان آلا ٿيڻ لڳا.

شيام سوچيو، مان ڪهڙو نه ڳهيلو آهيان. نوري لينا جي ڪهاڻي ٻڌڻ سان روئندي رهي ۽ مون کي صرف هاڻي پروڙ پيئي آهي. هن پياري آواز ۾ چيو، ”زندگي روئڻ لاءِ نه آهي، ڀڳلي!“

نوريءَ منهن مٿي ڪيو. هن جا لڙڪ بند ٿيا هئا. هوءَ شيام طرف نهارڻ لڳي. شيام کي چنڊ جي روشنيءَ ۾ هنجو لڙڪن ڌوتل

منهن ڏاڍو سهڻو لڳو، جڻ هڪ گلن جو جهڳٽو هو. نوريءَ پڇيو، ”تڏهن ڇا لاءِ آهي؟“

”مرڪڻ لاءِ.“

نوريءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مرڪڻ لڳي. شيام هٿ وڌائي هن جا لڙڪ اگهيا. نوريءَ چپ اڌ کوليندي چيو، ”راڳ ٻڌندين؟“

شيام ڪنڌ سان ’هائو‘ ڪئي.

نوري جهڪي آواز ۾ راڳ ڳائڻ لڳي، جڻ صرف شيام لاءِ ڳائي رهي هئي. هن هڪ راڳ بعد ٻيو راڳ ڳايو پوءِ ٽيون. جڏهن هن چوٿون راڳ ڳائي پورو ڪيو ته شيام چيو، ”نوري! هو چنڊ ڏس ۽ هيءَ چانڊوڪي چوطرف سندرتا اوتي پيئي آهي. هيءَ زمين ڪهڙي نه سهڻي آهي. هيءَ ٻوٽا زمين تي ائين ويٺا آهن جڻ گهونگهٽ ڍڪيل ڪنواريون آهن. اگر سڄي زندگي هيئن چانڊوڪي هجي، سڄي زندگي اسين هيئن هڪٻئي جي پر ۾ ويٺا هجون!“

نوريءَ چيو، ”گهڻا خواب ڏسڻ سٺا نه آهن، شيام! خواب آخر خواب ئي آهن.“

”تڏهن حقيقت ڇا آهي؟“

نوري منجهي پيئي. ”مونکي خبر نه آهي. شايد خواب ۽ حقيقتون گڏيا مسيا پيا آهن. آڪاس خواب آهي، ڌرتي حقيقت آهي. آڪاس مان بارش پوي ٿي، ڌرتي سائي ٿئي ٿي.“

شيام چيو، ”ننڍي هوندي برساتين بعد مون مٽي هٿ ۾ کڻي اُنکي سنگهيو هو. ان مان هڪ سرهاڻ آئي هئي. اڄ تنهنجي بدن مان به اهڙي سرهاڻ اچي رهي آهي.“

”مان به ته مٽي آهيان شيام.“

نه نوري! تون مٽي نه، تون مٽيءَ جي سڳنڌ آهين.“

نوريءَ هڪ سڏڪو ڀري چيو، ”شيام! تون مونکي وساري سگهندين؟“

”ڪڏهن به نه. مونکي ائين لڳي رهيو آهي ته مون جنهنکي ننڍپڻ کان خوابن ۾ ڏٺو هو، اُها حقيقت تون آهين.“

نوريءَ ننڍڙو ٿڪ ڏنو.

”پر هڪ ڏينهن مان به نه رهنديس، تون به نه رهندين. تڏهن ڪير رهندو؟“

”اسانجي ياد.“

”پر اسانجي ياد به هڪ ڏينهن مٽيءَ ۾ ملي ويندي.“

”پر مٽي ته رهندي، نوري. ان مٽيءَ جي سڳنڌ هوندي. ڀيا انسان پير ڏيئي اسانجي مٿان هلندا. ماڪ جا ڦڙا ڪرندا. مٽيءَ ۾ خوشبوءِ ايندي. ٻوٽو اُڀرندو، گل هوا ۾ لڏندو. اهو گل تنهنجو ٻيو روپ هوندو، نيرو.“

نوري کلڻ لڳي. ”۽ تون ڪٿي هوندين؟“

”مان نه هوندس ته ڇا ٿيو. تون ته هوندينءَ نه.“

نوري ڳنڀير ٿي شيام جي هٿن کي چڪيو ۽ انهن کي پنهنجي گود ۾ رکي ڇڏيائين.

ڪيتري دير ٻئي خاموش رهيا. نيٺ نوريءَ چيو، ”مان جڏهن مري وينديس، تڏهن تون مونکي ياد ڪجانءِ ۽ گيتن ۾ اُن ياد کي امر ڪجانءِ. دنيا ۾ انسان کي ڪا هستي ڪانه آهي. اسان ذات ئي امر آهي. مون کي جٿيڪاراءِ جو اهو ڀڃن ڏاڍو وڻندو آهي: پل پل جلتا هئہ شمشان!“

ٿوري دير ترسي نوريءَ وري چيو، ”مان شايد جلدي مران، شيام! مان بيمار آهيان نه. تنهنجي سهٽي ته سگهاري ۽ تندرست هئي!“

شيام جو سڄو بدن ڏڪي ويو. موت سيني جو مقصد آهي، اها هر

هڪ کي خبر آهي. ليڪن موت جو خيال ته انسان کي ڪنبائي ڇڏيندو آهي.

شيام نوريءَ جي گود مان هٿ ڇڪڻ چاهيو. پر هوءَ اُنهن هٿن کي مضبوط جهلي ويٺي. نوريءَ شيام جي هٿن جي ڪنبڻ کي ڇاتو ۽ پوءِ چيائين، ”مان سوچيان پيئي مرڻ ڇو ڏکيو آهي. اگر مان اڄ رات ئي مري وڃان ته! هن چاندني رات ۾ مرڻ ۾ شايد بيحد مزو هوندو. تون ڇا ٿو سمجهين، شيام؟“

شيام چيو، ”منهنجي دل روئڻ چاهي ٿي. هيءَ سندر رات اِنهن ڳالهين لاءِ نه آهي.“

نوريءَ ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. هوءَ شيام جي هٿن کي پڪڙي ويٺي رهي.

رات شايد اَڌ کان مٿي گذري چڪي هئي. پرڀات جي ٿڌڪار ڦهلجڻ لڳي هئي. نوريءَ شيام جا هٿ ڇڏيا ۽ پنهنجي شال لاهي اڌ شيام جي ڪلهي تي وڌائين. چاندني جهڪي ٿيڻ لڳي هئي. چنڊ اولهه طرف وڃي چڪو هو، وڻن جا پاڇا ڊگها ٿيڻ لڳا هئا. هوا ۾ وڻ سوُن سوُن ڪري رهيا هئا. ڪجيءَ جي وڻن جا پن تڪري ڪڏهن ڪڏهن نانا آواز جا ڪري رهيا هئا. دور پهاڙن تي هوا گيت ڳائي رهي هئي. ڌرتي سهاڳ رات گذاري ننڊ مان جاڳي رهي هئي.

هو ٻئي خاموش ويٺا هئا، ٻنهي جا هٿ گڏيل هئا.

اوچتو سامهون پهاڙ تي هڪ ڪارو ٽبڪو نظر آيو جو ويجهو ايندو ويو ۽ ڪجهه وڏو ٿيڻ لڳو. ويجهو اچڻ تي هنن سڃاتو ته سندر واپس اچي رهيو آهي. هو ڌيري ڌيري اورتي ايندو رهيو ۽ جئن صبوح بنان آواز ايندو آهي تئن هو به آيو. هي ٻئي خاموش ويٺا هن ڏانهن نهاريندا رهيا. جڏهن هو تمام ويجهو آيو ته ٻئي اُٿي بيٺا، ليڪن هڪ ٻئي جو هٿ ڪونه ڇڏيائون.

سندر ٻانهون وڌائي ٻنهي جي ڪلهن تي رکيون ۽ ٻنهي کي ڇڪي ڇاتيءَ لاتو. پوءِ هو ٻنهي کي اندر وٺي ويو.

اُن وقت پکي آکيرا ڇڏي ٻاهر نڪري گيت ڳائڻ لڳا هئا. اوڀر ۾ ڪجھ لالائي نظر اچڻ لڳي هئي. هير ۾ تازگي آئي هئي. نئون صبوح آيو هو.

# چوڏهن

زندگي بنان آواز، بنان گوڙ بکيڙي اڳتي وڌندي رهندي آهي.
ڏينهن جي اچڻ ۽ وڃڻ وقت گھنڊ ڪونہ وڄندا آهن. ٻار ڄمندو آهي
تہ آڪاس ۾ ٻيو چندرما ڪونہ اُڀرندو آهي ۽ نہ ئي اِنسان مرندو آهي
تہ سج روشني ڏيڻ بند ڪندو آهي. سڀ سانت ۾ پيو هلي. تارا، گره،
چنڊ، سج، ڌرتي سڀ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. هن اڪنڊ برهمانڊ
۾ اِنسان ڪيترو نہ ننڍڙو آهي.

اِنسانن جو اهو اڻ کٽ قافلو هلندو رهي ٿو. ڪٿان شروع ٿيو،
ڪٿي ختم ٿيندو، ڪنهن کي خبر نہ آهي. سڀ رستي ۾ ڄاوا آهن
رستي تي مري ويندا. هيءُ شاهي قافلو جو وڏن ميدانن تان هلندو پيو
وڃي اُن ۾ ڪئين اِنسان چلائين ٿا، روئن ٿا، کلن ٿا، ڪوڪون ڪن
ٿا، پاڻ ۾ وڙهن ٿا ۽ پيار ڪن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن مهاڀاري لڙايون
لڳن ٿيون ۽ سڄا ميدان رت ۽ لاشن سان ڀرجي وڃن ٿا. ليڪن دور
برهمانڊ جي چوٽيءَ تي وڃي ڏسجي تہ شايد هي قافلو ڪِولين جي قافلي
کان وڌو ڏسڻ ۾ نہ ايندو. شايد اُن کان بہ ننڍو. ليڪن ڇا هن وسعت
کي اِنسان سمجهي سگهي ٿو؟ نہ، هو صرف محسوس ڪري سگهي ٿو.

نوري هئي جا اِن اَپار جي ڇهاو کي محسوس ڪندي هئي. هوءَ

هڪ ننڍڙي نهر هئي جا پهاڙن ۽ ميدانن تان ڪل ڪل ڪندي ٿي وهي. هن منجهه خود غرضي ڪونه هئي، هن ۾ صرف اڳتي وڌڻ جي تمنا هئي. سندس زندگي وهندڙ پاڻيءَ جيان شفاف هئي. هُن هن دنيا کان ڪجهه ڪسي پاڻ وٽ سانڍڻ، لڪائڻ نٿي چاهيو. پر هن دنيا ۾ چوطرف جيڪو هڪ هڳاءُ ڦهليل آهي، اُهوئي نوريءَ جو ڪاڄ هو.

شيام ڏٺو هو ته هوءَ ڏاڍي سڪ سان ٻارن کي پاڙهيندي هئي. هوءَ کين پيار ڪندي هئي، گود ۾ ويهاريندي هئي، کين ڪهاڻيون ۽ گيت ٻڌائيندي هئي ۽ ٻار سندس پرسان اچڻ سان کلڻ لڳندا هئا. هو پنهنجي من جا در دريون کولي ڇڏيندا هئا.

شيام هڪ ڏينهن هنکي چيو هو، ”تون هيتري محنت ڪرين ٿي ليڪن توکي اُجورو ڪيترو ٿو ملي... ايترو ٻه نه جو هڪ اِنسان پيٽ پالي سگهي.“ نوريءَ چپن تي آڱر رکي چيو هو، ”هش! اهڙيون ڳالهيون نه ڪر. پنسن سان زندگي جي ڪاريه جي ماپ صرف اُهي اِنسان ڪندا آهن جن زندگيءَ جي گهرائي کي نه سڃاتو آهي. ٻڌاءِ، ماءُ جا ٻار لاءِ راتيون ننڊ ڦٽائيندي آهي، اُنکي ڪهڙو اُجورو ملندو آهي؟“

”ليڪن نفسيات جا ڄاڻُو چون ٿا ته انهيءَ ۾ به خودغرضي سمايل آهي. ماءُ آئينده جي اُميد ۾.......“

نوريءَ جملو ڪاٽي پوري اعتقاد سان چيو هو، ”بلڪل غلط ٿي سگهي ٿو اسانجو خود غرضيءَ وارو وايومنڊل ڪنهن حد تائين هن ڪمري ۾ به پهچي ويو هجي پر بيمار ٻار جنهنجي مرڻ جي پڪ آهي، ڇا تنهن جي ماءُ سندس شيوا نه ڪندي؟ جيڪڏهن دنيا ۾ ڪا اهڙي عورت آهي ته مان هنکي ماءُ نه چونديس، عورت به نه چونديس.“

ائين نوريءَ ۽ شيام جا انيڪ بحث ٿيندا هئا. هوءَ ڪؤشليا جيان بحثن کي ڌڪاريندي ڪانه هئي ۽ نه ئي تنگ خيالن کان چڙ ڪندي

هئي. هوءَ بہ سهڻيءَ جيان سپاجهي ۽ سادي هئي. ۽ اها سادگي ۽ سچائي سندس هر ڪاري، هر خيال ۾ سمايل هئي، پر سهڻي هڪ جهنگلي گل هئي ۽ نوري باغ ۾ محنت سان پوکيل هڪ گل. سهڻيءَ جذبات سان ئي سچ کي سڃاتو هو. نوريءَ جي جيون- ٻيڙي بہ انهيءَ جذبات جي سڙه سان ئي هلندي هئي، پر مهاڻو نوريءَ جي دماغ جي ضابطي هيٺ هو؛ اُهو هوءَ ڪنهن بہ حالت ۾ ڪانہ ڇڏيندي هئي.

سندر دنيا کي بدلائڻ ٿي چاهيو. هوُ بہ من سياءَ ڪري هڪ ڪلاڪار هو، پر سندس ڪاريہ جو کيتر الڳ هو. ڪلاڪار پوري چانڊوڪي کي پنهنجي کيتر ٻڌائيندو آهي. جڏهن هوُ چنڊ بابت ڳائيندو آهي تہ ائين ڪونہ سوچيندو آهي تہ چنڊ سندس هٿ ايندو يا نہ. ليڪن سندر هڪ زمين ٽڪر کي وٺي اُتي جهنگل ڪٽي اناج پوکڻ ٿي چاهيو، بربٽ ۾ باغ پوکڻ ٿي چاهيا. نوراللہ ۽ سندر ۾ بہ شيام کي اُهوئي فرق نظر آيو، جو سهڻيءَ ۽ نوريءَ وچ ۾ نظر آيو هوس. نوراللہ محسوس ڪيو ٿي، ليڪن سمجهڻ لاءِ ڪيس وايوُمنڊل ڪونہ مليو هو. سندر محسوس ڪيو هو، ليڪن هن وقت هوُ جذباتي ڪونہ هو خيالات جي دنيا ۾ رهندو هو. پاڻ بابت بلڪل گهٽ ڳالهائيندو هو. هميشہ سوچيندو رهندو هو، پر بنهہ جذبات کان عاري بہ ڪونہ هو. ڪڏهن ڪڏهن جذبات هنجي دماغ مٿان سوپ پائيندي هئي ۽ هو ٻارن جيان مستيءَ ۾ اچي ويندو هو.

نوري هڪ ڏينهن شيام کي سندر جي ڪمري ۾ وٺي ويئي هئي. ڪمرو ڏسي شيام عجب ۾ پئجي ويو- ڪمري ۾ چئن ئي طرف ڪتاب ئي ڪتاب پيا هئا، هزارن جي تعداد ۾، ڪاٺ جي گهوڙن تي هڪ ميز رکي هئي، جا بہ سڄي ڪتابن سان ڀري پيئي هئي. ان ميز اڳيان هڪ اسٽول رکيو هو. ڪمري ۾ ٻيو ڪوبہ فرنيچر ڪونہ هو. صاف پٽ تي هڪ تونري پيئي هئي. جنهن جي هڪ طرف کان وهاڻو

پيو هو ۽ ان ٽونريءَ جي پاسي ۾ ٽي ٽيبل لئمپ رکي هئي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪجهه ڪثرت ڪرڻ جو سامان پڻ پيو هو، ۽ اُنجي پاسي ۾ هڪ ننڍڙو بسترو رکيو هو.

”سندر هن ٽونريءَ تي ٽي سمهندو آهي ۽ هي سندس ڪتاب ڏسين ٿو نه، اهي سندر جو ڪاڏو آهن. ڪيس پوٽا بہ سؤ پگهار ملندو آهي، جنهن مان گهٽ ۾ گهٽ منو سؤ روپيه هوُ ڪتابن ۽ اخبارن تي خرچ ڪندو هوندو.“

نوري شيام کي ڪتاب ڏيکارڻ لڳي. سائنس ۽ فيلسفي تي ڪٿين ڪتاب رکيا هئا. سياست ۽ راڄنيتي جي ڪتابن سان ته سڄو شيلف ڀريو پيو هو. ڌرم کي بہ ڪونہ ڇڏيو ويو هو. گيتا ۽ بائيبل هڪ ٻئي جي ڀر ۾ ويٺا هئا ته قرآن وري ڪنڊ ۾ پيو هو. نفسيات جي پستڪن سان بہ سڄو ڪٻٽ ڀريو پيو هو. آخري ۾ نوري هڪ ڪٻٽ وٽ پهتي. چيائين، ”۽ هيءُ منهنجي دل وٽان ڪتاب آهن، جي مان هر هر پڙهندي آهيان.“ نوري هڪ هڪ ڪتاب ڪڍي ميز تي رکڻ لڳي. شيام ڏٺو ته شيڪسپيئر جو پورو سيٽ هو. وردس ورٿ هو. گيٽي هو، ٽالسٽاءِ جو جنگ ۽ صلح (War Peace) هو، رومين رولنڊ جو Jean Cristophee جين ڪرسٽوفي، شيلي ۽ ڪيٽس، ٽئگور جا ڪجهه ڪتاب، خليل جبران جو Prophet هـ و.

شيام مرڪي چيو، ”هيءُ سڀ ڪتاب تو پڙهيا آهن؟“

”هڪ دفعو نه، پر ڪئين دفعا.“

”سنڌي ڪتاب ڪونہ پڙهندي آهين؟“

”پڙهندي آهيان، پر گهڻو ڪري شعر شاه، سچل، سامي، بيدل. سنڌي نظم گهڻو ڪري ترجمو ٿي آهي، پر تمام خراب ترجمو. ٽئگور جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڙهي مان عجب ڪائيندي آهيان ته جيڪڏهن ٽئگور ههڙا ڪتاب لکيا آهن ته هوُ مهاڪوي ڪيئن ٿيو. هر هڪ وڏي ليکڪ جي سٽ سٽ هڪ هڪ لفظ ۾ جادو هوندو آهي. ڪڏهن

ڪڏهن سندر ٽئگور بينگاليءَ ۾ پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ اُنهنجي ترجمي کي پڙهي مان سُوچيندي آهيان ته جن ليکڪن هي ترجما ڪيا آهن، تن ساهت جو مطلب ئي ڪونه سمجهيو آهي. منهنجو اشارو نثر جي ترجمن ڏانهن آهي."

شيام چيو، "هن مان گهڻا ڪتاب مون پڙهيا آهن مان ٻه گهٽو ڪري شعر پڙهندو آهيان. سنڌي شعر لاءِ مونکي پڻ شڪايت آهي- ان ۾ نواڻ نه آهي. ليڪڪ جي پنهنجي دلي جذبات جو سچو ترجمو نه آهي. پر اسين وڏي رهيا آهيون، تڪڙي وک کڻي رهيا آهيون. ڪجهه وقت بعد شايد اسانجي سنڌ ٻه هندستان جي ٻين پرڳڻن سان ڪلهو ملائي سگهي."

نوريءَ چيو هو، "منهنجو ڪمرو ڏسندين؟"

شيام کلي ڏنو. سندس دل ٿي ته نوريءَ کي چوڻي ڪان چڪي پنهنجي پير ۾ ڪري بيهاري. نوريءَ جو ڪمرو بلڪل سادو هو. هڪ پلنگ هو، هڪ ميز ۽ ٻه ڪرسيون. ميز تي نڪر جي پينٽ ٿيل ٿانوَ ۾ موتئي جا گل پيا هئا. پٽ تي صرف هڪ فوٽو ٽنگيل هو نوريءَ جي ماءُ جو، جنهن تي تازن گلن جو هار چڙهيل هو. شيام دريءَ کان ٻاهر باغ ڏي نهاري رهيو هو، جو نوريءَ اچي سندر جي کيسي ۾ ڪجهه وڌو. شيام کيسي ۾ هٿ وجهڻ تي هو ته نوريءَ کلندي چيس، "قسم اٿيئي جي هينئر هٿ وڌو اٿيئي. گهر وڃي ڪڍجاءِ"

شيام موٽي رهيو هو پر وري دروازي تان موٽي آيو. ميز ۾ رکيل ٿانوَ مان ٻه گل کڻي هن نوريءَ جي ٻنهي چوٽين ۾ هنيا. ائين ڪندي هن جي نظر نوريءَ جي پلنگ تي پيئي. صاف اوجل چادر تي وهاڻي ڀرسان هڪ ڪتاب رکيو هو. جنهن جو جلد تمام سهڻو هو. شيام ڪتاب کڻي ڏٺو ته شاه جو رسالو هو، جنهن جو جلد نوريءَ پاڻ پينٽ (paint) ڪيو هو. شيام ڪتاب جا پنا اُٿلائيندي ڏٺو ته اندر ٻه ڪيترن هند پاسن ڪان قسمين قسمين تصويرون نڪتل هيون. اهي خاڪا

تمام سهڻا هئا ۽ اُهي شعرن جي مطلب سان مليا ٿي.

شيام نوريءَ ڏانهن نهاريو. هوءَ بہ وڏيون اکيون کولي يڪ ٽڪ ڏانهس ئي نهاري رهي هئي. اُن ڏينهن نوري اکين ۾ سرمو شايد وڌيڪ پائي وينئي هئي ۽ شيام کي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن مٿس جادو پڙهيو. نوريءَ چيو، ”هيءُ ساڳيو ڪتاب آهي جو منهنجي امڙ پڙهندي هئي ۽ مونسان گڏ ٻالپڻ کانوٺي رهيو آهي. منهنجي زندگيءَ جي ڪيترن ڏينهن جون قبرون هن پنن منجهہ آهن.“

اوچتو هوءَ اڳيان وڌي آئي ۽ شيام جي لڳولڳ اچي ويٺي. شيام هڪ عجيب هڳاءُ محسوس ڪيو. شيام ڪتاب ڇاتيءَ سان لائي ويٺو هو. نوريءَ شيام جي هٿ مٿان پنهنجي هٿ رکيو. ”جيڪڏهن مان توکي هيءُ ڪتاب سوکڙي ڪري ڏيان تہ....“ هوءَ ڪن پل هٽڪي، ”پر هڪ شرط تي. يوسف چوندو آهي. توکي هندي سٺي ايندي آهي. تون هنجو هنديءَ ۾ ترجمو ڪندين؟ اسانجي شاهہ کي هندستان جا ٻيا ماڻهو نٿا سڃاڻن، اها ڪيتري نہ شرم جي ڳالهہ آهي!“ اوچتو هن کلي چيو، ”شيام، مان توکي پنهنجي پياري ۾ پياري چيز ڏيئي رهي آهيان.“

شيام نوريءَ جي مٿي تي هٿ رکي ڪيس ٿورو اوڏو ڪيو ۽ پوءِ نوريءَ جي منهن کي پنهنجي ويجهو آندائين. شيام کي ائين لڳو تہ پاڻ سچ هو ۽ نوري ڌرتي. ٻئي هڪ ٻئي جي ڪشش ۾ سرگردان هئا، ليڪن هڪ ٻئي کان دوُر. نوري شيام جي ڀر ۾ ويٺي هئي پر پوءِ بہ ايترو دوُر هئي جو پاڻ هن تائين پهچي ڪونہ ٿي سگهيو.

بس ۾ گهر موٽندي شيام ڪيسي ۾ هٿ وڌو. موٽئي جا اچا گل پيا هئا... شيام هر هر گلن ڏانهن نهارڻ لڳو. آخر ڪيس ڊپ ٿيو تہ پاسي ۾ ويٺل ائين نہ سمجهڻ لڳن تہ هو ڪو پاڳل آهي، هن گل ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيا.

اڄ شيام جي دل ڳائي رهي هئي.

# پندرهن

سندر چيو، ”سڀ ختم ٿي رهيو آهي. سڄو پورهيو پاڻيءَ ۾ وهي ويندو.“

محمود چيس، ”جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو، سندر! تون ڇو ٿو ايتري چنتا ڪرين. ڇا تنهنجي چنتا يا جاکوڙ ڪرڻ سان جيڪي ٿيڻو آهي سو نه ٿيندو؟“

سندر چيو، ”محمود، تون نٿو سمجهين. هي جيڪو سيلاب آيو آهي، سو اسان سڀني کي ٻوڙي ڇڏيندو.“

يوسف اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هنن ڇهن پنجن مهنن ۾ يوسف ڏاڍو بدلجي ويو هو. هو ڪاليج مان ٻه ڳسائڻ لڳو هو. سڄو ڏينهن پينٽنگ ڪندو رهندو هو. هو چوندو هو: مان ڪاليج پڙهي ڇا ڪندس. رنگ مونکي سڏ ڪندا ٿا رهن. پر الائي ڇو، ڏينهن رات رنگن سان مٿو ٽڪرائڻ سان ٻه رنگن جي سچي ٻولي سمجهي نٿو سگهان.“

محمود جي زال چيو، ”ڇا اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ ڇا هڪ ديش جا ٻه ديش ٿي سگهن ٿا؟ ڇا ڀاءُ ڀاءُ جو گلو ڪاٽي سگهي ٿو؟ مونکي ته وشواس ئي نه ٿو اچي.“

”راڄنيتيءَ جي راند ۾ سڀ ممڪن آهي ۽ مذهب ۾ اُهو نشو آهي جو اسانجا مذهبي ليڊر عام ماڻهو کي اهو نشو پياري ڪائنڻ حيوانن وارا ڪم ڪرائي سگهن ٿا. سڀ ممڪن آهي. اِنسان جي تاريخ ڇا آهي؟ اِنسانيءَ رت سان ٿي لکيل هڪ ڪهاڻي.“

نوري وات ڦاڙي اهو سڀ ٻڌندي رهندي هئي. صرف سندس اکيون ڳالهينديون هيون، هنجو پيو سڄو بدن سانت هوندو هو.

ڳوٺ مان نورالله لکيو هو: ”وايومنڊل ۾ هڪ زهر ڦهلجي رهيو آهي. تنهن ڏينهن وڏيري سڏائي چيو هو: ماستر صاحب، هيئن ڪم نہ هلندو. هاڻي توهان کي صوفيپڻي ۽ هندو مسلم اتحاد جو پرچار ڪرڻ نہ کپي. وقت آيو آهي جو اسين هندن کان پنهنجو بدلو وٺون. مسلم ليگ ٻاهران پنجاب مان والنٽيئر گهرايا آهن جي تعصب جي باه پڙڪائي رهيا آهن... مان تہ ڪڏهين ڪڏهين شاه کي ياد ڪري روئي پوندو آهيان.

”مان ڳوٺ ۾ هارين لاءِ اسڪول هلائيندو هوس. اُن مان مونکي صرف ايترو ملندو هو جو اسان ٻن ڄڻن جو پيٽ بہ مشڪل سان پرجندو هو. پر هاڻي اهو اسڪول بہ بند ٿي ويو. جنهن جاءِ ۾ اهو اسڪول هلندو هو اُها زميندار جي جاءِ هئي. زميندار کي ڪنهن راڄنيتي ليڊر اشارو ڏنو آهي ۽ هاڻي مونکي اسڪول هلائڻ لاءِ اُها جاءِ نٿي ڏني وڃي.

”تنهن ڏينهن بہ ٽي هاري اناج جون ڳوٿيون کڻي آيا. اهو ڏسي منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مون کين پاڪر پائي چيو: توهين هي ڇو کڻي آيا آهيو؟ مون توهانجي ڪهڙي شيوا ڪئي آهي؟ نہ نہ، مان هن جي لائق نہ آهيان. پر هو ضد ٻڌي بيٺا. مون چيو مان: توهين تہ هي ڏيئي ٿا وڃو ليڪن فوجدار ۽ زميندار کي خبر پوندي تہ هو توهانکي سولو معاف نہ ڪندا. هارين هڪ آواز چيو: ميان اسين ڏڄون

ڪونه ٿا. تون انسان آهين۔ اسين انسان کي سڃاڻون ٿا.

”ليڪن شيام. هيءَ به گهٽو نه هلندو. هي هاري سچار، پر سادا سودا آهن. هو اڻ پڙهيل آهن ۽ راڄنتي ليڊرن جي چالبازين کي سمجهڻ هنن لاءِ ڏکيو آهي. هو به مذهب جي مڏ تي ٻنيلجي ويندا. مونکي ائين لڳي رهيو آهي ته هي چٽنگون آهن جي شايد ٻنيٽ ٻڃي پون ۽ اها باه اسانجي سڄي ديس کي وڪوڙي سڀ ڪجهه خاڪ ڪري ڇڏيندي.“

ڪجهه ڏينهن بعد اخبارن ۾ فسادن جا احوال آيا ۽ پوءِ روز اخبارن ۾ اهڙا احوال اچڻ لڳا. ڪڏهن باه ڪٿي لڳندي هئي ڪڏهن ڪٿي، پر سنڌ کان اڃا دور هئي.

شيام ڪڏهن ڪڏهن يوسف جي گهر ويندو هو. سندر هاڻي رات جو به پارٽي آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. هو جڏهن به گڏبو هو ته منجهيل نظر ايندو هو. سندس چمڪندڙ اکين ۾ دک ڀريل نظر ايندو هو. هاڻي اڳلي کي دلداري ڏيڻ لاءِ سندس منهن تي مرڪ ڪانه ايندي هئي، صرف اُنجي هلڪي ريکا نظر ايندي هئي.

نوري چلائي چوندي هئي، ”ڇا اسانجو سڄو ورثو، ڇا اسانجي شاعرن ۽ مهاتمائن جو سڄو پورهيو اجايو ويندو؟ شاه، سامي، سچل، ڪبير، ميران۔ ڇا سڀني پنهنجن زندگي اجائي وڃائي؟ ڇا اسانجي ماڻهن ۾ ڪا سمجهه ڪانه رهي آهي؟“

سندر دک ڀريئي آواز ۾ چوندو هو، ”اجايو ڪيئن ويندو، نوري؟ تاريخ هڪ نديڙي نديءَ جيان نه آهي.... هيءَ اُها مهاندي آهي جا ٻوڏون به آڻيندي آهي ۽ اُن بعد ڏڪار پڻ. اوائل ۾ انسان قدرت جي شڪتين جو غلام هو. اُن بعد ڪن ظالم بادشاهن هنکي غلام بڻايو. عام انسان اُن اثر کان اڃا صفا ڇٽا نه آهن. هن کي برغلائڻ تمام سولو آهي.“

نوري ڪڏهن ڪڏهن شيام جو هٿ پڪڙي ويهندي هئي، ”ڪهڙو نه پيانڪ آهي اِنسان جو هيءُ روپ! سيڪجهه پرندو سڙندو ٿـو وڃي- پيار ڏڪار ۾، سندرتا ڪُروپتا ۾.“

شيام سدائين منجهيل نظر ايندو هو. هو ڪيترو به سوچڻ سان سمجهي نه سگهندو هو ته ڪهڙو ڪم ڪرڻ سان ديس جو ذرو به دک گهٽائي ٿي سگهيو. ڪيس چوڏاري باه ٻرندي نظرٿي آئي جنهن ۾ سماج جو سڀ سٺو ۽ سندر جلي رهيو هو. جڏهن کان هو ٻالپڻ لنگهي جوانيءَ ۾ آيو هو. تڏهن کان اهڙن ماڻهن جي سنگت ۾ رهيو هو. جن جي سيني جو مقصد هو- نئين سنڌ اَڏڻ. انگريزن هندستان ۾ سنڌ آخر ۾ ئي فتح ڪئي هئي، اِنڪري ۽ ٻين ڪيترن سببن ڪري سنڌ هندستان جي ٻين ڀاڱن کان ڪيترين ڳالهين ۾ پٺتي پيل هئي. پر ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئين تهي جاڳي هئي جن سنڌ جي اڳين خودغرض اڳواڻن خلاف بغاوت ڪري نئين جوش سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. شيام ڏسندو هو ته خود ساهتيہ ۾ به نيون ڌارائون جاڳيون هيون ۽ اُهو ڏينهن دور ڪونه هو جڏهن سنڌي ساهتيہ به هندستان جي ٻين ساهتين سان برميچي سگهندو.

ليڪن هيءَ باه؟ هيءَ باه ته اُنهن نوجوانن جون تمنائون، سپنا، اُميدون- سڀ جلائي خاڪ ڪري رهي هئي.

ائين ڇو ٿيو؟

شيام ڪاليج جا ڪلاس گسائي پنهنجي ڪمري ۾ دريءَ وٽ ويٺو سوچيندو رهندو هو. هنجو سڄو ماضي سندس اکين اڳيان پيو ڦرندو هو. ڪڏهن هو نوريءَ ۽ يوسف بابت سوچيندو هو، ڪڏهن سندر ۽ نورالله بابت. ڪڏهن ڪراچيءَ جي بنگلن ۾ رهندڙن بابت ته ڪڏهن ڳوٺاڻن هارين نارين بابت. زندگيءَ جي برتن ۾ ڪٿي نه ڪٿي تنگ ضرور هو، جنهن مان جيون دان ڏيندڙ امرت وهي ٿي ويو.

شيام کي پنهنجي زندگيءَ بابت سوچيندي لڳو ته هو ٻن قسمن

جي زندگي گذاري چڪو هو. هڪڙي زندگي جڻ ڍبي ۾ وچندڙ پٿرن جي آواز جيان هئي ۽ ٻي زندگي هئي، جنهن ۾ لڇندڙ سرود درديلا آواز ڪيندو هو. ٻهرين زندگي اُها هئي جا هن ڳوٺ ۾ مٽن مائٽن جي وچ ۾ ڪوشيءَ جي سنگ ۾ گهاري هئي. ان زندگيءَ جو مقصد هو چڱو کائڻ، چڱو پهرڻ، پنهنجي ساراه جا گيت ٻڌائڻ ۽ ٻه چار ڀار چٽي مري وڃڻ. ٻيءَ زندگيءَ جو اَنيو هن ماستر نورالله، نوري ۽ سندر جي سنگ ۾ پاتو هو. اِن زندگيءَ جو روپ هن چنڊ جي چاندوڪي ۽ سمنڊ جي گجندڙ لهرن جي اَڇي گجيءَ ۾ ڏٺو هو. اِن زندگيءَ جو سريلو گيت هن اڪيلائي ۾ پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ مان ٻڌو هو. اِن زندگيءَ جي ساز جو مقصد هو عالمي سنگيت جي سرن سان ملي سنا سر پئدا ڪرڻ. هر زندگي ۾ ڪنهن نه ڪنهن وقت هڪ لڙائي لڳي ٿي- راوڻ ۽ رام جي وچ ۾، سٺي ۽ خراب وچ ۾. جنگ ۾ سٺو مٿي آهي، خراب هيٺ. هيٺ ڪرڻ سولو آهي ۽ مٿي چڙهڻ لاءِ زندگيءَ جي پوري طاقت خرچ ڪرڻي پوي ٿي. پر هڪ دفعو مٿي آسمان ۾ پهچڻ بعد بدن بلڪل هلڪو ٿي پوي ٿو. سرشتيءَ جي مڌرتا بدن جي هر انگ ۾ پرجيو وڃي.

ليڪن اِنسان جي هيءَ جدوجهد ڪيستائين هلندي؟ ڪڏهن دنيا ۾ انصاف جو راڄ ايندو؟

شيام اهڙا ئي خيال ڪري رهيو هو جو اوچتو سندر سندس ڪمري ۾ لنگهي آيو. رات جا ڏهه وڄي چڪا هئا. هاسٽل جا اڌ ڇوڪرا ته سمهي پيا هئا ۽ اڌ سمهڻ جي تيارين ۾ هئا.

شيام سندر جو چهرو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. سندس مانيٽي منهن تي فڪر جي ريکا ظاهر هئي. هنجا اَڻيا وار ٽڙيل پکڙيل هئا. هنجون اکيون ڳاڙهيون هيون. هو ايندئي آرام ڪرسيءَ تي اچي ڪريو. ”شيام، مون ٻه ٽي راتيون ننڊ ڪانه ڪئي آهي. سور ڪان مٿو ڦاٽي رهيو اٿم.“

شيام سندر جي نرڙ تي هٿ رکي ڏٺو۔ ڏاڍو تيز بخار هوس. پاسي واري ڪنهن ڪمري مان بام ۽ ڪجهه گوريون ونئي آيو. گوريون سندر کي ڏيئي مٿي تي بام هڻڻ لڳس. پوءِ هن کير جو هڪ گلاس گهرايو جو سندر هڪ ئي ڍڪ سان پي پلنگ تي ليٽي پيو.

شيام چيو، ”سندر، توکي ڪجهه ڏينهن آرام ڪرڻ گهرجي، تون ڏاڍو ٿڪل آهين.“

سندر شيام ڏانهن نهاريو. سندس اکين ۾ ايتري ته نماڻائي ۽ سپاجهائي هئي جو شيام کي نوري ياد آئي. شيام سندر جو هيءُ روپ اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. هو هڪ پيار جيان هو، جنهنکي ڏسي دل ٺري ٿي ته هنجي پر ۾ ويهي سندس پرگهور لهجي.

سندر چيو، ”شيام، هڪ وڏو منصوبو سٽجي رهيو آهي. وڏا سرمايدار ملڪ ۾ آزاديءَ لاءِ وڌندڙ هلچل کان ڊڄي ويا آهن. هوُ طاقت پنهنجي هٿن ۾ قائم رکڻ لاءِ ڌاريءَ سرڪار سان خطرناڪ منصوبو سٽي رهيا آهن.“

”ڇا جو منصوبو؟“

”تون روز اخبار ته پڙهندو آهين نه؟“

”ها پڙهندو آهيان ۽ جيڪي پڙهندو آهيان سڄو ڏينهن اُن تي سوچيندو رهندو آهيان، پر سوچيندي به سمجهي نه سگهيو آهيان ته هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي.“

”چند ماڻهو پنهنجي شخصي فائدي لاءِ سڄي ديس کي برباد ڪري رهيا آهن. هوُ عوام کي رت جي درياه ۾ اُڇلي پنهنجي لاءِ عيشن جو رستو خالي ڪرڻ ٿا چاهين.“

”مون نه سمجهيو، سندر.“

”ديس کي ڌرمي خيال کان ٻن حصن ۾ ورهائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن، پر ڌرم ته ڪن ڌرمين جي هٿ ۾ ماڻهن کي پنهنجي ڪرڻ لاءِ وسيلو آهي. ڌاري سرڪار ۽ هتي جا سرمايدار ملي هڪ ٿي ويا آهن.

انگريز ڏسن ٿا ته ملڪ کي وڏيڪ وقت غلام رکڻ سندن طاقت کان ٻاهر آهي ۽ پونجي پتي ڏسن ٿا ته هيءَ هلچل عوام کي جاڳائي رهي آهي ۽ کانئن اڳواٽپڻو کسڻ تي چاهي. ديس جي عوام جي پيٽ ۾ پونجي پتي ڏارين سرمايدارن سان ساٽ ڏيڻ بهتر ٿا سمجهن. هو ڏاري سرڪار سان ملي عوام ۾ ڌرم جي نالي ۾ ڏڦيڙ وجهي عوام جو ايڪو ٽوڙڻ چاهين ٿا. عام هندو، عام مسلمانن سان وڙهڻ لڳندا ۽ هندو سرمائيدار ۽ مسلمان سرمائيدار هڪ ٻئي ۾ لٽِ ورهائي ڪٽندا. عوام کي آزاديءَ جو ڪو لاڀ ڪونه ملندو."

شيام ڏٺو، سندر جو سڄو بدن سور ۾ لڇي رهيو آهي. هن سندس وات تي هٿ رکيو ۽ مٿان ڪپڙو ناهي وڌائينس. سندر چوندو هيو، "پر ڏوه اسانجو به آهي. اسان حالتن کي وگيانڪ طريقي باريڪيءَ سان تپاسڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. اسين آهيون وچولي درجي جا عيش پرست نوجوان اسين خوابن ۾ وڌيڪ رهندا آهيون، بنسبت حقيقت جي. شيام، تاريخ ۾ جڏهين اسانجا پويان اسان بابت پڙهندا ته سندن دل ۾ اسان لاءِ عزت نه، پر حقارت جاڳندي."

شيام سندر جي مٿن کي زور ڏيئي رهيو هو ۽ آهستي آهستي سندر جو ٿڪل بدن پنهنجي جاڳرتي کوهڻ لڳو. پر شيام جي ننڊ ڦٽي پيئي. سندس دماغ ۾ جڻ باه ٻري رهي هئي. هو ڪيترو وقت دريءَ وٽ بيٺو ٻاهر نهاريندو رهيو. آخر جڏهن تاور ٻن جا ٺڪاوَ هنيا ته هو ٿڪل بدن ڪٽي وڃي آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو. صبوح جو جڏهن هو جاڳيو تڏهن ڏٺائين ته چوطرف سج جي روشني پنهنجو ڏاڪو ڄمائي ويٺي آهي. اکيون کولڻ سان سندس پهريون خيال سندر ڏانهن ويو ۽ هن نگاهون پلنگ ڏانهن ڦيريون، ليڪن پلنگ خالي پيو هو. سندر رات جي بخار جو خيال نه ڪري صبوح جو سويل ئي ڪم تي هليو ويو هو.

# سورهن

آخر ديس جا ٻه حصا ٿي ئي رهيا ۽ ڪراچيءَ جي عمارتن تي سائو جهنڊو لهرائڻ لڳو.

فسادن وڌيڪ پڙڪو ڪاڏو ۽ اُهي سنڌ تائين ٻه آيا. شيام کي هڪ ڏينهن خط آيو: ”هڪدم ڳوٺ هليو اچ.“ پر وري ٻئي ڏينهن خط آيس: ”نه، هيڏانهن نه اچ. اسين پاڻ هتان نڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.“

پنجاب مان هندن جي لڏپلاڻ اڳيئي ٿي رهي هئي ۽ هاڻي سنڌ مان ٻه ٿيڻ لڳي.

هڪ ڏينهن گوبندرام شيام کي پاڻ وٽ سڏائي سندس پيءُ وٽان آيل هڪ خط ڏيکاري چيو، ”هيءُ تنهنجي پيءُ جو خط آيل آهي. ڏاڍو منجهيل آهي. لکيو اٿس ته ٻنيون جي ڪجهه وقت اڳ نيڪال ڪيون هئم اُنهن جا پئسا مليل آهن. پر ٻيون هاڻي ڪير اڌ قيمت تي ٻه وٺڻ لاءِ تيار نه آهي. هيءُ پنجويهن هزارن جو ڊرافٽ تنهنجي نالي موڪليو اٿس. ٻيا پئسا ٻه جڏهن ڪڏهن سگهندو ته ڪيندو ايندو. هو چاهي ٿو ته تون ٻيڻ ۽ ماءُ کي وٺي هندستان وڃ. جڏهن تنهنجو پيءُ

ڪجهه وڏيڪ روڪڙ ڪڍي سگهندو، تڏهن هو به ايندو منهنجو پڻ اهوئي رايو آهي. مان جيڪر چاهيان ته تون ماءُ ۽ ڀيڻ سان گڏ ڪوشليا ۽ سندس ماءُ کي به ساڻ وٺي وڃ. اسين پوءِ پهچي ويندا سين."

شيام ڪجهه عجب ۾ چيو، "ليڪن مهاتما گانڌيءَ ته اعلان ڪيو آهي ته پاڪستان مان ڪنهن به هندوءَ کي نڪرڻ نه کپي. جيڪڏهن توهان به پنهنجو ڪٽنب موڪليندا ته ٻين عام هندن تي ڪهڙو اثر پوندو؟"

گوبندرام چيو، "آدرش هڪ ڳالهه آهي، حقيقت کي منهن ڏيڻ ٻي. حالتون اهڙيون آهن، جو اسانکي هتان ڪوچ ڪرڻو ئي پوندو."

شيام جو سڄو بدن ڏڪي اُٿيو. سندس دماغ چڪر کائڻ لڳو.

گوبندرام چيو، "بردبار ٿيءُ. ڪنهن به ڏينهن تنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ مامهن سان هتي اچي پهچن. هتي تياري ڪرڻ ۾ هفتو به نه لڳندو."

ڪوشليا بابت پڇا ڪرڻ تي ماڻس شيام کي ٻڌايو ته هوءَ پڪچر ڏسڻ ويئي هئي.

ٿورن ڏينهن بعد شيام کي ڳوٺ مان ٻيو به هڪ خط مليو. اهو خط فاطما لکيو هو- "تنهنجي سائينءَ کي پوليس گرفتار ڪري ويئي. هو ڪن ڏينهن کان بيمار هو، تڏهن به گهر گهر ويندو هو ۽ هندن کي منٿون ڪندو هو ته ملڪ ڇڏي نه وڃو؛ توهانجو پنهنجو ئي گهر آهي- پنهنجي ديس جي پٽي به پياري. مسلمانن جي گهر وڃي، کين خدا جو قسم وجهي چوندو هو- الله ائين نه ٿو چاهي. الله جي نظرن ۾ ته سڀ ڀائر آهن. اڄ توهين اندا ٿي پنهنجن ڀائرن کي لوڏي ڪڍي رهيا آهيو، سڀاڻي پڇتائيندا. پوءِ ڏاريا اچي اِنهن جا گهر ڀريندا. پنهنجا پنهنجا آهن، ڏاريا ڏاريا.

"هت پنجاب جو هڪ وڏو ليڊر آيو هو. چونٽا هن سنڌ جي هڪ

وزير کي تنهنجي ماستر جي خلاف خط لکيو. ٻه ٽي ڏينهن اڳ پوليس ڪيس گرفتار ڪري ويئي ۽ ماڻهن کي فسادن لاءِ ڀڙڪائڻ جي الزام هيٺ ڪيس سکر جيل ۾ رکيو ويو آهي.

”ياءُ هت ڳوٺ جو وايو منڊل نه سهڻ جهڙو ٿي پيو آهي. جڏهن کير ۾ ڪنڊ بدران لوڻ وجهجهي ۽ کير ڦٽي پوي، اسانجي ڳوٺ جو به اهڙوئي حال آهي.“

نورالله جي گرفتاريءَ جو پڙهي شيام کي يڪدم سندر جو خيال آيو. ڇا سندر کي به پوليس گرفتار ڪري ويئي هوندي؟ شيام خط کڻي يوسف جي گهر پهتو. هو گهر ۾ ڪونه هو. نوريءَ فاطما جو خط پڙهي شيام کي واپس ڏنو. چيائين، ”شيام، تو وٽ ڪجهه پئسا هوندا؟“

شيام عجب ۾ چيو، ”گهڻا کپني؟“

”جيترا به ـ ٻه ٽي سؤ.“

”توکي کپن، نوري؟“

نوري ڪجهه دير سانت رهي چيو، ”کپن نه مونکي ٿي تو اڄ سندر جي ڳالهه ڪئي. مان به سڄو ڏينهن هن بابت ٿي سوچي رهي هئس. خبر نه آهي ويچارو ڪٿي ڀٽڪندو هوندو. نورالله کي پوليس پڪڙي ويئي. سندر جي پٺيان به پوليس آهي ۽ هو روءِ پوش ٿي ويو آهي.“ اوچتو نوريءَ جو آواز گهگهو ٿي ويو، ڄڻ هوءَ لڙڪن کي زوري روڪي ويٺي هئي. ”سندر، ڪهڙي به سخت حياتيءَ جو هيراڪ آهي، تڏهن به پئسي بنا هن سماج ۾ هڪ پل به گهارڻ ڏکيو آهي، خاص ڪري جڏهن هر وقت ظاهر ٿيڻ جو ڊپ آهي. پر هو الائي ٻه ويلا کائيندو به هوندو يا نه، ۽ رات جو سمهندو به الائي ڪٿي هوندو. سمهڻ کان اڳ ڪلاڪ ٻه هو هميشه ڪتاب پڙهندو هو، اُن بنا ڪيس ننڊ ڪانه ايندي آهي. پاڻ تمام ٿڪل هوندو هو ته مونکي سڏ

ڪندو هو ۽ مان پڙهندي رهندي هئس جيستائين هو ننڊاکڙو ٿيندو هو.“

نوريءَ جي دل ڀرجي آئي. ”شيام، مونکي خبر آهي ته سندر جو کيسو خالي هوندو. هو ڪڏهن به پئسا ميڙڻ ڪونه سکيو هو ۽ نه ئي ڪنهن کان گهري سگهندو.“

شيام ياد ڪري ڏٺو ته وٽس پئسا ته گهٽا ڪونه هئا پر هڪ هيري جي منڊي، جا ڪيس جٽيا پائڻ وقت پيءُ نهرائي ڏني هئي، اُها سندس پيتيءَ ۾ پيئي هئي. شيام ڪڏهن به اُها منڊي ڪانه پاتي هئي، پر جڏهن ڪراچيءَ ٿي آيو ته ماڻس اها منڊي پيتيءَ ۾ ڪري وڌي هئي.

ٻئي ڏينهن شيام اُها منڊي وڪٽي ٻه سؤ روپيه نوريءَ جي گهر کڻي ويو.

جڏهن شيام نوٽ نوريءَ جي هٿ ۾ ڏنا ته اوچتو هن ڏٺو ته نوريءَ جي اکين ۾ ٻه آنسوُ چمڪيا.

شيام نوريءَ جي هٿ کي پڪڙي چيو، ”نوري....!“

نوريءَ چيو، ”سنڌ مان ڪيترا هندو لڏي وڃي رهيا آهن. هيءُ سڀ ڇو ٿي رهيو آهي؟ ڇا سچ پچ هندو ۽ مسلمان ٻه جدا قومون آهن؟ ڇا ٻه انسان ڌرم جدا هئڻ ڪري گڏ رهي نٿا سگهن؟“

”اسانجي عوام جي صدين لاڪر جهالت، ڌاريءَ سرڪار جو ڇاٽي واٽي ڌرمي جذبن کي ڀڙڪائڻ، ۽ اسانجي تاريخ، سڀ اسانجي خلاف آهن. جنهن ديس ۾ نوي سيڪڙو ماڻهو لکي پڙهي نه ڄاڻن، جو صدين کان غلاميءَ جي چنبي ۾ آهي، اُتي سيڪجهه ٿي سگهي ٿو.“

”ليڪن انسان ته تاريخ کي ڦيرڻ لاءِ ئي ڄائو آهي.“

”ها، پر تاريخ جو گاڏو تمام ڀاري آهي، نوري. هيءُ ڪن ٿورن انسانن جي زور سان ڪونه ٿو ڦري سگهي.“

نوري کير جو گلاس کڻي آئي.

”اڄ چانهه بدران کير ڇو، نوري؟“

”امان چوندي هئي، مزمان جو آدر سدا کير جي پيالي سان ئي ٿيڻ کپي، ۽ مان به ته صرف کير ئي پيئندي آهيان.“

اُن وقت نوري ۽ شيام هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ سان ڪنبي ويا. شيام پيءَ جي خطن ۽ گوبندرام سان هليل ڳالهين جو ذڪر ڪيو. نوري سانت ۾ ٻڌندي رهي. جڏهن شيام ڳالهه ختم ڪئي ته نوري اُٿي هلي ويئي. ڪجهه دير بعد جڏهن هوءَ واپس آئي ته سندس وار آلا هئا، سندس ڳل ۽ نڪ ڪُجهه ڳاڙها هئا. هن شايد رنو هو ۽ پوءِ سنان ڪري آئي هئي. هن اچڻ سان پرت هٿ ۾ کنيو ۽ پلنگ جي ڪنڌ تي ويهي رهي. پوءِ اکيون مٿي کڻڻ بنان چيائين، ”شيام. توکي اڄ ڪم ته ڪونهي؟ سڄو ڏينهن هتي ترسي سگهندين؟“

شيام گلدستي مان هڪ گل کنيو ۽ نوريءَ جي آلن وارن ۾ اٽڪايائين.

نوريءَ چيو، ”تو ڪڏهن منهنجي هٿن جو رڌل ڪاڌو ڪونه کاڌو- اڄ مان روٽي تيار ڪنديس.“ پوءِ هن اوچتو ڪنڌ مٿي کڻي چيو، ”تو او- هينريءَ جي ’سوکڙي‘ 'Gift of Magi' ڪهاڻي پڙهي آهي؟ شيام، ڇا دنيا ۾ سچ پچ اهڙا اتفاق ٿيندا آهن؟“

”دنيا ۾ ڇا ممڪن نه آهي نوري؟ هڪ ڏينهن تو ئي ته چيو هو ته اسين پاڻيءَ جي جهاز ۾ مسافريءَ تي هلنداسين- تمام دور، بنان منزل سوچڻ جي.“

نوريءَ ڪنڌ مٿي کڻڻ بنان چيو، ”شيام، ماضيءَ ۽ مستقبل ۾ تمام گهڻو ويچو آهي. ڪين ڳنڍيندڙ آهي حال. جڏهن حال ئي پنهنجو نه رهيو ته انهن ٻنهي کي ڪير ڳنڍيندو؟“

شيام نوريءَ کان ڏر (اهو ڪپڙو جنهن تي پريو ويچي.) وٺي پاسيرو ڪري رکيو. سندس ڪاڏي مٿي ڪري پنهنجون اکيون هنجي

اکين ۾ کپائي چيائين، ”ڇا ايتري ۾ تون هار قبول ڪري وٺينءَ، نوري؟“

نوريءَ جي اکين مان آنسن جي برسات وهي نڪتي، پر وري هوءَ مرڪڻ لڳي. مرڪ ۾ آنسن جو سيلاب ائين هو جئن اندلڻ نڪرڻ وقت سورج جي روشني ۽ بادل. پوءِ اوچتو نوريءَ ٺهڪ ڏيئي کلي ڏنو. هوءَ شاه جو بيت ڳائڻ لڳي:

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيڏيا برجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي بر چنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.
مند ٿي منڊل منڊيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

”نوري، ڳائڻ بند ڇو ڪيئه؟ ڳائيندي وڃ، جيئن ساوڻيءَ جي برسات وسندي آهي.“

”نه، هينئر نه. هينئر مان وڃي ٿي روٽي ڪريان. اگر تون رات هت رهئين ته سڄي رات منهنجا گيت ٻڌندين. تنهنجي ڪن گيتن کي به مون سر ڏنو آهي.“

شيام احسان مند اکيون مٿي ڪنيون. نوريءَ مرڪي اکيون ڇنڀيون ۽ ويئي هلي.

# سترهن

ٻن ٽن ڏينهن بعد ئي ڄاڃيمل زال ۽ ڌيءُ سوڌو ڪراچيءَ پهچي ويو. هو سڀ گوبندرام جي گهر اچي لٿا. اها سڄي رات ڳالهيون ٿينديون رهيون. هڪ طرف گوبندرام ۽ ڄاڃيمل هئا ۽ ٻئي طرف اڪيلو شيام. هو عمر ۾ وڏا ۽ وڌيڪ آزمودگار هئا ۽ شيام مٿان حڪم هلائڻ جو حق به وٽن موجود هو. شيام اڃا ٻار هو- جنهن دنيا کي ڏٺو هو شاعراڻي نظر سان ۽ انسانن جي دلين کي ڇهيو هو جذبات جي سپرش سان. هن دنيا ۾ ڪيترو گند، خودغرضي ۽ جهالت آهي، اُنجي هو ماپ ڪري نه سگهيو. آخر گوبندرام ۽ ڄاڃيمل شيام کي اهو انجام ڏيئي سرچايو ته هو هند ۾ ڪجھه مهينا رهي ۽ جيئن ئي حالتون بهتر ٿيو، تيئن هو ٻيل موٽي اچي. هن دل ۾ سوچيو ته ٻن ٽن مهينن بعد ڇا ٿيندو آها ته خبر نه آهي، ليڪن شيام جو بمبئي پهچي اُتان موٽڻ ڪيترو مشڪل آهي اهو هو پاڻيهي سمجهي ويندو.

ٻيا ٻه ٽي ڏينهن شيام سڄو ڏينهن ٻيءُ ۽ گوبندرام سان رلندو رهيو. ڊرافٽ ونڻا هئا، ٽڪيٽون ونٽيون هيون، سامان ٻڌائڻو هو، ٻيا به ننڍا وڏا سوين ڪم هئا. وچ وچ ۾ شيام کي نوري ياد ايندي هئي ۽ سوچيندو هو ته اڄ سانجهيءَ جو هن وٽ ضرور ويندس، پر وري ڪونه

ڪو ڪم نڪري پوندو هو.

سڄي وايو منڊل ۾ جڻ انڌڪار ڇانئجي ويو هو، جڻ سج کي چوٿيءَ تي هوندي ڪنهن ڪاري ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو هو ۽ چوطرف اونده ۾ هاهاڪار مچي ويو هو. گهر گهر ۾ روئڻ جو آواز پڌبو هو. گهٽيءَ گهٽيءَ جي موڙ وٽ جتي بہ ماڻهن جو سامان گهر مان نڪرندو هو، ماڻهن جا ميڙاڪا مڙندا هئا ۽ انسان انسان سان ڪلي ملي روئي موڪلائيندا هئا. شيام کي ائين لڳي رهيو هو تہ ڏيري ڏيري ڌرتيءَ ۾ خال ٿي رهيو آهي، جو وڃي ٿو وڏو ٿيندو ۽ سڀ انسان اُن ۾ غرق ٿيندا ٿا وڃن.

شيام جي ماءُ ۽ ڀيڻ سڄو ڏينهن سانت هونديون هيون. گوبندرام جي زال هر هر ڪمري ۾ وڃي روئي دل جو بار هلڪو ڪري، منهن ڌوئي وري اچي سامان ٻڌڻ کي لڳندي هئي.

ڪوشليا، جنهنجو سڄو ڏينهن ڪلبن ۽ ساهيڙين سان ڪٽبو هو، اُها بہ ڪجھ غمگين ۽ موڳي پيئي لڳندي هئي. هوءَ سوچيندي هئي: هيءَ ٿئي ڇا پيو. ڪهڙو اڪاس آيو جو جادوءَ جي لڪڙيءَ سان سندس سک ڀري زندگيءَ کي هڪ کن ۾ ناس ڪري ويو. هوءَ جيڪا پاڻکي دنيا جي جهيڙن جهٽن جي وير جي لهرن چڙهڻ کان مٿي سمجهندي هئي، اُهو سندس خيال ميسارجي ويو. سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جي هڪ ئي لهر سندس سيڪجھ ميڙي سمنڊ ڏانهن کڻي ويئي. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ويٺي يڪ ٽڪ اُن گڏيءَ ڏانهن نهاري رهي هئي جا سندس پيءُ کيس جنم ڏينهن تي وٺي ڏني هئي- هڪ خوبصورت ٻہ فوٽ اوچي گڏي، ريشمي زريءَ واري ساڙهي پيل. اُن گڏيءَ جي منهن تي هميشہ هڪ عجيب مرڪ هوندي هئي ۽ جيئن ئي هيءُ بنگلو ٺهيو هو، تيئن ڪوشليا جي ڪمري ۾ شو ڪيس جي مٿان رکي هوندي هئي. هيءُ اها گڏي جڻ سندس ڏينهن رات گڏ

رهندڙ ساهيڙي ٻڌجي پيئي هئي- پر سياڻي ڪان هوءَ ساڻس گڏ نه هوندي.

ڪوشليا ڪٻٽ مان پنهنجا گنگهروُ ڪڍيا ۽ پٽ تي ڦٽا ڪري ڇڏيائين. سندس ماءُ اهي ڪٺي پيتيءَ ۾ رکڻ لڳي، جو ڪوشليا اُهي ڦري ڪٺي پري ڪنڊ ۾ زور سان اُڇلايا ۽ هڪ منو، پر دل ڇيريندڙ آواز ڪمري ۾ پرجي ويو.

گوبندرام ٻئي ڏينهن جون جهاز جون ٽڪيٽون وٺي سڀجي ڪئبن رزرو ڪرائي آيو. جڏهن اهي ٽڪيٽون شيام جي هٿ ۾ ڏنائين. تڏهن شيام جو سڄو بدن ڪنبي اُٿيو. هيلتائين تيار ڪندي به سندس من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اها اُميد لڪل هئي ته شايد پڇاڙيءَ جي وقت سيڪجهه پلٽجي ويندو. ليڪن سفر جي وقت اچي مٿان پيو ۽ هو پنهنجي ڪنهن به جگري دوست سان گڏجي نه سگهيو هو. هن سان موڪلائڻ بنا هوُ ڪيئن وڃي سگهندو؟ هن ڪوشليا وٽ وڃي چيو، ”ڪوشي، هڪ ڪم ڪندينءَ؟“

ڪوشليا عجب ۾ پيئي. ههڙي نيزاري شيام جي سڀاءُ جي بلڪل اُبتڙ هئي. ڪيترا مهينا گهر جو هڪ ڀاتي ٿي رهڻ وقت به شيام ڪوشليا جو ڪو ٿورو کڻڻ نه چاهيندو هو.

شيام سندس پر ۾ ويهي چيو، ”ٿوري وقت لاءِ ڪار کپي.“

ڪوشليا پنهنجون وڏيون اکيون سندس منهن ۾ کپائي چيو، ”تون ڪار هلائڻ ڪڏهن سکئين؟“

”سکيو ڪونه آهيان. هڪ ضروري ڪم اٿم- توکي به گڏ هلڻو پوندو.“

ڪوشليا ٿپ ڏيئي اُٿي.

ڪار هوا کي چيريندي تيز رفتار سان هلڻ لڳي. ڪوشليا جا وار اُڏامي شيام جي ويجهو آيا. شيام کي اڳيون يادگيريون آيون. هن

پڇيو، ”ڪوشي، تون ايءا ڊانس سکڻ ويندي آهين؟“
ڪوشليا چيو، ”توکي منهنجي ڊانس وڻندي هئي نه؟“
”ها، ڊانس ڪرڻ وقت تون بي ڪوشليا هوندي آهين.“
”اهو ڪيئن؟ ڪوشليا ته هڪ آهي. بي ڪوشليا ڪٿان آئي؟“

ڪوشليا آرسيءَ ۾ شيام ڏانهن نهاريو. سندس چپن تي وڻندڙ مرڪ هئي.

شيام دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. ”الائي، پر شايد هر انسان کي ٻه روپ ٿين ٿا.“

ڪار اچي يوسف جي گهر وٽ بيٺي. در يوسف جي ياڄائيءَ کوليو ۽ هوءَ کين اندر وٺي ويئي. ”يوسف ۽ نوري ڪٿي آهن، ياڀي؟“ يوسف جي ياڄائي ڪجهه دير ٽڪٽڪي لڳائي شيام ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ چيائين، ”هو ڪالهه نوابشاه ويا. سندن وڏو ڀاءُ ٻه ويو آهي. نوريءَ جي والد جون ٻه تارون آيون هيون، هو سخت بيمار آهي. هو وڃڻا ٿيون ڏينهن هئا، پر هڪ ڏينهن وڌيڪ ترسيا ته متان تون اچين. يوسن توکي هاسٽل ۾ ٻه ڳولهي آيو پر تنهنجو ڪٿي پتو ڪونه پيو.“

شيام جي هٿن مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيو. هو ڪجهه دير سانت ۾ ويٺو دريءَ تي رکيل ڪونديءَ ڏي نهاريندو رهيو. نڪر جي اُن ڪونديءَ تي جڏهن نوري چٽسالي ڪري رهي هئي، تڏهن شيام ٻه سندس پر ۾ ويٺو هو.

شيام اُن وقت چيو هو، ”نوري هيءَ ڪوندي ته ٿوري نوڪر لڳڻ سان ٺي پڄي پوندي، تون هيتري محنت ڇو ٿي ڪرين؟“

نوريءَ مرڪي وراڻيو هو، ”اِنساني بدن ٻه ته ٺاڪئون آهي- اڄ آهي سياڻي نه آهي. تڏهن ٻه زندگيءَ کي سندر بڻائڻ لاءِ اِنسان ڏينهن

رت ڪيئن نہ پگھر وهائين ٿا.“

شيام واپس حقيقت ۾ اچي چيو، ”۽ سندر؟“

”سندر جو پتو ڪونهي. ٻہ چار ڏينهن اڳ پوليس سندس ڪمري جي تلاشي وٺڻ آئي هئي.“ هن مرڪي چيو، ”پر هو جوان مڙس آهي، پوليس جي هٿ اهڙو سولو نہ ايندو.“

ڪوشليا چيو، ”هلون؟“

شيام چيو، ”پاپي، اسين بمبئي وڃي رهيا آهيون. نوريءَ جي پاپيءَ چيو، ”ترسو....“ هوءَ وڃي چانهہ جي ٽري کڻي آئي. ”شيام. نوري تنهنجي لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ ڪجهہ رکي ويئي آهي، هل تہ کڻي اچون.“

شيام نوريءَ جي ڪمري ۾ گھڙيو تہ اهڙو ڀُڻڀُير ٿي ويو جئن شرڌالو مندر ۾ گھڙڻ سان ٿيندو آهي. صاف وڏي ڪمري ۾ نوري بيٺي هئي. سندس سوڪيمر سرير هر هر ٽپو ڏيئي اچي ٿي شيام جي سامهون بيٺو. جاڙن ٿي موتئي جون ڪونڊيون رکيون هيون، جن ۾ ڪجهہ گل بيٺا هئا ۽ اُنهنجي سرهاڻ ڪمري ۾ ڦهليل هئي.

پاپيءَ ڪبٽ کوليو. هٿ سان ٻريل هڪ رومال ۾ هڪ ڪتاب پيو هو. رومال تي تمام سهڻو ڀرت ٿيل هو. شيام جئن رومال جا تهہ کوليا تئن اندر هڪ ڪاپي ڏسڻ ۾ آيس ۽ هڪ چٺي اچي پٽ تي پيئي.

شيام نئڙي پنو هٿ ۾ کنيو. سندس هٿ ڏڪي رهيو هو.

نوريءَ جي هيءَ ڏانهنس پهرين چٺي هئي.

”شيام،

الائي ڇو منهنجي دل چئي رهي آهي تہ تون وڃي رهيو آهين. مان ڪيترو دل کي سمجهايان پيئي، پر دل مڃيئي نٿي.

هن سان گڏ منهنجي ڊائري اٿيئي. گھڻن سالن کان مون هيءَ

ڪاپي پاڻسان گڏ رکي آهي. جڏهن بہ دل ۾ جذبات جي وير چڙهندي آهي تہ هن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي ڇڏيندي آهيان. تنهنجو ڪتاب پڙهڻ وقت بہ من ۾ جيڪي خيال جاڳيا هئا اُهي هن ڊائريءَ ۾ درج ڪيا اٿم. انڪري هيءَ ڊائري منهنجي دل جي آرسي اٿيئي، اُنکي سنڀالي رکج.

هڪ ٻي ڳالهہ. مون توکي پنهنجي شاه جو رسالو ڏنو هو. اڪيلائيءَ ۾ منهنجو اهوئي ساٿي هو. اڪيلائيءَ ۾ مان هن ساٿيءَ جي ضرورت هاڻي بہ محسوس ڪندي آهيان. مان بازار مان ٻيو ساٿي ڳنهڻ نٿي چاهيان. تون هڪ ڪاپي وٺي اُن تي پنهنجو دستخط ڪري منهنجي لاءِ ڇڏي ويج ۽ منهنجو ڏنل رسالو سدا پنهنجي پر ۾ رکج ۽ انجام ياد رکج تہ توکي شاه جي سڳنڌ دور تائين ڦهلائڻي آهي.

شل سائين تنهنجو ڀلو ڪندو

نوري."

شيام خط مان اکيون ڪڍيون- پاپي ڪمري ۾ ڪانہ هئي.

شيام ڪجهہ گهڙي ٽيڪ ڏيو ڪيتري دير ويٺو هو. هيءَ ڪنهنجو ڪمرو هو؟ هوءَ ڪير هئي؟ هن ڪمري جي هر چيز ۾ هوءَ سمايل هئي، پر هوءَ هتي ڪانہ هئي. هوءَ هتي ڪانہ هوندي تڏهن بہ موتئي جا گل اُپرندا. مان هن ڪمري ۾ ڪونہ ايندس تڏهن بہ هي گل روز اُپرندا ۽ سرهاڻ ڦهلائيندا. تڏهن هوءَ اڪيلي ڇا ڪندي؟ ڇا هوءَ دريءَ وٽ بيهي دور نهاريندي رهندي؟

شيام ڪمري کان ٻاهر آيو تہ سامهون پاپي گڏيس. هن جي هٿ ۾ شربت جو گلاس هو. پاپيءَ چيو، "تون چانهہ نہ پيءُ شيام. نوريءَ هيءُ شربت گهر ۾ ٺاهيو هو. سندس خيال هو تہ هيءُ شيشو توکي هاسٽل ۾ کڻي وڃڻ لاءِ ڏيندي، گرمي آهي نہ."

شيام ۽ ڪوشليا ٻاهر نڪتا. شيام چيو، "ڪوشي، گاڏي ڪاٿي

هل، مونکي هڪ ڪتاب ونڻو آهي.“
”ضروري ڪپيٽي؟ ڪافي دير ٿي چڪي آهي ۽ اجا سامان پڌڻو آهي.“
”ضروري ڪپي، ڪوشي.“
ڪار ۾ ڪيترو وقت بلڪل سانت رهي.
ڪوشيءَ پڇيو، ”هيءُ نوري ڪير آهي؟“
شيام آرسيءَ ۾ ڪوشليا جي منهن ڏانهن نهاريو. ”هوءَ الائي ڪير آهي، ڪوشي. پر مان ائين پيو سمجهان تہ هوءَ منهنجي چؤطرف ڦهليل هوا ۾ حاضر آهي ۽ سدائين حاضر رهندي. هوءَ سدائين مونسان رهندي. مان جيڪو بہ ساه کڻندس، هوءَ اُن ساه سان اندر ايندي.“
جهاز پاڻيءَ ۾ ٽپڪيون هڻي ڏيري ڏيري هلي رهيو هو. جيئن ٻار پاڻيءَ جي گينديءَ ۾ ٽپڪيون هڻي آواز ڪندو آهي، تيئن جهاز بہ راند ڪري رهيو هو. جهاز سانت هو، پر جهاز ۾ چڙهيل انسانن جون دليون دانهون ڪري رهيو هيون. سڀ اُداس هئا، سيني جا منهن لٿل هئا. قدرت جي وشال گود ۾ بہ اهي انسان اُن ماءُ لاءِ ترڦي رهيا هئا، جا ڪانئن وچڙي چڪي هئي.
شيام- ماءُ ڪي اُٽيون ٿي پيون هيون ۽ ڪوشليا جي ماءُ سندس پير ۾ ويهي ڪيس آٿت ڏيئي رهي هئي. سرلا پنهنجي بيمار ٻار جي پرگهور لهڻ ۾ پوري هئي. ڪوشليا بہ ٿي انگريزي ناول ساڻ آندا هئا. جي سندس وهاٽي جي پير ۾ رکيل هئا. شيام اڪثر ڊيڪ تي ويٺو لهرن ڏي نهاريندو رهندو هو. سندس وار ايوڳا هئا، منهن مرجهايل، ۽ هنجا چپ جڻ ڪنهن سبي چڏيا هئا. نوريءَ چيو هو، ”شيام، هڪ ڏينهن اسين پاڻيءَ جي جهاز ۾ دور دور هلنداسين، سمنڊ جي ڇولين تي ناچ ڪندا. سمنڊ تي صبوح جو سج اُيرڻ ۾ شام جو سج لهڻ ڪيترو نہ سندر هوندو!“ ۽ شيام اڄ اڪيلو وڃي رهيو هو. سانجهيءَ جو هوُ دور

اولهه ڏانهن نهاريندو هو، ليڪن سندس دل جي مڪڙي ڪڏهن ترڙي نه سگهي.

ڪنهن وقت ڪوشليا ٻه شيام جي پاسي ۾ ڊيڪ تي اچي بيهندي هئي ۽ ٻئي سانت ۾ دور اُفق ڏانهن نهاريندا هئا. سمنڊ ۾ آڪاس هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي هڪ ٿي ويندا هئا ۽ ڪاري پاڻيءَ جون ٿڌيون ڦينگون اُڏامي اچي سندن مٿان پونديون هيون. ڪڏهن هو ڊيڪ ڏي نهاريندا هئا، جتي سامان ۽ مسافر ڳاهٽ ٿيا پيا هئا. گهٽ روشنيءَ ۾ اها پروڙ ڪانه پوندي هئي ته ڪهڙا ماڻهو آهن ۽ ڪهڙو سامان آهي. ڪڏهن ڪڏهن اتان روئڻ جو آواز ايندو هو- ٻارن جو روئڻ نه، بالغن جو روئڻ. ۽ بالغن جو رئڻ سڄي وايو منڊل کي روئاري ڇڏيندو آهي. هيٺ ٻه هڪ کي ٻڌي ڏهه ڄڻا روئي ويهندا هئا ۽ باقي بچيل ٻه سڏڪا ڀرڻ لڳندا هئا. چؤطرف روح هوا ۾ ڇيڪليون پائيندو هو.

گهري اونداهي رات هئي. شيام ڊيڪ تي ڪرسيءَ تي ويٺو تارن ڏانهن نهاريندي ڪجهه سوچي رهيو هو. گذري ويل ڏينهن جون يادگيريون تازيون ٿي سندس اَندرين اک اڳيان سنيما وانگر لنگهي رهيون هيون. شيام ڏٺو: هڪ سندر وادي آهي، جنهنجي ڀن طرفن کان پهاڙ آهن ۽ وچهه نهر جي پير ۾ سايون ٻنيون آهن. چؤطرف روشني ڦهليل آهي، چاڪاڻ ته مٿي سج چمڪي رهيو آهي. شيام ڏٺو ته اهو سورج سندر جو هڪ روپ آهي. هن جي اندر واري چيو، "سندر، تنهنجي قرباني، تنهنجي دماغي ۽ آتمڪ جرئت، تنهنجي محنت ۽ تنهنجا آدرش صرف تنهنجا نه آهن. اُهي چؤطرف ڦهلجندا ۽ منهنجا ٻه آدرش ٿي رهندا. تو پنهنجي زندگي اربي آهي ٻين لاءِ. تون سج آهين جو سيني کي روشني ڏين ٿو. گرمي ڏين ٿو جيئن سڀ گرم رهن، پر پاڻ جلندو رهين ٿو."

ڏينهن ويو، رات آئي. واديءَ مٿان اولهه ۾ شام جو تارو چمڪڻ

لڳو. تاري منجهان نوري ليٽا پائڻ لڳي. شيام جي دل چيو، ”نوري، تون ڪيتري دور آهين، پر تڏهن به هميشہ منهنجي پر ۾ رهندينءِ. تنهنجي ياد سدا مونکي ڏکن ۽ ڪشالن ويل سر اوچو جهلڻ لاءِ آماده ڪندي رهندي. جڏهن به مان رستو ڀلجندس تہ تون تاري جيان مونکي صحيح رستو ڏيکاريندينءَ. جڏهن مان نا اُميديءَ جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳندس، تڏهن تنهنجي مرڪ مونکي ياد ڏياريندي، تہ انسان ۽ انسان جو پورهيو ناس نٿو ٿئي. انسان سدا زنده آهي، هوُ اَنسانيت جي روپ ۾ امر رهندو. تنهنجون پوتر نگاهون ۽ ڀالو ڀولو چهرو سدا منهنجي دل جي گل کي پاڻي ڏيندا رهندا ۽ مونکي اتساه ڏياريندا تہ مان بہ هن دنيا ۾ پوتر رهان. گند جي تلاءَ ۾ رهندي بہ ڪنول جيان مٿي هجان.“

اوچتو هڪ وڏي لهر آئي. کاري پاڻيءَ جون بوندون شيام جي منهن ۽ ڪپڙن تي اچي پيون. شيام اکيون کوليون تہ ڏٺائين تہ سندس ڪرسيءَ پٺيان ڪير شال اوڍي کڙو آهي. شيام نگاهون مٿي ڪيون۔ ڪوشليا بيٺي هئي.

ڪوشيءَ چيو، ”شيام. رات ڪهڙي نہ ڀيانڪ آهي!“ هوءَ ڦري اچي سندس پر ۾ ويٺي. ”ڇا اسين وري موٽي سنڌ نہ هلنداسين؟“

شيام چيو، ”منهنجي دل کي نا اميدي آنڌيءَ جيان گهيري رهي آهي.“

ڪوشليا شيام جي گوڏن تي ڪنڌ رکي آڪاس طرف نهارڻ لڳي. شيام ڏٺو، هوءَ تمام اُداس آهي ۽ سندس سرير ڪنبي رهيو آهي. شيام سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳو ۽ ڪوشيءَ کي اُتيئي ننڊ اچي ويئي.

سمنڊ گجي رهيو هو. آڪاس ڪاري چادر اوڍي هئي. شيام جي قميص ڪيترن هنڌان سمنڊ جي پاڻيءَ آلي ڪري ڇڏي هئي. شيام محسوس ڪيو تہ ڀين ماڻهن جيان هوُ بہ ڪي ملڪيتون سنڌ ۾ ڇڏي

آيو هو، پر اهي ملڪيتون ڏن نہ هو، زمين ۽ جايون هيون. سهڻي، نوراللہ، سندر، يوسف ۽ نوري هيءَ سڀ ڪير هئا؟ هو سڀ سندس زندگيءَ ۾ ڪيئن آيا ۽ ڪيڏانهن ويا؟ ڇا هو اُنهن کي ڪڏهن وساري سگهندو؟ هو جڻ پنهنجي دل جا ٽڪرا ڪپي هنن کي ڏيئي آيو هو ۽ اُن جي بدلي هنن جي دلين جا ڪپيل ٽڪرا ڪٺي هن پنهنجي دل سان ڳنڍيا هئا. هو اُهو ساڳيو شيام نہ هو، جو سندس ماءُ- پيءُ ڄڻيو هو. ۽ اڄ هو ماءُ کي ڇڏي دور ويجي رهيو هو.

شيام ڄڻ خواب ۾ ڳالهائيندي چيو، ”مان توهان وٽ موٽي ايندس، موٽي ايندس، موٽي ايندس.“

# سنڌ : پيپلز پارٽي کان ڄام صادق علي تائين

## ف۔ م لاشاري

◉

سنڌي، فلسطينين وانگر پنهنجا ماڳ ڇڏي ڪيڏانهن وڃن. هن وٽ زندگيءَ جو ڪوبه متبادل رستو ان ڪري ڪونهي جو وڏي پئماني تي سياسي منافقتن جو شڪار ٿيا آهن. سندن جيئاپي جي جدوجهد جيڪا به ٿوري گهڻي ٿئي ٿي، سا ڪنهن نه ڪنهن مخصوص گروهه لاءِ سوديبازي ڪرڻ جو وڪر بڻجي پوي ٿي. ڏتڙيل ماڻهن جي پنهنجن مسئلن جي بنيادن تي سياست ڪئي ئي نه وئي آهي.

◉

قبلا! اکيون کوليو! هاڻي دور بدلجي ويا آهن. قومي اهميت جي معاملن تان رڳو ايم ڪيو ايم خلاف زوردار اخباري بيان ڏئي ڏيان نه ٿا هٽائي سگهو. هاڻي ڪاري ڏاند جا مالڪ جاڳڻ جي مرحلي ۾ آهن. جيڪي توهان جي ٻين سان ته ڇڏيو پر خود توهان کي پنهنجي مرتبن سان به بي انصافي ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندا. ذهن ۾ رکڻ کپي، ته ماڻهو پنهنجي ووٽ سان جيڪا عزت توهان کي ڏين ٿا، تنهن کي خود توهان جي هٿان نقصان پهچڻ نه ڏيندا. ان شيءِ، ان امانت کي سنڀالڻ سکو. عهدا ماڻڻ جو مطلب رڳو اخبارن ۾ ڦوٽو ڪيائڻ ناهي.

◉

معاشري ۾ سمورا آدرش ۽ آئيڊيل آزمائجي چڪا آهن. اسلام، پاڪستان جو آئيڊيل آهي، پر پاڪستان، اسلام لاءِ ڪربلا جو ميدان ثابت ٿيو آهي. جمهوريت پاڪستان جو سياسي آدرش آهي، پر اُن سان جيڪا جٽ ٿي آهي، تنهن جا ڪيتا سقراط کان وٺي ذوالفقار علي ڀٽي تائين لوڙيا ويا آهن. صنعتي ترقي پاڪستان جو آئيڊيل آهي، پر سرمائيڪاري ملٽري ڪامپليڪس ۽ سول بيوروڪريسي جي چٽيءَ کان ٻاهر ممڪن ڪانهي، جنهن ڪري قومي سرمائيدار بدران دلال سرمائيدار ڪليو ڪلايو ويٺو آهي. سوشلزم به پاڪستان جي "گهاٽي سرنهن" آزمائي وئي آهي، مضبوط مرڪز، ون يونٽ، هٽ ٺوڪيو وفاقي سرشتو- سڀ پنهنجا پريا ڏوٺي بيٺا آهن. نتيجي ۾ پاڪستان، هاڻي ڪنهن به "سماجي معاهدي" جو نالو ناهي ۽ اُن جو دستاويز نئين سر ٺاهڻ جي ضرورت زور سان اُڀري آئي آهي.

قيمت 90 رپيا